# گُلٽ جا گُفتا

سيّد يار محمّد شاه



# ارپنا

## دل جي ڳالھ

جيئن تہ ١٣ رجب

حضرت علي عليھ والسلام جي ولادت

جو ڏينھن آھي. ۽ ان سان گڏ

اسان لاءِ اھا بہ خوشي جي ڳالھ آھي تہ

اج ھن ڪتاب جا ڪم بہ پنھنجي پڄاڻيءَ تي پھتا آھن.

تنھن ڪري اسان پنھنجا سمورا جذبا ، احساس ۽ ھي ڪتاب

سندن اعليٰ ذات کي، سندس ھن وقتائتي

قول سان ارپيون ٿا:

جيڪو عالمي دھشت گرديءَ جي حوالي سان اڄ

نہ پھ نھڪي اچي ٿو:

”جيڪو شخص خراب ڪم جو بنياد وجھي ٿو،

سو جڻ ان کي پنھنجي جان مٿان قائم ڪري ٿو.“

**سيد يار محمد شاھ**

# ســتاءُ


پبلشر جو نوٽ: انعام عباسي 9
مهاڳ: ـــــــ علي قاضي 11
ڪجهه ڪتاب جي باري ۾، ۽ ڪجهه پنهنجي باري ۾ 15
ـــــــــ سيد يار محمد شاهه ـــــــــ


## حصو پهريون: گلڻ جا گفتا


*1 - زال جو شوق* 23
*2 - نج سنڌي*27
*3 - انعام اڏو اڏ*32
*4 - ٻڪر ۽ ميمبر*36
*5 - ويري گڏ آمريڪا*40
*6 - آءِ. ايم. ايف* 44
*7 - گفتا ۽ خواب*49
*8 - گلڻ جا آخري گفتا*53
*9 - گلڻ جي بولتي بند ٿي وئي*59
*10 -جهان خان وايا قنڌهار*65


## حصو ٻيو: ناٽڪ


*1 - وڏيـــــرو اِن آمـــريـــــڪا* 71


## حصو ٽيون: تصويرون 83

## حصو چوٿون: سنگت چيو....


سيد عالم شاهه: منهنجو دوست منهنجو مائٽ 93
شمشيرالحيدري: گهڻ رخو ماڻهو 110
جي.اين مغل: هر فن مولا 112
ناز سهتو: هڪ بيقرار روح 119
منظور قريشي: واهه يارل واهه 120
نواز علي سمون:ريورس شاٽ 122
اسرار احمد مغل:ستين سوڪڙي 129
اظهر حسين سمون : *GOD GIFTED* ماڻهو 132


## آخري اکر:ٽوراڻتو آهيان هنن استادن جو: يار محمد شاهه 136


پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

## پبلشر جو نوٽ

# اسان جو اٺون ڪتاب

نئون نياپو اڪيڊمي پاران سيد يار محمد شاهه جو ڪتاب: ” گلڻ جا گفتا“ پيش ڪندي سچ تہ دلي سرهائي ٿي رهي آهي. هي اسان جي اداري پاران پڌرو ٿيل اٺون ڪتاب آهي، ۽ ترت ٻيا بہ مختلف موضوعن تي ڪتاب پڌرا ٿيندا.

هونءَ تہ اسان انيڪ سنڌي ۽ ڪجهہ نالي وارن پرڏيهي ليکڪن جا ڪتاب شايع ڪيا آهن. پر هي ڪتاب مون لاءِ ڪجهہ وڌيڪ نرالو ۽ موهيندڙ آهي، ڇو جو سيد يار محمد شاهہ سان ٿوري ئي عرصي ۾ ڏاڍي پنهنجائپ ڀري فضاقائم ٿي پئي آهي ۽ سندس ٻاجهہ ۽ ٻين لاءِ وڌيڪ ڀلو ڪري سگهڻ جو جذبو پڻ ساراهڻ جوڳو آهي .

۽ هن ڪتاب جي ڪهاڻي: جيئن تہ ضرور سڀ نہ تہ بہ گهڻائي ڄاڻن ٿا تہ مان بہ ٽي وي جي سنڌي شعبي سان ٿورو گهڻو ڇاهہ رکان ٿو،سو هن ڪتاب جي ڪهاڻي بہ ٽي وي جي اسٽوڊيو-کان شروع ٿئي ٿي. هڪ ڊرامي جي رڪارڊنگ دوران . سيد يار محمد شاهہ چيو:” انعام! ڇا تون ڪتاب ڇپرائيندو آهين؟“ منهنجي هاڪار ڪان ترت پوءِ سائينءَ چيو: ” مان گلڻ جاگفتا“ ڇپرائڻ چاهيان ٿو، تون ڪڏهن ٽائيم ڪڍ تہ ويهي ويچاريو.“

ائين هن ڪتاب جي ڪهاڻي شروع ٿي پئي، پوءِ هڪ ڊگهو ۽ ٿڪائيندڙ سفر شروع ٿئي ٿو.......

مان وڏيءَ دل سان اهو مڃي ٿو ونان تہ هن ڪتاب جي سموري خوبصورتي پروفن ڪا وني بائيڊنگ تائين سيد سڳوري جي محنتن ۽ ڪاوشن جو نچوڙ آهي ۽ هن ڪتاب ۾ رهجي ويل شيون ۽ ٻيون سڀ

ڪوتاهيون منهنجي ڪاتي ۾ سمجهيون وڃن.

وڏيڪ اهو ته ادارو ڪوشش ڪندو ته سيد يار محمد شاهه جا ٻيا به ڪتاب ترت ڇپرائي. پر اهو سڀ سائينءَ تي ڇڏيل آهي ته هو ٻي ڪتاب جو مسودو هو ڪيترو جلد ٿو ڏئي.

۽ ادارو پڙهندڙن مان به اها اميد ٿو ڪري ته اهي ترت پنهنجي راءِ کان آگاهه ڪندا.

۽ آخر ۾ اهي ساڳيا پراڻا لفظ ته جي هن ڪتاب مان به ڪنهن هڪ پرايو ته اسان لک ڪٽياسي.

انعام عباسي
چيئرمن
نئون نياپو اڪيڊمي

مهاڳ

# هو ماڻهن سان اداڪاري نٿو ڪري!

يار محمد شاهه ايم اي پوليٽيڪل سائنس ۾ ڪئي آهي، پر سياست جي ڊگري وٺڻ باوجود به مون هن جي طبيعت ۾ ڪڏهن سياست ناهي ڏٺي، ڇو ته هو نه ڪڏهن سياستدانن وانگي ڏتا ڏيندو آهي ۽ نه وري انهن وانگي مون هن ۾ ڪڏهن ڪرسيءَ جو خيال ڏٺو آهي. باقي ٿي سگهي ٿو ته انهيءَ ڊگريءَ جو ئي اهو اثر هجي جو هي اداڪار ٿي ويو. يار محمد شاهه سياست ته نه ڪئي. پر مان سمجهان ٿو ته جيڪڏهن هي سياست ڪري ها ته ڪيس يقينن ڪاميابي حاصل ٿئي ها. ڇو ته هن ۾ سياست واري سموري ميرٽ موجود آهي. هڪ ته هيءُ سيد ٻيو ٿورو گهڻو زميندار ۽ مٿان وري اهو جو ڪيس "اداڪاري" به اچي ٿي ته پوءِ باقي سياست نه ڪرڻ جو ڪو سبب مون کي سمجهه ۾ نٿو اچي!

بحرحال يار محمد شاهه کي دنيا پلي اداڪار جي حيثيت ۾ گهڻو سڃاڻندي هجي. پر مان هن کي هڪ ته پنهنجي دوست جي حيثيت ۾ سڃاڻان ۽ ٻيو ان گلڻ جي حيثيت ۾ سڃاڻان. جنهن گلڻ جا گفتا اسان ڪاوش ۾ شايع ڪرڻ شروع ڪيا. اسان جي شروع کان اها ڪوشش رهي آهي ته ڪاوش ۾ جيڪي به ڪالم يا آرٽيڪل شايع ٿين انهن کي دانشوريءَ جو ڪو گهڻو " تڙڪو" لڳل نه هجي. اسان انهن ۾ عوامي رنگ، عوامي ٻولي ۽ عوامي مسئلن کي ترجيح جي حق ۾ رهندا آيا آهيون. جڏهن يار محمد شاهه "گلڻ جا گفتا" جي نالي سان ڪاوش ۾ ڪالم لکڻ شروع ڪيا ته مون ان جا ڪالم رڳو انهيءَ ڪري شايع نه ڪيا جو هي منهنجو دوست آهي، پر انهن ڪالمن مٿي ذڪر ڪيل ميرٽ تي پنهنجي جاءِ پاڻ ناهي انهن ڪالمن ۾ دانشمنديءَ جون ڳالهيون نه ڪيل هيون، پر انهن ڳالهين جو انداز اهڙو دانشوراڻو نه هو جو عوام

جي ”مٿئين منزل“ کي ماڳهين مونجهاري ۾وجهي ڇڏي ۽ اها دانشوري سمجهڻ لاءِ پڙهندڙن کي اخبار جي قيمت سان گڏ هرو ڀرو به مٿي جي سور واري گوريءَ جي قيمت به ادا ڪرڻي پوي. انهن ڪالمن ۾ عوام جون ڳالهيون عوام جي ٻولي ۽ عوام جي رنگ ۾ ڪيل هيون. انهن ڪالم کي ”سنگت“ جي بنياد تي هلائڻ واري ڳالهه انهيءَ ڪري به نه سمجهڻ گهرجي جو اسان يار محمد شاهه جا ڪيترائي ڪالم ڪاوش شايع ڪرڻ کان لاچاري به ڏيکاري ۽ بقول يار محمد شاهه جي ته ”اهي ڪاوش رديءَ جي ٽوڪريءَ ۾ اڇلائي ڇڏيا.“ مان سمجهان ٿو ته ڪنهن لکندڙ جي اها ئي وڏي خوبي ٿي سگهي ٿي جو هو، پنهنجين لکڻين جي اسيسمينٽ پاڻ به ايمانداراڻي نموني ڪرڻ لاءِ تيار هجي ۽ اها خوبي يار محمد شاهه ۾ به موجود آهي، ڇو ته هن جا جيڪي ڪالم اسان نه شايع ڪيا، تن کي هن ڪڏهن به هرو ڀرو انا جو مسئلو نه بڻايو، پر هن ڪتاب ۾ هن پاڻ ئي لکيو آهي ته انهن ۾ ضرور ڪا کوٽ هوندي.

عوامي انداز، عوامي ٻولي ۽ عوامي رنگ ۾ يار محمد شاهه جي لکڻ جي اهڙي انداز جو هڪ سبب مون کي اهو سمجهه ۾ اچي ٿو ته هن لکڻ مهل پاڻ کي ڪڏهن به اهو يار محمد شاهه ناهي سمجهيو، جيڪو زميندار آهي، جيڪو اداڪار آهي يا جيڪو سادات خاندان سان تعلق رکي ٿو، جنهن خاندان وٽ مريد به هجن ٿا ته انهن مريدن جي نياز نوڙت به هجي ٿي، جيڪا نياز نوڙت ڪڏهن ڪڏهن پيراڻي گاديءَ جي ماڻهن کي مغرور بڻائي ڇڏيندي آهي، لڳي ٿو ته يار محمد شاهه پنهنجي مريدن جي نياز نوڙت تي مغرور ٿيڻ بدران جڻ ته اها نياز نوڙت پاڻ ۾ اوتي ڇڏي آهي. جيڪا هن سان روبرو ٿيل ملاقاتن ۾ به محسوس ٿيندي ته هن جي ڪالمن ۾ به، ان جو احساس ٿيندو. هي مون کي واقعي به ڇهڇٽي وارو اهو يار محمد شاهه لڳندو آهي، جنهن کي جيڪڏهن زمين تي ويهاري ڇڏجي ته زمين تي ويهي رهندو ۽ جيڪڏهن ڇپڪل ڪٽ تي ويهارجي ته اتي ويهڻ ۾ به نخرا نه ڪندو. ڇيو اهو ويندو آهي ته ٽي ويءَ جا اداڪار بيو ڪجهه به ڪري سگهن ٿا، پر گهٽ ۾ گهٽ ٽي ويءَ جي پروڊيوسرن جي شان ۾ ڪا ”گستاخي“ ڪرڻ انهن جي وس ۾ قطعي به ڪونهي. پر يار محمد شاهه جڏهن يار محمد شاهه

مان ڦري گلڻ ٿئي ٿو ته ان وقت هو ٽي وي پروڊيوسرن جي باري ۾ به اهو ڪجهه ڳالهائي ٿو جيڪو ڳالهائڻ سان ڪنهن ٽي وي اداڪار جي ٽي وي اسٽيشن ۾ داخلا تي پابندي به پئجي سگهي ٿي. هن ڪتاب ۾ هن هڪ ڪالم ۾ اهو لکي ڇڏيو آهي ته "ٽي وي پروڊيوسر نون فنڪارن جا چيڪ ڪائي ويندا آهن ۽ پراڻن فنڪارن کي چيڪ وڏائي ڏيندا آهن جيڪي وري پروڊيوسرن کي گفٽ شفٽ ڏئي ويندا آهن." گلڻ خان جي روپ ۾ هن وٽ رڳو پوليس کاتي جي ڪلورن يا وري روينيو جي راتاهن جو ذڪر ڪونهي، پر هو هر ان شعبي تي تنقيد ڪري ٿو، جيڪو شعبو تنقيد لائق آهي.

يار محمد شاهه يونيورسٽيءَ ۾ پڙهڻ دوران شاگرد يونين ۾ سرگرم به رهيو ان ڪري هو جهڙي نموني ڀهراڙيءَ جي تجربن تحت پوليس ۽ اتان جي وڏيرن کي تنقيد جو نشانو بڻائي ٿو، تئين ئي هو "ڪامريڊ" لفظ جو اصطلاح استعمال ڪري شاگرد سياست تي به ڳالهائڻ جي جرئت ڪري ٿو. هي سياست جو شاگرد هجڻ باوجود سياست ته نه ڪري سگهيو، پر پنهنجي ايل ايل بي واري ڊگريءَ جو جيڪڏهن هو پروفيشنلي ڪو استعمال نٿو ڪري تڏهن به وڪالت کي هن پنهنجي عادت ۾ شامل ڪري ڇڏيو آهي. جيڪڏهن هن ڪتاب ۾ سندس ڪالم ڏسنداسين ته انهن ۾ وڪالت وارو احساس ضرور ٿيندو. هو پڙهندڙن جي عدالت ۾ اهي سڀ ڪيس ڪٽي اچي ٿو، جيڪي ڪيس سنڌ سان لاڳاپيل آهن. خاص طور تي پاڻيءَ واري ڪيس جي گلڻ جي واتان جهڙي نموني هو سنڌ جي حق ۾ وڪالت ڪري ٿو. تنهن کي پڙهي نه رڳو هتي پاڻي جي ڪوٽ جا "متان" وارا سبب سمجهه ۾ اچي ٿا وڃن، پر مقامي طور تي آبپاشيءَ جو کاتو جنهن طريقي سان آبادگارن کي پريشان ڪري ٿو سا ڳالهه به انتهائي چڱي نموني چٽي ٿي وڃي ٿي. آبپاشيءَ جي عملدارن پاران پاڻيءَ جي وڪري ڪان وٺي، شاخن کي گهارا پوڻ تائين ۽ ماڊيول پيچڻ کان وٺي، کاتيءَ جا پئسا کائڻ تائين سمورا باريڪ معاملا تڏهن آسان ٿي وڃن ٿا، جڏهن يار محمد شاهه گلڻ بڻجي پوي ٿو، ٿي سگهي ٿو ته هنن ڪالمن ۾ يار محمد شاهه آبادگارن جي مسئلن کي انهيءَ ڪري به گهڻو واضح ڪيو هجي جو هو،

زميندار .هجڻ سان گڏ عملي طور تي پاڻ آبادگار بہ آهي ۽ آبادگار هجڻ جي ڪري پاڻيءَ جي حوالي سان ٿيندڙ مسئلن ۽ زمينن تان ٽيڪس جي اوڳاڙيءَ وارن معاملن کي ويجهڙائيءَ سان ڏسڻ جي ڪري آبپاشي ۽ روينيو کاتي کي هن وڏيڪ تنقيد جو نشانو بڻايو آهي ۽ ڀهراڙيءَ ۾ گهڻو وقت گذارڻ جي ڪري ئي شايد هو پوليس جي انهن "فنڪارين" کان گهڻو واقف ٿي سگهيو آهي، پوليس جون جيڪي "فنڪاريون" شهرن ۾ گهٽ نظر اينديون آهن.

مان سمجهان ٿو تہ هن مهل جيڪڏهن سنڌ جي ماڻهن جي مسئلن جو ڪاٿو لڳائبو تہ اهي مسئلا ڦري گهري وڃي، انهن ٽن کاتن تي بيهندا ، يعني پوليس، آبپاشي ۽ روينيو کاتو ۽ جڏهن يار محمد شاهہ گهڻي کان گهڻو انهن کاتن تي لکي ٿو تہ ان جو مقصد اهوئي سمجهڻ گهرجي تہ هو عوام جي بنيادي مسئلن تي فوڪس ڪري رهيو آهي. ڳالهہ بيا لکندڙ بہ اها ئي ڪن ٿا، جيڪا ڳالهہ يار محمد شاهہ ڪري ٿو، پر فرق رڳو ايترو آهي تہ بيا لکندڙ ڳالهہ کي گهڻا ور وڪڙ ڏئي، پنهنجي ڳالهہ کي دانشوراڻو "ٽڙڪو" ڏئي ماڻهن تائين پهچائن ٿا ، پر هيءَ ڪا دانشوري ڪرڻ کان سواءِ ساڳي ڳالهہ سادي نموني سمجهائي ٿو، اهو ان ڪري بہ ٿي سگهي ٿو تہ يار محمد شاهہ اداڪار هجڻ باوجود ماڻهن سان ڪا "اداڪاري" نٿو ڪري.

**علي قاضي**
ايڊيٽر: روزاني "ڪاوش"
حيدر آباد

ڀ اڪـر

# ڪجهہ ڪتاب جي باري ۾
# ۽ ڪجهہ پنهنجي باري ۾

ڪالمن جي ڪتاب آڻ جو اشتياق مون کي پهرين ڪالم ڇپجڻ سان ئي ٿيو هو، علي قاضي صاحب "ڪاوش" اخبار ۾ منهنجين ڪچين ڦڪين لکڻين کي جاءِ ڏني تنهن لاءِ سندس ٿورائتو آهيان. ڪالم پڙهيا ويا ۽ ساراهيا ويا. ڪالمن ۾ جن شخصيتن تي تنقيدي ٿيل هوندي هئي، اهي بہ سچين ڳالهين جي ساراهہ ڪندا هئا.

عوام اڄ بہ پوليس وڏيرن ۽ ڪامورن جي ڪاٺ ۾ قابو آهي ۽ اهو سلسلو ائين ئي جاري رهندو، جيسين تعليم اسان جي سماج جي پاڙن ۾ نئي پيوند ٿئي. لکڻ ۽ ڳالهائڻ جي بيماري ان ڪري وڌيل آهي، جو سڄي زندگي ڪجهہ ڪرڻ ۽ وڌيڪ بهتر ڪرڻ جي جدوجهد ۾ گذري آهي. مشاهدو ۽ مطالعو مون کي گهٽو ڳالهائڻ ۽ گهٽو لکڻ لاءِ اتساهيندو رهي ٿو.

ڪالم لکڻ جي شروعات روزنامہ "آفتاب" ۾ " واهہ سائين واهہ" جي عنوان سان ڪيم. مرحوم شيخ علي محمد همٿ افزائي ڪندو هو. تڏهن مان يونيورسٽي ۾ پڙهندو هوس ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ جي اسٽوڊنٽس ايڪشن ڪميٽيءَ جي صدارت لاءِ بيٺو هوس، مختيار سرهاٽي سپاف جي پليٽ فارم تان بيٺل هو، غلام مصطفيٰ جتوئي صاحب سنڌ جو وزير اعليٰ هو. جيڪو مخدوم صاحب جي تعاون سان ان پد تي پهتو هو ۽ حلف کڻي سڌو مخدوم هائوس پهتو هو، مخدوم رفيق الزمان اسان جو پيارو دوست هو. ان کان سواءِ سيني شاگرد تنظيمن مون کي اهل سمجهي منهنجو ساٿ پئي ڏنو. ادو روشن پنهور، جيڪو سپاف جو صدر هو. اهو تہ کلو کلايو منهنجي ورڪ ڪري رهيو هو. نتيجي ۾ جتوئي صاحب کي ٻڌايو ويو تہ شاهہ صاحب ممتاز پيئي جو ماٺهو آهي، جڏهن تہ مون اڄ تائين ممتاز صاحب سان پنهنجو تعارف

ٻہ ناهي ڪرايو. توڙي جو سنڌس نياڻي منهنجي سوٽ غلام قادر شاهہ
چاموٽ جي گھر ۾ ڏنل آهي. بهرحال هاڻ اوپارين لھوارين ڪان پاڻ
بچائي، اصل مقصد تي ٿا اچو. متان ائين نہ ٿئي جو. مواد دماغ ڦاڙي
ٻاهر نہ نڪري اچي ۽ متان اسان جو موضوع اتي ئي رهجي وڃي. ذڪر
ڪالمن جو هو ان ڪري آفتاب اخبار ۾ شاگرد اڳواڻ جي حيثيت ۾
آفتاب ۽ ٻين اخبارن ۾ منهنجا بيان پهرين صفحي تي ڇپبا هئا. پُٽي
صاحب جي خواهش هئي تہ سنڌ يونيورسٽي ۾ هڪ دفعو سپاف جو
صدر اچي، آئون ۽ رفيق الزمان پاڻ مرادو جتوئي صاحب ڪي اهو ٻڌائڻ
وياسين تہ اسان توهان جا آهيون، في الحال آزاد رهڻ ڏيو. اليڪشن کٽڻ
کان پوءِ اسان سپاف ۾ شامل ٿيڻ جو اعلان ڪنداسين. جتوئي صاحب
وٽ معلوم ٿيو تہ ان ڏينهن ڊي سي حيدرآباد تي اها ڊيوٽي رکي وئي
هئي تہ هو مون کي هٿ ڪري ۽ وزير اعليٰ هائوس پهچائي. جتوئي
صاحب فرمايو، "توهان جا جيڪي بہ شرط هجن اهي پورا ڪنداسين،
نوڪري، پلاٽ ۽ پرمٽ." اسان چيو، "جن دوستن اسان کي بيهاريو
آهي ۽ ايڏو اعتماد ڪيو آهي، اسان کي انهن سان مشورو ڪرڻ ڏيو."
جتوئي صاحب فورن مخدوم طالب المولىٰ جن کي فون ڪري چيو:
"توهان هنن کي سمجهايو." قبلہ مخدوم صاحب اسان کي هالا اچڻ
لاءِ چيو، ٻئي ڏينهن آئون ۽ منهنجو پيارو دوست محمد نعيم شاهہ هالا
پهتاسين. مخدوم صاحب جن صبح کان وٺي رات تائين اسان سان
ڪچهري ڪري اسان کي قائل ڪرڻ جي ڪوشش ئي، سڄو ڏينهن
سنڌن سياسي پس منظر سان گڏوگڏ منهنجي والد صاحب جي سائن
ٽيهن سالن جي لاڳاپن بابت ۽ شوق شڪار جون ڳالهيون پڻ ٻڌيون.
اسان کي چيائون: "توهان جيڪو جتوئي صاحب کي جواب ڏنو آهي تہ
دوستن کان مشورو ڪري پوءِ جواب ڏينداسين، اهو تاريخي جواب
آهي." جيڪو اسان بہ (مخدوم صاحب ۽ پير صاحب پاڳارو)
سهروردي کي ان وقت ڏنو هو. جڏهن ان اسان کي گهرائي چيو هو تہ
"توهان مسلم ليگ ۾ شامل ٿيو تہ، اسان توهان کي فنڊس ۽ سيٽون
ڏينداسين." اسان ٻنهي ان کي اهو اوهان وارو ساڳو جواب ڏنو:" اسان
دوستن سان مشورو ڪري پوءِ جواب ڏينداسين." ان کان پوءِ مخدوم

امين فهيم گاڏي هلائي، مان ۽ پير صاحب پاڳارو پنهنجي سيٽ تي ويٺا سين، کھڙي صاحب جي بنگلي لاءِ. اتي هڪ خوبصورت نوجوان اسان جي سٺي خاطر تواضع ڪئي، تعارف ڪرايائين تہ منهنجو نالو ذوالفقار علي ڀٽو آهي ۽ آئون شاهنواز خان ڀٽو جو فرزند آهيان، بحرحال اسان پوءِ جيڪو بہ قدم کنيو، اهو دوستن جي صلاح مشوري سان. مون مخدوم صاحب کي چيو: ”مان موسيٰ خاندان جو آهيان، جيڪو ڄاموٽ خاندان جي نالي سان مشهورو آهي، مٽياري ۾ آئون ئي ان خاندان جو غريب فرد آهيان. جدوجهد جي ذريعي پنهنجو مقام ناهڻ ٿو چاهيان. منزل ملڻ واري آهي تہ توهان ڀٽي صاحب جي خواهش پوري ڪرڻ لاءِ مون کان قرباني ٿا وٺو، جي توهان ائين ئي چاهيو ٿا تہ نيڪ آهي، مان حاضر آهيان.“ مخدوم صاحب جن مون کي چيو: ”تنهنجو اثر رسوخ هن علائقي ۾ قائم رهندو، اسان توکي اسسٽنٽ ڪمشنر ڪرائي هالا ۾ ئي رکرائينداسين ۽ پوءِ تون پنهنجي علائقي ۾ باحيثيت فرد ليکيو ويندي.“ مون وراڻيو: ”قبلا سائين، آئون غريب مهدي شاهہ جو فرزند آهيان، جنهن کي ڄاموٽ خاندان پنهنجي بزرگ ۽ وڏي ٻدران پنهنجو غريب عزيز ڪري ليکيندا آهن.“

جيتوڻيڪ اسان جو گهر هڪڙو آ، ملڪيتون بہ گڏيل آهن، پر پوءِ بہ هو ڄاموٽ خاندان وارا آهن ۽ اسان موسيٰ، توڻي جو موسيٰ ساداتن جو پڳدار اڪيلو ذوالفقار شاهہ ڄاموٽ آهي؛ ۽ اها پڳ سيد محمد موسيٰ جي وڏي ڀاءُ محمد عيسيٰ شاهہ جنهن مان موجوده سادات حاجي نديم شاهہ، مير محمد شاهہ ۽ عوامي تحريڪ جو جنرل سيڪريٽري سيد محمد عالم شاهہ آهي، جيڪي عيسيٰ پوٽا سادات مشهور آهن ۽ اسان موسيٰ سادات. جيڪي اسان کان وڌيڪ خوشحال ۽ شهرن ۾ رهائش پذير آهن، اهي سڀ پاڻ کي ڄاموٽ سڏرائيندا ۽ لکرائيندا آهن. آئون پنهنجي غربت واري دور ۾ جڏهن ماٿهو گهٽ سڃاڻيندا هئا، تڏهن پنهنجي احساس ڪمتري کي لڪائڻ يا گهٽائڻ لاءِ ڪجهہ وقت پاڻ کي ڄاموٽ سڏرائيندو هوس، پر جڏهن علم اندر جي اک عطا ڪئي، تڏهن کان پنهنجي سڃاڻپ جي لاءِ هٿ پير هيم.

راج ڪپور ۽ وي شانتارام منهنجا آئيڊيل هئا. چاچا حاجي فضل علي شاهه جاموٽ فلم انڊسٽريءَ ۾ اداڪار ايس گل جي حيثيت ۾ مشهور هو ۽ بطور ولين اداڪاري به ڪندو هو. 1964ع ۾ آئون اداڪاريءَ جي شوق ۾ لاهور ويس، ڪجهه ڏينهن اسٽوڊيوز ۾ شوٽنگون ڏسندو رهيس. مشهور اداڪار ۽ صحافي اسد جعفري جي مشوري تي چاچا ڪي فلم "الفت" ۾ چانس وٺي ڏيڻ لاءِ چيو. چاچا اهڙو ڪڙو ليڪچر ڏنو جو روئيندي بنا اجازت واپس ٿيس. دل ۾ چيم هڪ ڏينهن ان کي منهنجي صلاحيتن جي ضرورت پوندي. پورن 15 سالن کان پوءِ جڏهن ٽي وي پروگرام "ڇهچٽو" اسان کي مڃتا ۽ مشهوريءَ جي آسمانن تي پهچائي ڇڏيو. تڏهن چاچا سنڌي فلم "حاضر سائين" ناهي رهيو هو. منهنجي شهرت کان آگاهه ٿي چڪو هو. روبرو به تعريف ڪندو هو. آخر پنهنجي بي فلم "سهڻا سائين" ۾ بطور اداڪار ڪاميڊين مون کي چانس ڏنائين ۽ منهنجي صلاحيتن کان متاثر ٿي اسڪرپٽ مون کي هٿ ۾ ڏئي پٺ نپري مرحوم ساقي صاحب جي سِين شوٽ ڪرڻ لاءِ چيائين ۽ ان کان پوءِ مون مرحوم کي پنهنجي فلم "علي گوهر" ۾ وزير جي مهمان ڪردار ۾ ڊئريڪشن ڏني. الله سائينءَ جي فضل ۽ ڪرم سان ڪيترن ڳالهين، وفادارين ۽ ڪم اچڻ ڪري سردار ذوالفقار علي سالار جاموٽ مون کي اڄ به "ليڊر صاحب" چوندو آهي. بحرحال ان وقت کان وٺي لکڻ ۽ اداڪاريءَ مون کي سنڌ ۽ سڄي ملڪ ۾ شهرت ۽ عزت ڏني ۽ چاچا ايس گُل مرحوم جي خواهش هئي ته هو پاڪستان فلم پروڊيوسر ايسوسيئيشن جو صدر چونڊجي ان لاءِ هڪ دفعو فارم به ڀريو هئائين. پر پنجابين ويهاري ڇڏيس ۽ الله جي فضل سان آئون اڄ پهريون سنڌي فلمساز آهيان. جيڪو پاڪستان جي فلم انڊسٽريءَ جو ٻيو دفعو چيئرمن چونڊيو آهيان. پهريون دفعو چاچا جي حياتي ۾ 98-1997ع لاءِ هاڻي 2001-2000ع تائين صدر رهندس ۽ انشاالله سنڌي فلمن ۽ پاڪستان فلم انڊسٽري ۾ نوان انقلاب آڻيندس. مون ابتدا ۾ عرض ڪيو ته مطالعي ۽ مشاهدي سبب مون ۾ گهڻي ڳالهائڻ ۽ لکڻ جي بيماري وڌيل آهي. شايد آئون پنهنجي آتم ڪهاڻي به ان ڪري لکي نه سگهندس چو ته اها ختم ئي نه ٿيندي. بحرحال سڄي

سنڌ مون کي ڊراما رائيٽر ۽ ڪالمسٽ جي حيثيت ۾ گهڻو اڳ سڃاتي "آفتاب" ۾ "واهه سائين واهه" وارو ڪالم ٻه سالن جا سال هليو، ان کان پوءِ "برسات" ۾ "چيڪ پوسٽ" جي عنوان وارو ڪالم ٻه مشهور ٿيو، پر هڪ ڪالم "سنڌ اندر پناڻن جو وجود" يوسف شاهين صاحب اهو ڪالم شايع نه ڪيو ته پاڻ ٻه خدا حافظ چئي، پر پوءِ ٻه پنهنجي ڪم ۾ لڳو رهيس، توڙي جو هو ڪالم جا 500 سو روپيا لفافي ۾ بند ڪري، اهڙي نموني سان ڪيسي ۾ وجهي ڇڏيندو هو، جو خبر نه پوندي، جڏهن ته "ڪاوش" اخبار ۾ لکڻ لاءِ مون قاضي صاحب کي گذارش ڪئي هئي، جنهن مانُ ڏنو، مون لکيو هن اصلاح ڪري ڇپيو، هن کي شاباس هجي، بحرحال ڪجهه نه ڇپجڻ جهڙا نه ڇپيا ڪن جي اصلاح ٿي، پوءِ ٻه آئون سندس ٿورائتو آهيان. جن اخبارن ۾ رسول بخش پليجو صاحب، عبدالقادر جوڻيجو صاحب، حليم بروهي صاحب، امر جليل جهڙا مهان ليکڪ لکي رهيا هجن، ان پليٽ فارم تي مون پتڪڙي کي ڪڏهن ڪڏهن ئي سهي پر پير رکڻ ڏيڻ وڏي ڳالهه آهي. بحرحال مون لکيو آهي، سنڌ ۽ سنڌين جي ڏکن ۽ مسئلن کي پنهنجي هر پليٽ فارم تي پيش ڪيو، چاهي اهو اخباري ڪالم هجي، ٽي وي ڊرامو يا سنڌي فلم هجي. گذريل ڏينهن 11 فيبروري "آواري هوٽل" ۾ ايران جي "قومي ڏينهن" جي موقعي تي منهنجي ملاقات غنوا ڀٽو ۽ ايم ڪيو ايم جي آفتاب شيخ سان ٿي، پري محفل ۾ آفتاب شيخ کي چيم: "اوهان ڪي سنڌ ۽ سنڌين کي گلي لڳائڻ جو هوش اچي ويو آهي ته سنڌي ٻوليءَ جون فلمون جيڪي ڏهن سالن کان ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ نه ته نهن ٿيون ۽ نه ئي لڳن ٿيون. جڏهن ته انهن ئي شهرن ۾ پشتو فلمون پنجابي اردو ۽ انگريزي فلمون لکين روپا ڪمائين پيون". آفتاب شيخ چيو: "توهان ٻه ناهيون ۽ لڳايو". مون چيو: "سنڌي سرمائيڪار توهان جي ڊپ ۽ عدم تعاون سبب سنڌي فلمن تان هٿ ڪڍي ويا آهن ۽ هاڻ ڪوبه ماٺهو ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ سنڌي فلم لڳائڻ جي رسڪ ڪڻڻ لاءِ تيار نه آهي. ان ڪري هاڻ توهان کي ئي سنڌي فلمون ناهڻيون پونديون". هن ويچاري في الحال ساٿ ڏيڻ جو وعدو ڪيو، چوڻ جو مطلب اهو ته يار محمد شاهه سنڌ جي ثقافت ۽

زراعت جي متي مان نهيل آهي، ۽ اها بربادي مون کان ڏٺي نہ ٿيندي. سيني کي خبر آهي تہ مرحوم مير رسول بخش سان گڏجي مون اجرڪ جي جنگ وڙهي هئي، هن گورنر جي حيثيت ۾ مون سان ساٿ ڏنو، پر اجرڪ جا دشمن اصلي اجرڪ جي مقابلي نقلي اجرڪ ناهڻ ۾ ايترو تہ ڪامياب ٿي ويا، جو اڄ اصلي سنڌين کي بہ اها خبر نہ آهي، سنڌين جي اها اڪيلي سڃاڻپ، جيڪا سندن ڳچيءَ ۾ پيئي آهي، اها اصلي آهي يا نقلي، سيني سنڌي سياستدانن، اديبن، صحافين، دانشورن کي اها خبر آهي تہ بين الاقوامي سازش تحت سنڌ جي ثقافت ۽ زراعت پنهنجي آخري پساهن ۾ آهي ۽ اسان سڀ وڏيرا نندڍيرا وقت جي نون حاڪمن ۽ پنهنجن مسلمان ڀائرن کي پنهنجو حاڪم قبول ڪرڻ تي مجبور آهيون، ڇو جو نہ تہ سنڌي ڏهن سالن اندر 80 سيڪڙو تعليم يافتہ ٿي سگهندا، نہ ڪين زراعت لاءِ پاڻي ملندو. ڪيلن جا باغ ۽ ٻيا فصل صرف خدائي بچائي . لطيف جي ورسيءَ تي هاڻ لائيٽ ميوزڪ تي ايوارڊ بہ ڏنا ويندا، فتح يزيد جي ٿي يا امام حسين جي اهو تاريخ جي ورقن ۾ وڏن اکرن سان لکيل آهي ۽ هر سال محرم جي مهيني ۾ امام حسين جي قربانيءَ تي سلام ڪرڻ وارا وڌندا وڃن ۽ يزيد تي لعنتون وجهڻ وارا بہ وڌندا وڃن ۽ گلڻ خان الائي ڪيڏانهن گم ٿي ويو آهي، بحرحال پڙهندڙ اهو ضرور سمجهي ويا هوندا تہ اهو جهڳي هئڻ وارو "گلڻ خان" مئنان آئون پاڻ نہ هجان! پوءِ بہ اسان حسيني قافلي جا سپاهي آهيون، سيد ۽ سيد جي سنڌ تان شهيد ٿيڻ ۾ فخر محسوس ڪنداسين. هر محاذ تي سنڌ ۽ انسانيت جي ڪردار جي بقا لاءِ سيني سان ساٿ ڏينداسين.

**سيد يار محمد شاهہ**
متياري، حيدر آباد

*A-84, SHANTI NAGAR,*
*GULSHAN-E-IQBAL B/19*
*KARACHI, PH:4993758.*
*E-mail: symsh@yahoo.com*

حصو پهريون: ڪالم

# گلڻ جا گفتا

زال جو شوق
نج سنڌي
انعام اڏو اڏ
ٻڪر ۽ ميمبر
وبري گڏ آمريڪا
آءِ. ايم. ايف
گفتا ۽ خواب
گلڻ جا آخري گفتا
گلڻ جي بولتي بند ٿي وئي
جهان خان وايا قنڌهار

# زال جو شوق

صبح جا 12 ٿيا هئا، اسان ڪوڙيون سچيون ماپون وڏي صاحب کي پهچائي آفيس ۾ اجان مس پهتا سين ته ڪونار جمن اچي ٻڌايو: "سائين گلڻ خان وڏي بيچينيءَ سان صبح کان توهان جو انتظار ڪري رهيو آهي."

پڪ ٿيم ته اڄ گلڻ خان منهنجي ڪل لاهي ڇڏيندو. ڇو جو اڄڪلهه اسان جي ڊبل ڊيوٽي آهي. سڄو هفتو ٽيل وارن کي انتظار ڪرايون. پاڻي اچڻ تي شام جو پنج سو روپيا پهر پاڻي جي حساب سان پنجن واٽرن جي ڪيش وٺي، رات وچيم صاحب کي پهچايون، اهي وري رات وچيم وڏن کي پتيون پهچائي، صبح جو اسان کي پتي ڏئي روانو ڪن، ۽ پوءِ اسان صبح جو اچيو ٽيل وارن وٽ ڪوڙا قسم کڻون، هنن جو زور هوندو آهي ته هلي ماپون ڏسون، واٽرن جون پتيون پڳيون پيون آهن، پر اڳي دور کان هن دور ۾ آمدنيءَ ۾ اضافو ٿيو آهي.
"مالڪن جو الله ڀلو ڪري" اصل مالڪن جو اڳ اسان کي ڊپ هو ته هاڻ شايد روزي رلي وئي، پر وڏن آفيسرن اصل مالڪن کي ٻه هڪ اخبار واري اڳ سمجهايو ته بابا پاڻ کي هاڻ هر کاتي ۾ اصل مالڪن جو خيال رکڻو پوندو، ڇو ته هاڻ هر وڏي پوسٽ تي رٽائرڊ جنرل چاڙهيا پهتا، صوبائي سيڪريٽري، ڪمشنر، ڊپٽي ڪمشنر، اسسٽنٽ ڪمشنر، ايس. پي.، ڊي ايس پي، هاءِ ويز ۽ بلڊنگس جا ايس اي انجنيئر، واپڊا، ايڪسائيز، ايريگيشن هاڻ هر کاتي جا ننڍا وڏا سربراهه پنهنجا "اصل مالڪ" هر کاتي مان بدامني ختم ڪرڻ لاءِ پهچي رهيا آهن. يعني پاڻي پهچڻ کان اڳ پنهنجا اصل مالڪ هر کاتي ۾ شامل ٿي انصاف جو علم بلند ڪندا. جيڪو ورهن کان ڪنهن ڪنڊ ۾ ڪريو پيو هو، اهو صرف ان ڪري جو، هر کاتي ۾ موجون ماڻيندڙ، آفيسر يا ته سياسي پرتي هوندا آهن، يا نوٽ ڏئي ايندا آهن، ۽ وري نوٽ وياج سميت واپس

ونڻ شروع ڪري ڏيندا آهن، پر الله جي فضل سان ”اصل مالڪ“ ڪلام پاڪ تي هٿ رکي قسم کڻي پوءِ نوڪري تي چڙهندا. هاڻ اهي ته ڪنهن به ڪاتي ۾ بي ايماني برداشت نه ڪندا. اها الڳ ڳالهه آهي، قسم آئين ۽ ملڪ جي سرحدن سان سچائي بابت هوندو آهي ۽ هي سڀ ڪاتا ملڪ اندر آهن ۽ آئين تحت هلي رهيا آهن، 53 سالن ۾ رياست ۾ راشي ڪامورا،بدنام ۽ جاهل سياستدان ئي پيدا ٿيا آهن. جيڪي سڀ ليڪا لنگهي ويندا آهن ته پوءِ ”اصل مالڪ“ وڏن مالڪن جي حڪم تي انهن جي پٺڪي لاهي وري ”عارضي نيڪ ماڻهو“ نظرئي ضرورت تحت ٿوري وقت لاءِ ساڳين ڪيسٽن وارو آلاپ آلاپيندا آهن، پر هن دفعي ”اصل مالڪ“ اهو جنجهٽ ئي ختم ڪري سڌو پنهنجا رٽائرڊ ۽ اضافي نيڪ مرد آڻي، سڄي نظام کي پاڪ ڪرڻ جو ذمون کنيو آهي، ۽ الله ڪندو ته هن ڀيري اسان جا ”ولائتي وارث“ پنهنجي روبوٽن کان ڪجهه چڱا ڪم به وٺندا. جنهن سان آءِ ايم ايف وارن جا سڀ شرط پورا ٿي ويندا ۽ ملڪ خوشحال ٿي ويندو. صرف سنڌين کي ڪربلا واري قرباني ڏيڻي پوندي، پاڻي بند، ڪير بند، ان بند، علم بند، نوڪريون بند، شهرن ۾ ويزا تي ايندا. ضلعي حڪومتن ۾ پنهنجي ضلعي اندر ناليون صفا ڪرڻ جا ٺيڪا کڻڻ جي چڪر ۾ قاتل هوندا. گلڻ خان جي هڪل تي خيالي پلاءَ جي پليٽ هٿ مان ڪري پئي. وڏا! وري ڪهڙا ڪنڊ جا جهاز ٻوڙائي آيو آهين،؟“

” گلڻ خان رئيس آهيو، توهين. ڪنڊ جا جهاز ته هاڻ ٻاهران ايندا، ڇو جو ڪمند جي پوزيشن گذريل سال کان به هن سال وڌيڪ خراب آهي، حڪومت ڪارخانيدارن کي بچائڻ لاءِ اڳين شيرو ٻاهرين ملڪن مان گهرائڻ جي اجازت ڏيڻ واري آهي، جنهن کي هٿ سان کهبو آهي، ان لاءِ قبر جو بندوبست ڪبو آهي نڪي شاديءَ جو وڳو نهرائبو آهي. زمينون ڪمند ۽ ڪاڻن باغ ۽ ڀاڄيون هن سال کان ئي پنهنجي کهاڻي ختم ڪرڻ واري دور ۾ شامل ٿي چڪيون آهن، ان ڪري عنقريب، اهي سڀ شيون ڪراچيءَ ۾ ٻاهرين ”ولائتي وارثن“ جون اينديون. هاڻ به برگر پيزا ۽ پاڻي (منرل) انهن جو پيا پيون، اهڙي طرح گوشت ڀاڄيون ککڙ به انهن جا ذبح ٿيل ۽ پيڪ ٿيل عنقريب سڄي ملڪ جي ڪنڊ

ڪڙڇ ۾ پهچي ويندا." گلڻ خان وات پٽي منهنجيون ڳالهيون ٻڌي رهيو هو. چوڻ لڳو: "پوتار توکي به مون واري بيماري لڳي وئي آهي ڇا؟ جو اهڙيون ٽڙيل خبرون پيو ڪرين." چيم: "ڏي حال احوال ڪيئن پنڌ پيو آهين." چيائين: "يار پاٽيءَ جي پچا تي هٽندي وري ڪو نئون ڪوڙ، ان ڪري اهو گناهه پوءِ ڪج، في الحال ٻڌ! منهنجي گهر ڪي باهه لڳي آهي، اها وسائڻ ۾ منهنجي مدد ڪر." چيم: "گهر ڪي باهه لڳل اٿئي. ۽ تون هتي بيٺو آهين. دماغ ته ٺيڪ اٿئي نه." کلي چيائين: "اُها باهه لڳي ته الله وسائيندو، چو ته پاٽي آهي ڪٿي مال ۽ ماڻهن جي پيئڻ جو به پاٽي ڪونهي، ته وري ڪکن جي باهه وسائڻ لاءِ پاٽي ڪٿان ايندو. گهرجي باهه مان منهنجي مراد اها آهي ته، منهنجي گهر واريءَ ٻڌو آهي ته صوبائي ۽ ضلعي حڪومتن ۾ عورتن جون به برابر جون سيٽون ٿينديون، يعني ضلعي حڪومت ۾ 26 سيٽن مان 13 عورتن ۽ 13 مردن جون سيٽون ٿينديون. هاڻ منهنجي زال جو شوق ٿي پيو آهي، ته ان اليڪشن ۾ آئون بيهنديس ۽ جي وڏيري بيٺي ته ان جو زبردست مقابلو ڪنديس، چو جو وڏيريءَ اسان کي سدائين شادين ۾ بي عزتو ڪيو آهي. اسان سينگار ڪيون وجون، شادي ڏسڻ ۽ وڏيري ڳائڻن ۽ انهن جهڙين پاتل ڪپڙن وارين کي اندر ڪمري ۾ بند ڪري پيون تڏن ۽ ڊانسون ڪن ۽ اسان کي چون ته رنون توهان هلي ٿانوءَ ۽ فرش ڌوئو. هاڻ جو ٻڌو اٿس اليڪشن جو سو چٽي ٿي پئي آهي. چئي هروڀرو آئون به اليڪشن ۾ بيهنديس. هاڻ اسان جهڙا پنهنجن زالن جا شرم ڪان نڪو شناختي ڪارڊ ٺهرايون، نڪو آدمشماريءَ جي لسٽن ۾ نالو لکرايون، جي راشن ڪارڊ ٺهندا نه بڪ مري ويندا سين. گهر ۾ ياتي 40 ته ڏيڪاريون ڏهه، اهي ته آهن اسان جا لڇڻ، وبتر اسان جا وڏا، پير سيد وڏا ماڻهو اول ته نياڻين جا نالا لکرائڻ پنهنجي بي عزتي سمجهندا آهن، متان شادي ڪان پوءِ نياڻيءَ زمين نه گهري. ان ڪري ان جو وجود ئي نه ڄاڻائيندا آهن. باقي رهيو هارياڻيون اهي ويچاريون صبح جو وٺاڻ ميڙي، مڙس کي نيرن ڪرائي، لسي ولوڙي، مال ڏهرائي، صفائي ڪري وري مڙس جي ماني پچائي ٻنيءَ تي ڪٽي وجي، گاهه ڪري، دلا ڀري اچي، ڪتر ڪري ۽ مڙس لاءِ ماني پچائي،

چندا وصول ڪندا. سنڌ جي ڪنڌ ڪڙڇ ۾ ڏارين جو ڌاڪو ڄمي چڪو آهي. مالڪن جي مدد سان وڏين ولائتن جا واپاري ڪراچيءَ جي سمنڊ جي ڪناري عنقريب انگريزن لاءِ خوبصورت شهر ۽ ڪلب نهرائيندا اندرون سنڌ وڏا وڏا ڪارخانا ولائتي آقائن جا لڳندا.

اڄ ڪلهه سنڌ جي نوجوان کي زمين ۽ هاريءَ جي ڪم مان دلچسپي ختم ڪرائي پيٽرول ڳولهڻ وارين ڪمپنين پنيان لڳايو ويو آهي. هيءَ لطيف جي سنڌ هڪ دفعو وري انگريزن ۽ ڌارين جي ڌرتي بڻجي چڪي آهي. جتي هاڻ ڀٽائي جي ورسيءَ تي شاهه رخ ۽ ماڌوري جا ڊسڪو ڊانس ٿيندا. جيوٽي، چندر، محمد ابراهيم ، محمد جمن ۽ محمد يوسف جا ڪلام محمد قاسم ماڪا سان گڏ چوتڪي گهٽي ۾ دوڪانن بدران ساندي جي تيل وارن ۽ پراڻن ڪتابن وارن جي پير ۾ رکيا ويندا ۽ چوندا ته ڪو نج سنڌي ماٺهو ڏيکاريو ته ماٺهو گلڻ خان کي چرين جي اسپتال مان ڪڍي انگريزن کي ڏيکاريندا ۽ انگريز اصل مالڪن کي حڪم ڪندا ته هن کي انجڪشن هڻي، هن جي کل ۾ بوسو ڀري ڏيو ته اهو بوتو اسان واشنگٽن جي ميوزيم ۾ رکي پنهنجي قوم کي ٻڌايون ته هن قوم کي ختم ڪرڻ لاءِ اسان کي ڪيترو عرصو لڳو ۽ ڪيترو پيسو خرچ ڪرڻو پيو. اهي ئي سنڌي اصل ۾ ريڊ انڊين آهن، جيڪي ايشيا مان اتي ڪيئن آيا هئا ۽ هنن اسلامي بلاڪ ناهڻ ٿي چاهيو. هنن عالم سڀ آباد ڪرڻ جو دعائون گهريون، اڄ پاڻ ڪٿي آهن."

مون پاڻيءَ جو گلاس زوريءَ گلڻ خان جي وات تي رکيو گلڻ خان اهو ڪالم باسي ٿيڻ بدران بادي نه ٿي وڃئي، چو ته ايڏي جهڳي ٻڌڻ ۽ پڙهڻ لاءِ اڄ جي نسل وٽ ٽائيم ڪونهي، جيڪڏهن تنهنجو هي نظريو آهي ته، تنيءَ ٿڌيءَ ڪاهه ڪانهي ويل وبهڻ جي. ته پوءِ اڪيلو پيو ڊوڙ چو ته پيا سڀ ڊاڙي آهن ۽ ٿي وي چينلن تي مٺا پيا آهن، ڏينهن جو انڊيا جون فلمون ۽ راڻ جو انگريزي، مٿان وري ميلا ملاڪڙا، ڪتن ۽ رڇن جي ويڙهه، منوءَ جون محفلون اڄوڪي سنڌ جي آسري تي قلندر، لطيف، سچل سائين جا مقبرا به مميءَ وانگر ولايت سمگل ٿي ويندا." گلڻ خان ٿڌو ساهه پريندي، مٺيءَ جو ٻڪ ڪيسي

گهٽ پوکٽي آهي، نتيجي ۾ آمريڪا جي امدادي ڪٽڪ ايندي، ڪنڊ جا ڪارخانا حڪومت ۽ مالڪن جي منٿ جي باوجود نہ پيا هلن، زميندارن پاڻ تاريخي هڙتال ڪئي آهي، پر اجهائي ڪنڊ ۽ ڪچي ڪنڊ ٻين ملڪن مان اچي، سنڌ جون ڦٽيون خرچ بہ نہ ڪڍي سگهيون، پنجاب لٽو آهي تہ اگهہ خوبخود وڌيو آهي، سيئي سور ۽ سچ صرف سنڌين جي نصيب ۾ آهن، ”گاڏڙ سنڌي“ تہ هميشہ سيني جا سائين ٿي سکيا ٿيندا رهندا، تون اهو ٻڌاءِ تہ نج سنڌي ڪيڏانهن وڃن. درياهہ ۾ بہ پاڻي ڪونهي جو ٻڏي مرن، نج سنڌي ڪيڏانهن وڃي ڪيڏانهن وڃن. چيم راڻي باغ جا پڃرا....

# انعام اڌو اڌ!

گهڻا ڏينهن ٿي ويا آهن گلڻ خان سان حال احوال اوري، سوچيم شايد پاڻيءَ وارن سان معاملو سيٽ ڪري ڇڏيو اٿئين ۽ بيا مسئلا به حل ٿي ويا هوندس. پر اڄ اوچتو فجر مهل گلڻ خان دروازي تي ٺڪاءُ لاهي ڏنا. ننڊ ڦٽي، اٿي در کوليم همراهه سهڪندي چيو: ”يار معاف ڪجانءِ. وڏي مشڪل ۾ اچي ويو آهيان، تڏهن ساجهر اچي تنهنجو سک ڦٽايو اٿم.“ چيم: ”خير ته آهي. وري پاڻي بند ڪيو اٿن ڇا؟“ چيائين: ”اهو ته گهڻو اڳ ئي بند ڪري ڇڏيو اٿئون. بصرن جا ٻيجا سڙي ويا. ڪيلا، ڪمند ۽ ووئنڻ سڪي ويا، پر اڄ ٻي ڳالهه آ، وارو ڪر. منهنجي مدد ڪر.“ چيم: ”ٽپيدار پنيان پيو اٿئي ڇا؟“ چيائين: ”نه بابا! اهو ڪم به جوڙو وڪڻي لاهي ڇڏيم. ڍلون، زرعي ٽئڪس سڀ وٺي ويا، مختيارڪار، سپروائيزر، ڪوٽار ۽ صاحب جي گاڏيءَ جو ڀاڙو ٽپيدار ساري وٺي ويو. گهڻيئي چيم ته اخبارن ۾ زرعي ٽيڪس اڌ وٺڻ لاءِ اعلان ڪيو اٿن. پر هڪ به نه ٻڌائون، پوليس چاڙهي آيا، ٻه ڏينهن لاڪپ ڪيائون، ڏنم ڪجهه ڪونه وريو، مجبور ٿي جوڙو وڪڻي جند ڇڏايم.“ چيم: ”يلا بينڪ وارا وصوليءَ لاءِ پنيان پيا اٿئي ڇا؟“ چيائين: ”اهي في الحال مان ٿي ويا آهن. اها ڳالهه ڪانهي ٻي ڳالهه آهي. منهن ڪي چندو هٽي اڄ نه هلون. ”گلڻ خان آخر ڪيڏانهن هلون. وڏيري جو ڪو فيصلو آهي ڇا؟“ بيزار ٿي چائين: ”اڄ ڪلهه سنڌ جا وڏيرا پاڻ پنڻ جهڙا ٿي ويا آهن. فصل تباهه، ڍلن ۽ ٽيڪسن لاهه ڪڍي ڇڏيا اٿن. ٻي پاسي پاڻيءَ به فصل سڪائي ڇڏيا اٿن. شهرن ۾ قانون لاڳو ڪندڙن ۽ ڳوٺن ۾ پوليس چٽو ڪري ڇڏيو اٿن. مون سان به ڪو اهڙو مامرو آهي. وارو ڪر واهر ڪر نه ته آئون مسڪين مارجي ويندس.“ چڙندي چيم: ”گلڻ خان جيسين حقيقت نه ٻڌائيندين، تيسين مان ڇا ڪري سگهندس؟“

"اڙي بابا اندرون سنڌ جي ماڻهن وٽ تعليم آهي ڪونه، عورتن جا شناختي ڪارڊ نهرائڻ ۽ ووٽر لسٽن ۾ نالا لکرائڻ سمجهون بي عزتي، نتيجي ۾ آهستي آهستي شهرن ۾ اقليت ۾ ٿيڻ کان پوءِ هاڻ ڳوٺن ۾ به اقليت ۾ ٿي ويندا سين. سو پاڻ واري وڏيري يوسف، جيڪو سدائين پنهنجي ووٽن تي ميمبري ماڻي وڃي شهر وسائيندو آهي، تنهن وري اليڪشن ۾ بيهڻ جو پروگرام ناهيو آهي. جمعي جي ڏينهن پڪوڙن ۽ سيڪرين واري شربت جي دعوت ڪيائين ۽ پنهنجي اليڪشن ۾ بيهڻ جو اعلان ڪيائين، تڏهن مون پري ڪچهري ۾ به اکر چئي ڏنا." چيم: "ڪهڙا اکر چيئي؟" هن ٻڌايوا: "وڏيري چيو ڳوٺ ۾ 10 هزار ماڻهو آهيون، زالين مڙسين مون کي ووٽ ڏجو جي گهٽ ڏنا ويا، بي ڪنهن کي ڏنا ويا ته پوءِ سمجهي سگهو ٿا، گهرن جون پٽيون به ننديون اٿوَ ۽ بني پاڻي به اسان جي هٿ ۾ اٿو. مون کي باهه وٺي وئي سو سيني جي سامهون چئي ڏنومانس: وڏيرا، ڏهن هزارن مان سڄي ڳوٺ ۾ هڪ هزار ووٽ داخل آهن. اهي به ڏاربن جي پاڙي ۾ جيڪي پنهنجو چوڏري بيهاريندا. باقي بروچن، سرائين، سومرن ۽ سيدن جي پاڙي ۾ ته زالن جا ووٽ داخل ڪرائڻ جو رواج آهي ڪونه، ووٽرن جي لسٽ ۽ ڪارڊ هٿ سان نهرائي، وٺي فوٽو ڪڍراءِ، فارم پري ڏينديون ته پوءِ ڪٽڻ جو آسرو اٿئي. جي نه ته پوءِ سانگهڙ جي چڪن، بدين ۽ خيرپور جي ڳوٺن جا پنهنجا چڱا مڙس ٿيندا ۽ انهن جون عورتون جيڪي ميٽرڪ پاس به هونديون. اهي ميمبري ماڻي علائقي کي گل و گلزار ڪري ڇڏينديون، پاڻ واريون پردي ۾ پادر ڪائي مانيون پچائي پچائي مري وينديون. وڏيرو باهه ٿي ويو، گار ڏئي پادر اچلائي هنيائين ۽ نوڪرن ٻانهن کان جهلي ٻاهر ڌڪو ڏئي ڇڏيو. ٻئي ڏينهن ٺيڪيدار نور خان پناڻ اغوا ٿي ويو، پوليس سڄي علائقي کي ڪڙو ڏئي ڇڏيو، هر ڳوٺ مان خانه پوريءَ ۾ چار چڱا ۽ چار لوفر گرفتار ڪري لاڪپ هائوس فل ڪيو ويو. ڊي ايس پي کي وڃي عرض ڪيم ته سائين ڪٽڻ وارا ڪچي ۾ ڪٽي ويا هوندا، پڪي ۾ چو ويهندا؟ ڊي ايس پي هو خانداني چوڪرو "سنڌي پرتي" ۾ آيل ٿي لڳو. چيائين گلڻ خان اها ڳالهه اسين به سمجهون ٿا، پر ڏس نه سڄو ٿاڻو پناڻن سان پريو پيو

آهي. هر هر ڪوئٽا پشاور مان وڏن وڏن جا فون پيا اچن ايس پي، ڊي سي، ٻين کي ڪارڪردگي به ڏيکارڻي آهي. ڪٿان پورت ڪنداسين. ورديون ته ڪونه وڪڻنداسين. ٻيو ته ٻيلي وارا مفت ۾ ته ڪونه ڇڏيندا. تنهن تي مون کي ڪٽيءَ ڪنيو. ڇيو مانس: ”صاحب توهان به انصاف ٿا ڪريو. اهي ڪلاشنڪوف جيڪي ديناداستيءَ هو ٿاڻي ۾ ڪنيون وينا آهن. انهن جو ته لائسنس به ڪونه اٿن ۽ نه توهان ۾ ايتري جرئت آهي، جو ڪٽي پڇون، ٻيو ته تر جا وڏيرا ۽ توهان جا بالا عملدار به ڳولا ۾ آهن. توهان پنگ پرڻ لاءِ به تيار ٿي ويا آهيون، پر جي ڪو اٻوجهه سنڌي شهپر وٽي هوٽل تي ويٺو ته توهان ان کي پستول ۽ چرس لڳائي چالان ڪري ڪارڪردگي ڏيکاريندا، پوءِ ان مسڪين کي جيڪو ڇڏائڻ ايندو اهو به ڦاٿو. وڏيرا ۽ پاٿاريدار به چوندا ته اسان وارا ڪيس به پنيان لائي ڇڏيوس. بنا لائسنس پستول ۽ چرس جا به ٽي تولا به اهي ڏيندا، اندرون سنڌ ۾ باقي بچيل سنڌين جا دشمن، پير، وڏيرا ۽ پوليس سنڌين کي پنهنجي ڌرتيءَ تي ختم ڪرڻ لاءِ ڏينهن رات هڪ ڪيون بينا آهن، آهه غريبان قهر خدائي کان ڊڄو! بسدي ايس پي کي سڏبون بڌائي اچي گهر پهس: رات جو پوليس سڄي ڳوٺ کي گهيرو ڪري وئي، چوڪيدار کي ٻڌايائون ته اغوا ٿيل پناڻ ۽ اغوا ڪندڙ گلڻ خان جي گهر ۾ لڪل آهن، فجر مهل ڇاپو هڻنداسين. چوڪيدار گهر جي پنيان لوڙهو هٽائي، مون کي اطلاع ڏني پڇائي ڪڍيو آهي. هاڻ وارو ڪر منهنجو ڪو بلو ڪر، ايس پي صاحب يا ڊي آءِ جي صاحب وٽ وني هل.“ ان وقت ڪجهه پوليس جون گاڏيون ايندي ڏسي، گلڻ خان کي چيم: ”ٻيلي وارو ڪر در ڪولي منهنجي گهر ۾ سامهون ڪونيءَ ۾ لڪي وڃي ويهه.“ گلڻ خان سهڪندو، ٿابڙندو اندر هليو ويو. آئون ٻاهر اچي بينس. پوليس جي گاڏي اچي بيني، سپاهي سيفل لهي آيو، چيائين: ”ميرل خان! گلڻ خان ته توڏي ڪونه آيو؟“ چيم: ”نه، پر آهي ته خير نه؟“ سيفل چيو: ”مخبر اطلاع ڏنو آهي ته اغوا ٿيل نيڪيدار پناڻ ۽ اغوا ڪندڙ گلڻ خان جي گهر ۾ پناهه وٺيو وينا آهن. ٻئي پاسي اقبال پيريءَ شڪ ڏيکاريو آهي ته گلڻ خان جا تازا پير ڳوٺ کان ٻاهر نڪري پڪي ڏي پيا وڃن.“ مون چيو: ”ابا پڪي وارا

سپ آفيسر بہ توهان جي مخبر جي اطلاع تي ڳوٺ ۾ آهن تہ پوءِ گلڻ خان کيڏانهن ويندو. هو بہ نيٺ روز وارن مقابلن وانگر مقابلي ۾ مارجي ويندو." سيفل چيو: "الله ڪري ويچارو مفت ۾ نہ مارجي، بہ ٽي ڏينهن گم هوندو تہ متس بہ ٽي لک انعام بہ لڳي ويندو. پوءِ پاڻ ٻئي گڏجي هٿ سان گلڻ خان مارائيندا سين ۽ انعام اڌو اڌ ڪنداسين."

# ٻڪر ۽ ميمبر

گلڻ خان ڪراچيءَ کان ڪالهه جيئن ئي موٽيو تہ سڌو اسان جي ديري تي اچي پهتو. منهنجي ڏاڍي ٻچا ڪيائين، مڻ کن خبرن جو ڪٽي آيو هوندو. آئون صاحب جي فرمائش پوري ڪرڻ ويس تہ ات وري ٻن ٻڪرن جي فرمائش ٿي، صاحب جيپ بہ ڏني ۽ نوڪر بہ چيائين: "پوئين پير پيچ ۽ عزت بچاءِ! پهريون دفعو آڊٽ وارا هفتي جي جانچ تي پيا اچن. الله خير ڪري اٿل پٿل ٿي تہ سڀ ڏوبي ويندا سين." آئون منيون پيڙي وٺي پڳس جيپ جو سٽ تي ڪانٽو، ڊوڙ اڏائيندي اچي گلڻ خان جي در تي جهليم. انڌي ۽ جنڊ واري ڳالهہ تي هر فرمائش پوري ڪرڻ لاءِ وري بہ گلڻ خان جو در جهلڻو پيو. وچولي درجي جي تيل جو مولائي ۽ سچو زميندار، چيڙت زبان، سڌيون بہ ٻڌائيندو تہ فرمائشون بہ پوريون ڪندو. جيپ جا هارن ٻڌي اوطاق مان ڊوڙي ٻاهر نڪتو، سڃاڻڻ جي ڪوشش ۾ جيب تي بلو بتي چت ۾ لڳل ڏسي يلجي پيو ۽ وٺي سلام ڪيائين. "يلا ياڳ اسان جا اسان جو اي سي صاحب اسان وٽ هلي آيو آهي." مون بہ جهاتي پائيندي جهٽ پٽ چئي ڏنو مانس تہ "اي سي صاحب توڪي ٻن ٻڪرن سميت پاڻ وٽ گهرايو آهي، وڏي دعوت آهي، توڪي سيني سان ملائيندو، وڏا نٽ ڪرائيندو. سڳهو ئي وجهہ بہ يلا ٻڪر جيپ ۾ تہ هلي وڏي سرڪار جا ديدار ڪيون."

گلڻ خان ڪو سڙيو وينو هو. شهر مان رئيس وڏي جا دڙڪا بہ ڪاڌل هئس. چيائين: "ميان توهان ڪامورن اسان جو رت چوسڻ ۾ ڪهڙي ڪسر ڇڏي آهي؟ اسان زميندار تباهہ برباد ٿي ويا آهيون تہ بہ توهان اسان کي چمڙي وانگر چنبڙيا پيا آهيون. ڊلون ٽيٽيون ڪري وٺو. چيڙ ونگار سچو سال اسان ڏيون، ڪاٽي اسان ڪرايون، ڪرڪيٽ جون ٽڪيٽون ۽ ميلن جا چندا اسين پريون نالو توهان جو ٿئي. چيلا ڪڪڙ اسين ڏيون، رسائي ليکجي اوهان جي. هن سال ٻچيو ڇا آهي، جو ٻڪر ڪاهي هلان، صاحب کي وڃي ڏي وڏا سلام، چئجانس پاٽيءَ

وارو وعدو ڪوڙو نڪتو. اسان جي باغن، ڪيلن کي سوڪ سارڙي چڙهيو. ڪمند ۾ ڪپهه لاءِ به پاڻي ڪونه مليو. آسرن تي سڄي عمر پاڻ ڦرائي سڄا ٿي چڪا آهيون. اها پڪ آ ته اڄهي ڍلون، زرعي ٽيڪس، واٽرن جون قسطون وصول ڪرڻ لاءِ اچڻ وارا آهيون. جي ڪاوڙائي چڙياسين ته اهڙا بل ڪڍندا جو اي سي به رد ڪري نه سگهندو. هنن کي ڪپي طئي ٿيل ڍل، ربت ڏيندا پاڻ باقي ڪم تپيدار مختيارڪار پاڻهي لاهي ڇڏيندا. رسيدون ڪوڙيون هجن يا سچيون ان سان ڊي سي يا ڪمشنر جو ڪو تعلق ڪونهي. هنن کي اها ڍل ڪپي، جيڪا هنن پاڻيءَ وارن جي پڙتال کي رد ڪري روينيو رڪارڊ ۾ ازل کان ڇپي ڇڏي آهي. روينيو جي ان غلط سسٽم کي اڄ تائين ڪير به چيلينج نه ڪري سگهيو آهي."

چيم: "چاچا گلڻ وري ڪنهن نيون پٽيون پڙهايون اٿئي جو ايڏو وڏو ڪالم شروع ڪري ڏنئي. جيڪڏهن بڪرن کان جواب ٿو ڏين ته پوءِ اي سي صاحب کي منهن به پاڻ هلي ڏي. صاحب جيڪا وڏن ماڻهن جي گڏجاڻي ڪرائي آ، ان ۾ فيصلا ته توهان ماڻهن جي حق ۾ ٿيندا آهن. مسئلن کي حل ڪيو ويندو آهي. گلڻ خان وچان ڪٽيندي چيو "جهل جهل، پهرين اهو ته ٻڌاءِ انهيءَ دعوت ۾ جن کي ماني ۾ مانُ مليو ٿو، اهي ته وعدا ڪريو هليو وڃن ۽ پوءِ ڊيڪوريشن وارا، بجلي ۽ مانيءَ وارا، بورچي بل ڪنيون اسان جي در تي بيٺا آهن. چون صاحب چيو ته وڃي گلڻ خان کان وٺو. ميان اسان کي ته پڪوڙو به نصيب نه ٿيو. اخبارن ۾ فوٽو ڇپيا اي سي صاحب ۽ انهن جا جن کي توهان پاڻ معزز شهري بنايو آ. جيڪي سدائين سرڪار جي فيصلن تي تاڙيون وڄائيندا آهن. جيئن صوبيدار، پنهنجا "ٽڙڪو ٽائوٽ" يا ڪوڙا مشير رکندا آهن، تيئن هيٺ کان مٿي تائين سيني ڪامورن وٽ واه واه وارا وڏيرا ڪيسي ۾ پيا هوندا آهن. جيڪي عوام دشمن فيصلن جي آجيان وڏي فخر سان ڪندا آهن يا اهو پيا چوندا آهن ته موجوده حڪومت سان ٽڪر ڪرڻو نه آهي، اسان کي پاور جي آڇ ٿي ته ضرور غور ڪنداسين. "غيرت جي قتل، کي جائز قرار ڏينداسين." گلڻ خان جي تقرير شروع ٿي وئي. جنهن جي ختم ٿيڻ جا آثار گهٽ هئا. سوچيم

تہ پکر پيو ڪٽان ملندا. پاٽي جي وارا بندي هاڻ تہ اخبارن ۾ ۽ ريڊيو ٽي اچي، ان ڪري پاٽيءَ جي گشي تي پنجن ايڪڙن واري زميندار مان چيلو بہ نہ چڙائي سگھبو. سپ ڪو رات جو واٽر پيچيو صبح جو ناهيو چڙي. ڪچي ۾ مال کي پيئڻ جو پاڻي ڪونهي، نہ تہ وچي ڪچو کيت ڪرڻ وارن مان ڪو ڪڪڙ چيلو چڙائجي. سپ واهون بند لڳيون پيون آهن. گلڻ خان کان سواءِ ڪو گس ڏسڻ ۾ نہ آيو. پير پڙي نئين ڪهاڻي سوچيم ۽ گلڻ خان جي تقرير ڪتيندي چيم: ”گلڻ خان تون الاءِ ڪٽان جو ڪٽان وچي نڪتين. اصل حقيقت اها آهي تہ نيون حڪومتون جيڪي هن سال 20 ضلعن اندر پهرين پهرين نهنديون انهن ۾ اسيمبليون بہ نهنديون ۽ ميمبر بہ ٿيندا. خوشيءَ جي ڳالھ اها آهي تہ اسان جو ضلعو بہ ان ۾ شريڪ آهي. هاڻ هي جيڪي دعوتون ٿي رهيون آهن، انهن ۾ اي سي صاحب ”اصل مالڪن“ سان انهن ”شفاف“ ماڻهن کي ملائيندو، جن کي اڳتي هلي انهيءَ اسيمبليءَ ۾ آڻئو اٿن. هاڻ جيڪڏهن توکي انهيءَ اسيمبليءَ ۾ اچڻو آ تہ پوءِ دير نہ ڪر پڪر ڪاهي هل تہ هلي تنهنجو نالو آوائلي ماڻهن ۾ لکرايون. پوءِ رش ٿي ويندي تہ وري ڏک ڪندين.“ چيائين: ”ميان اسيمبلي ۾ ايندا مير پير اسان هون فقير اسان کي اسيمبليءَ ۾ ڪير اچڻ ڏيندو! اهي ڦوڪون ڏئي، مون کان زمين جا اهي بہ ٻارا بہ وڪٽائيندين ڇا؟“ چيم: ”گلڻ خان هينئر ميمبري مهانگي ڪانهي ضلعي ليول جي آهي. هزارن ۾ ڪم ٿي ويندو. صوبي واري ۾ لک لٽائبا ۽ ووٽ ونبا آهن. هن ۾ تہ هر ڪو ڳوٺ ۽ راڄ برادري وارو وڏيرو ميمبري ماڻيندو. هر سيٽ تي وڌ ۾ وڌ ووٽ وڌا ويندا ٽي چار هزار اهي تہ تنهنجي برادري جا ئي ٿي ويندا. جيڪي تون هر اليڪشن ۾ وڏي وڏيري کي مفت ۾ مانيون ڪرائي ڏياري ڇڏيندو آهين. جنهن جي موٽ ۾ اڄ تائين توکي نہ پڪو رستو مليو، نہ تہ پڪو واٽر ڪورس نهيو. نہ ئي انگريزي اسڪول نہ ڪا اسپتال جن جا وڏيرو هميشہ توهان سان وعدا ڪندو آهي ۽ اليڪشن کٽڻ کان پوءِ اهي سپ بلڊنگون منظور ڪرائي پنهنجي ڪمدار کي ان ڳوٺ ۾ ڪولائي ڏنا اٿس جت نڪو ٻار نڪو ڊاڪٽر ۽ مريض. بلڊنگون ياندا لڳيون پيون آهن. گلڻ خان جي چهري تي سوچ ۽ سنجيدگي

ڏسي پڪ ٿيم تہ تير نشاني تي لڳو آهي، چيائين يار ڳالهہ چڱي ڪئي اٿئي، جيڪڏهن انهن ايندڙ چونڊن ۾ هر ذات جي چڱي مڙس ڪي پنهنجي برادريءَ جي بنياد تي ضلعي ميمبري ملي وئي تہ پوءِ وڏن وڏيرن جي غلاميءَ مان جند ڇٽي پوندي. هاڻ هيئن ڪر تون جيپ ڳوٺ جي ٻاهران ڪٿي لڪائي جهل تہ مان ڪجهہ ڪريان ٿو. ميمبري ماڻهي آهي تہ قرباني ڏبي. ڪالهہ وڏي رئيس سان ملڻ ڪراچي ويو هوس ات هڪ سيٺ رئيس کي پئي چيو تہ توهان زميندارن تي الله جو ڏمر آهي، جو توهان غريب ۽ ابوجهہ اڻ پڙهيل عوام کي هميشہ غلام سمجهيو ۽ اسيمبليءَ ۾ سدائين نندون ڪيون. سنڌ جي خلاف ٿيندڙ فيصلن ۾ حصو ورتيا. تنهن ڪري اڄ توهان جي زراعت ۽ سياست سڀ تباهہ ٿي ويا آهن. پر اها بہ خاص اوهان سنڌي زميندارن جي نہ ڪي چوڌرين، سردارن ۽ خانن جي، هاڻ شهرن ۾ توهان تي ڌاريا راڄ ڪندا ۽ ڳوٺن ۾ "وڏي سرڪار!" اها آهي توهان جي گناهن جي سزا. مون کي پڪ ٿي وئي آهي تہ هاڻ اسان جا وڏا وڏيرا وڃي "ڪيا بولتا هي" ڪندا. جيل ۽ ولائت وسائيندا. اسان پنهنجو علاج پاڻ ڪنداسين تہ باقي ٻچيل بہ مارجي ويندا سين." قصو ڪوتاهہ جيپ وڃي ٻاهر جهلي سون گلڻ خان ۽ بہ همراهہ بہ ٻڪريون ڪاهي دوڙندا آيا. چيائون تڪڙا هلو.

صاحب وٽ هڪڙي سوٽ واري سان گلڻ جي واقفيت ڪرائي ڪيس دلداري ڏئي ڳوٺ روانو ڪيم. صبح جو جيئن ئي ديري تي پهتس تہ گلڻ خان سهڪندو آيو. چيائين: " يار وارو ڪر همراهہ ڇڏائي ڏي، پوليس انهن ٻن ٻڪرن جي چوريءَ ۾ ڪٽي خوامخواهہ گرفتار ڪيا آهن." چيم: " ڇا اها ميمبري انهن چوريءَ جي ٻڪرن تي ماڻيندين؟" چيائين: "مون تہ ڪين پنهنجا ٻڪر آڻڻ لاءِ چيو هو، نياڳا چوري ڪري آيا تہ ان ۾ منهنجو ڪهڙو ڏوهہ. شڪر ڪر تہ هو اهو نتا ٻاسين تہ ٻڪر ڪيڏانهن ڪيا سين. ڪنهن کي ڏناسين مار جا ڏاڍا آهن، ان ڪري ان ڪان اڳ جو توتي مون تي ٻيهي وڃن، صاحب کي چئہ تہ ڇڏائي ڏي."
سوچيم "موچيءَ جا گهڙيا موچيءَ جي منهن ۾!"

# وبري گڏ آمريڪا

اج ڪلهه گلڻ هٿن مان پيو وڃي. چئي: "ابا قيامت آئي ڪي آئي. سڀ نشانيون ظاهر ٿي چڪيون آهن. پاڻي بند آن جي ڪوٽ. فصل تباهه، آبادگار ۽ هاري پنڻ جهڙا ٿي ويا آهن. مٿان وري پنهنجا ئي ڌاڙيل ٻڌجي پنهنجن ڪي ڦرين، اغوا ڪن، قتل ڪن شهرن ۾ تمام گهڻي فحاشي لڳي پئي آهي. ماڻهو دنياوي ترقي لاءِ پنهنجو شرم، حيا، غيرت سڀ ڪجهه قربان ڪيو ڇڏين. گهٽي گهٽيءَ ۾ فحاشيءَ جا اڏا، منشيات جا اڏا، بارود جا اڏا عام جام آهن. بمن جي مٿان بم پيا ڦاٽن. ڇاپا پيا لڳن اشرافن کي رينجرس، پوليس گاڏين مان لاهيو، تلاشيون پئي وٺي. مجرم پنهنجو ڪم تيز ڪيو اچن. قومي جماعتن جا اڳواڻ، حڪومتن کي بليڪ ميل ڪرڻ لاءِ وڏا وڏا بيان ڪڍيو پنهنجي پروگرامن کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ پنهنجي ڪارڪنن هٿان چندا پيا وٺن. نفسانفسي جو عالم لڳو پيو آهي. پر قيامت پهرين سنڌ ۾ ايندي گـروڙي وارو چئي ويـو آهي تـه "جڏهن ڪڏهن سنڌڙي توکي قنڌارون جوکو" سوهاڻ ڏسو نه قنڌار وارا ڪيڏو نه قبضو ڪري ويا آهن. اصلو ڪا پناڻ سنڌين جي ترقيءَ لاءِ ملڪ جي ترقيءَ لاءِ پنهنجو خون پسينو وهائيندا هئا. پر هيءَ تڙيل منشيات اسلحو ۽ اسمگل جي سامان تي سڄي ملڪ ۽ خاص ڪري سنڌ ۾ رهندڙ سنڌين، مهاجرن، پنجابين ۽ پناڻن کي گڏجي انهن خلافجهاد ڪرڻو پوندو. طالبان ۽ مذهب جي نالي ۾ اجڪلهه اهي پناڻ سنڌ جي شهرن، ٻهراڙين ۽ ٻيلن ۾ هزارن، ماڻهن کي قسطن تي اسلحي ۽ ٻئي سامان جي ڪري قرضي ڪري چڪا آهن. ڪراچي حيدرآباد سنڌ جا ڪارخانا خصوصن شگر ملون، پڪا رستا سرڪاري عمارتن جا ٺيڪا جيڪي پناڻ ڪٽن ٿا اهي انهن پکوڙن افغانين کي سستي مزدوريءَ جي لالچ ۾ سنڌ جي چپي چپي تي وسايو وڃي ٿو. سنڌين ۽ مهاجرن کي اسلحو قسطن تي ڏئي ڌاڙيل ۽ دهشتگرد بنائي ڇڏيواٿن، مهاجرن ۽ سنڌين جي شاگردن کي شهرن ۾

وارداتون ڪرڻ لاءِ ڪرائي تي ۽ قسطن تي هٿيار ڏين ٿا. چرس ۽ هيروئن جو کلي عام وڪرو هر شهر ۾ آهي، جنهن کي ڪا بہ حڪومت بند ۽ ختم نہ ڪري سگهي آهي. مک رستن تي هيروئني ٽوليون ناهي هيروئن پئين پيا، نشن جون انجيڪشنون هڻن پيا. هر ننڍو وڏو آفيسر ۽ ليڊر يا ملان مولوي اتان روز گذري پيو ۽ ڏسي پيو. ڳوٺن ۾ هاڻ تہ گڏهن تي مٿي ڍوئڻ وارا سنڌي بک پيا مرن، جڏهن افغاني اسي روپيا ٽرالي ڏين تہ ڪير گڏهن وارن کان مٿي ڪٽائيندو. هو تہ هيروئن جو هڪ ڪلو کپايو ٽريڪٽر ٽرالي وٺيو پيا اندرون سنڌ سرون، مٽي، ڪمند ڪٽن، چوڪيدار اهي، هر شهر جي داخلا ۽ ٻاهر نڪرڻ جي رستن تي هوٽلون انهن جون شهرن ۽ ڳوٺن ۾ ٽريفڪ تي انهن جو قبضو. ڪابل قنڌار قبضو ڪري ويو. ٻهراڙين جا هاري اڄڪلهہ طالبان جي جهاد ۾ زور شور سان شامل ٿي رهيا آهن ۽ هاڻ مذهب جي آڙ ۾ پناڻ اندرون سنڌ ۾ هارين، زميندارن ۽ حڪومت کي غير اسلامي چئي ويڙهائڻ لاءِ تياري ڪري چڪا آهن، تڏهن تہ چوان ٿو تہ موهن جي دڙي وانگر وري سنڌ قيامت جي ڪناري تي آئي آ. تڏهن تہ چوان ٿو تہ قيامت آئي ڪا آئي، گلڻ جا اهي گفتا ياد ڪري ڇڏ."

مون چيو: "گلڻ خان اڄ ڪلهہ ٽيليويزن تي خبرنامي ۾ اهڙيون حالتون ۽ خبرون دنيا جي ٻين ملڪن ۾ بہ آهن. پاڻيءَ جو مسئلو هندوستان بہ آهي. ڪشمير، بوسينا، چيچنا، عراق، افغانستان، آفريڪا جي ڪيترن علائقن ۾ بک' بدحاليءَ جنگيون هلن پيون." گلڻ خان وري چيو: "سائين سڀ ڪوڙ آهي. "ويري گڊ آمريڪا" لڳي پئي آهي. ات تہ جنت لڳي پئي آهي. جيڪو بہ ات وڃي ٿو، اتي ئي رهڻ چاهي ٿو. "حيف تن کي هوءِ وطن جن وساريون." سنڌ جي سڌرندڙ وچولي طبقي مٿان هاڻ اها ذميواري اچي وئي آهي، تہ هو "ويري گڊ آمريڪا چئي" انهن کي سڄي ڳالهہ سمجهائن تہ بابا جيڪي اسان جي ڌرتيءَ ۾ قبرستان ناهي چڪا آهن ۽ هتان ڪمائي هتي پيا خرچ ڪن، انهن سان گڏجي نئين سنڌ آباد ڪرڻ ٿا چاهيون. جنهن ۾ ڀرپور ترقي اندرون سنڌ جي ڪنداسين. تيل، گيس ۽ ڪوئلو ۽ ڪارونجهر جي معدنيات تي مقامي ۽ آمريڪا جي انهن واپارين جي مدد سان تيل

صفا ڪرڻ وارا ڪارخانا کوليندا سين. ڪوئلي مان بجلي پيدا ڪرڻ واري معاهدن کي پورو ڪندا سين. زراعت آباد ڪرڻ لاءِ ڳوٺن ۾ ڪنديون. ڪولڊ اسٽور ۽ گدام رکي پنهنجن فصلن جو گهربل اگهه لڳرائيندا سين. دادو، ٿرپارڪر، بدين ۽ ڪاڇي ۾ مستقل وسنديون ناهي سڀ سهولتون مهيا ڪندا سين. انگريزي اسڪول ڀهراڙين ۾ قائم ڪري ولائت ۾ وينلن معرفت انهن جا واپاري مرڪز ۽ جديد طريقي سان انهن جي تشريح ڪندا سين. ڪيبل سسٽم تي هر علائقي جي پيداوار جي مشهوري ڪندا سين، اتي جي هنرمندن ۽ فنڪارن کي همٿ افزائي ڪندا سين. وطن دوست ۽ سنڌ ، ملڪ جي خوشحاليءَ لاءِ ڪم ڪندڙ تنظيمن سان پنجاهه سالن جو معاهدو ڪندا سين. ان معاهدي تحت اقتصادي انقلابي پروگرام تي ڪم ڪندا سين. سياست جيستائين فوج جي هٿ ۾ آهي، تيستائين اسان سڀ گڏجي "ويري گڊ آمريڪا" چوندا سين. اسان آمريڪا کي چوندا سين ته اسان کي سنڌي مهاجر فساد، پنجابي، پناڻ، فرق ۽ مذهب جي نالي ۾ اسان کي تباهه ڪرڻ وارن کان بچائي. ان جي عيوض اسان جي معدنيات زراعت ۽ ويران علائقن کي آباد ڪرڻ ۾ اسان جو ساٿ ڏي. اسان تي هٿ رکي، هندوستان کي چوندا سين ته ٻئي ملڪ ڳالهين جي ذريعي نهن ۽ جنگ ڪرڻ واري صورتحال کي ختم ڪري صرف پنجاهه سال جنگ نه ڪرڻ ۽ اقتصادي تعاون ڪرڻ جو معاهدو ڪريو. اسان طالبان ۽ سعودي عرب وارن کي به چوندا سين ته اسان جي پيٽ جو مسئلو حل ڪري اسان کي علم، روزگار ڏيو، پوءِ انسان ۽ پوءِ مسلمان بنائي انڪان پوءِ جهاد لاءِ شهيد ڪرائجو. قرآن پاڪ علم ڏنو آهي، خدا جي واسطي عالمون اسان تائين اهو نه پهتو آهي. صرف عربي ٻوليءَ ۾ پوتڙيءَ ۾ بابرڪت حيثيت ۾ گهرجي ڪنڊ ۾ چمڻ ۽ هٿ گهمائڻ يا ڪڏهن ڪڏهن پڙهڻ لاءِ عربي ۾ رکيو آهي. نتيجي ۾ ان جهالت جو فائدو وٺي مولوي دوزخ جي ڏڙڪي ۽ جنت جي دلاسي ۾ ياءُ ياءُ سان ويڙهايو وينا آهن. خدا واسطي اسان کي پهرين علم ڏيو، گذر سفر ڏيو، انسان بنايو، پوءِ پلي جهاد ڪرايو. اڄ گلڻ خان جا گفتا ياد ڪري چڏ ته هاڻ سنڌ صرف مڊل ڪلاس سنڌي ئي بچائيندا. جيڪي تعليم جي نالي ۾ پنهنجون

وسنديون چڙهي وجي ولائت ۽ شهرن ۾ وينا آهن. انهن کي گهرجي تہ بلڊنگون ٺهرائڻ، پجارو خريد ڪرڻ ڪروڙين روپيا ڊيڪوريشن تي خرچ ڪرڻ بدران پنهنجن اندرين علائقن ۾ سنا اسڪول کولن، هنرن جا اسڪول ۽ فيڪٽريون کولن، آمريڪا جيڪا هن وقت سڄي دنيا جي "گاڊ فادر " آهي، ان کي "ويري گڊ آمريڪا" چئي انسان ۽ انسانيت جي دشمن قوتن ۽ سوچن کي ختم ڪن، پوئتي پيل اجڙيل وسندين ۽ خاص ڪري سنڌ کي آباد ڪرڻ لاءِ سنڌي مهاجر پنجابي پٺاڻ ۽ ڏي ساور رهندڙ ۽ ملڪ ڇڏي ويندڙ سڀ گڏجي سنڌ جي بدحالي دور ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا تہ انشاء الله پاڪستان ۽ سنڌ آمريڪا جي تعاون سان ڏهن سالن ۾ ئي جنت بڻجي ويند. ائين چئي آئون پنهنجي جاءِ ويندس."

حضرات اڄ مون کي گلڻ خان هڪ عالم مفڪر ليڊر ڏسڻ ۾ آيو. ڪاش هر سنڌي گلڻ جا گفتا سمجهي ۽ انهن تي بحث ڪري. شاباش اٿئي هيڏي تقرير ملو ڪري ها تہ ڪڪڙ ڪارائنس ها ۽ پنج هزار نذرانو بہ ڏينس ها ۽ ڪو ليڊر ڪري ها تہ سڄي فنڪشن جو خرچ پرن ها. گلڻ خان چانهہ جو ڪوپ بہ ڪونہ لهٽي چا؟ مون چيو : " گلڻ خان! سچو آهين. "ويري گڊ آمريڪا" جي صدقي توکي چانهہ بسڪيٽ سميت پيارچي. گلڻ خان چيو: " اجلهہ صورتحال سنگين آهي، چانهہ ۽ بسڪيٽ جا روڪڙا ڏئي ڇڏ تہ وڃي ويلو چاڙهيون ۽ "ويري گڊ آمريڪا" جو وظيفو روجايون.

# آءِ.ايم. ايف

موڪل تي وڃڻ سبب گهٽا ڏينهن ٿي ويا هئا، جو گلڻ خان جا گفتا ٻڌي ڪونہ سگهيو هئس، صبح سان جيئن آفيس پهتس تہ ڏسان گلڻ خان مون واري ٽيبل تي سنتو پيو آهي. بوسڪي جو ميرو پٽڪو مٿي هيٺ وهاڻي وانگر رکيل هئس.

مون کيس جاڳائڻ بدران کنگهڻ شروع ڪيو. همراهہ چرڪ ڀري اٿي ويٺو، چئي: "ميان کنگهہ جي خريداري ڪرڻ ويو هئين ڇا." نہ گلڻ خان ڳوٺ ۾ هيون بہ ٽي شاديون. انهن کي پٽي منهن ڏناسين." پلا هاڻ تہ واندو آهين نہ؟" چيم: "واندڪائي کهڙي آهي. هاڻ آيا آهيون، ڪاڳر ڪارا ڪرڻ." گلڻ خان رازداري واري انداز ۾ هيڏانهن هوڏانهن ڏسي، ڪن ويجهو اچي چيو: "ميان ڪاڳر خيال سان ڪارا ڪج، وٺ وٺان لڳي پئي آهي. هر ڪاتي مان چانٽي پيا ڪن. ڪيئي ڪاتا بند ڪري ڇڏيا اٿن. تنهن ڪري ڪاڳرن تي هٿ هلڪو رکج." چيم: "گلڻ خان، اخباري دڙڪا نہ ڏي." تنهنجي مٽ تنهنجي پٽ" دور ڪٽي کهڙا بہ هجن. پشاور کان ڪراچيءَ تائين ترڪن، ترالن ۽ ٻُهہ جي گاڏين ۾ ورهين کان جيڪي ڪاروبار هلي پيو. ان جو پتو بہ ساڳيو تہ منتلي بہ ساڳي آهي. باقي هتي وڏا پاليسي ناهي ويا آهن. سنڌ ۾ امير کي وڌيڪ امير ۽ غريب کي وڌيڪ غريب ڪرڻ واري پاليسيءَ تحت ڪم هلي رهيو آهي. ان کي ئي جاري رکجي." گلڻ خان چيو : "پلا سنڌ جي تعليم ۽ زراعت تباهيءَ جي ڪناري تي پهچي چڪي آهي ۽ حڪومت بہ نئين بجيٽ ۾ ان جي رقم گهٽ ڪري ڇڏي آهي. ان جو مطلب تہ زراعت ۽ سنڌ جي تعليم اڃان وڌيڪ غريب ٿئي."

"ها گلڻ خان جيڪو طبقو بدحال هوندو، ان جي ترقيءَ لاءِ سبب پيدا ڪري، ورلڊ بينڪ ۽ آءِ ايم ايف کان قرض ڪنيا ويندا. جيڪڏهن سڀ ادارا سڌاري ڇڏبا تہ پوءِ قرض ڪيئن ملندا ۽ نيڪا ڪيئن ڏبا.

ڪامورن جون ڪميشنون ڪيئن تهنديون ۽ ملڪ ڪيئن هلندو."

"يلا بي ته ڳالهه ٻڌا اها آءِ ايم اي آهي ڇا؟ جنهن سڄي دنيا کي قرضي ڪري غلام بنائي ڇڏيو آ." چيم: "گلڻ اهو وڏو سوال ڪيو اٿئي، جنهن جو پورو جواب آئون به ڪونه ڏئي سگهندس." گلڻ خان جهٽ ڏئي جواب ڏنو: "واهه ميان واهه اڄ ڪلهه آءِ ايم ايف جي باري ۾ ڳوٺاڻان ڳوٺ جي هوٽلن ۽ چنل ڪٽن تي ويهي ٿا ويچارين، وڏيون وڏيون خبرون ٿا ڪن." پاڻ تان ٽاريندي چيم: "يلا ڪهڙيون خبرون ٿا ڪن. چيائين: " صفا ڪو سادو ڪامورو آهين. رڳو پنهنجي ڪاتي جي رشوت جي اڳهوتري جي خبر اٿئي. اي ميان هو ٿا چون ته اها آءِ ايم ايف وياجي يهودين جي بينڪ آهي، جيڪا غريب ملڪن ۾ پهرين ريبٽ پيدا ڪندي آهي، پوءِ پنهنجا ماهر موڪلي ان حڪومت ۾ موجود پنهنجن اسيمبلي ميمبرن ۽ ڪامورن جي صلاح سان قرض جو اندازو لڳرائيندي آهي، ان ۾ قرض جي اسڪيم ٺاهيندڙن ۽ قرض ڏياريندڙن جي ڪميشن به هوندي آهي. پوءِ حڪومت جا اڳواڻ يا ڳالهائڻ وارا عوام جون همدرديون ۽ راضپو حاصل ڪرڻ لاءِ به ٽي بيان، به ٽي دورا ۽ به ٽي پريس ڪانفرنسون ڪندا ته ڪم وڃي قسطن ۾ ٿيندو." مون کي گلڻ خان جي ڳالهه ۾ ٿورو وزن محسوس ٿيو. ان ڪري فائيل ٺاهيندي، ڪيس وڏيڪ چيڙائڻ لاءِ چوريم: "پر گلڻ خان سنڌ حڪومت ترقي لاءِ ڪا بجيٽ نه رکي آهي يعني ترقياتي ڪمن لاءِ نه پر رڳو امن امان لاءِ رقم رکي اٿس ۽ رينجرس جو به اڌ خرچ سنڌ حڪومت پرينديُ، پر جيڪڏهن اڳئين دور وانگر ڪٿي شهرن ۾ اوچتو فوج گهرائڻي پئجي وئي ته ان لاءِ نپ جواب ڏنو اٿن، ته پوءِ گلڻ خان اها رقم ڪٿان ايندي. آءِ ايم ايف غيرترقياتي ڪمن ۽ امن امان لاءِ ته قرض ڪانه ڏيندي نه."

گلڻ خان پرون چاڙهندي چيو: "بلي بلي ميان! به ٽي شاديون ڪائي ڳوٺان وانڙو ٿي وريو آهين ڇا؟ جو اهي ننڍيون ننڍيون ڳالهيون به مون کان ٿو پڇين." چيم: "گلڻ خان لطيف سائين چئي ٿو ته

ڪڏهن ٿجي ڪن ته، ڪڏهن ٿجي وات،
ڪڏهن ٿجي ڪنڌ، ڪڏهن ٿجي ڪات.

بس سمجهه ته اڄ آئون آهيان ڪن ۽ تون آهين وات، ٻڌاءِ ته سنڌ

جو ڇا ٿيندو؟ تعليم، زراعت تباهه، سياست دربدر، نوجوان نشائي ۽ ڌاڙيل، شهرن، نوڪرين ۽ ثقافت تي ڌارين جو قبضو. مٿان وري سنڌ جي بجيٽ، زرعي ٽيڪس ۽ سنڌ لاءِ رکيل امن امان جي انگ اکرن مان ڇا ٿو سمجهين." "ميان ايڏو ٻار به نه آهين. پر جي مون کان به ٻول ٻڌڻ چاهين ٿو ته ٻڌ ضلعي حڪومتن ۽ مڪاني چونڊن ۾ وٺ پڪڙ ڪرائيبي ۽ شهرن ۾ اجان سوٽي ساڻ ڪٽندا، پر جيڪي نونيون هٽندا، انهن کي ٽڪاٽي تائين پهچائڻ، واپارين کي ڊوڙائي ڊوڙائي ٽڪائڻ سان هڪ طرف شهر ۽ صنعتون متاثر ٿينديون ۽ ٻيا شهري پوءِ ڪنهن به ديني تنظيم جي هڪڙي گوريلي هٿان به ٿي شهيد ڪرائي، فوج به گهرائي امن امان ڪبو يا رينجرس جي معرفت امن امان جي جدوجهد شروع ڪري ڏبي ۽ ان ۾ عرصي جو ڪو قيد نه آهي، ڪيترو به لڳي سگهي ٿو". چيمر: " گلڻ خان اها گول مول ڳالهه مون کي سمجهه ۾ نه آئي، ڳالهه چٽي ڪر. ڏس نه هاڻ هن حڪومت ۾ جيڪي ڪم ٿيا آهن، اهي ڪابه چونڊيل حڪومت ڪري نه سگهي ها، هيترا کاتا بند ڪرڻ، راشين جون ملڪيتون ضبط ۽ انهن کي نوڪرين مان ڪڍڻ، سياست جي بولتي بند وڏن وڏن مان هوا ڪڍي ڇڏڻ، اخبار، ٽيليوزن کي آزاد ڪرڻ." گلڻ خان آزاد لفظ ٻڌي کل ۾ ٻڏي ويو. چيائين: "ڳالهه ٻڌ لڳي ٿو ته تون به هاڻ آءِ ايس آءِ يا انهن ايجنسي ۾ ڀرتي ٿي آيو آهين." "نه گلڻ خان اهو شوق سياستدانن جو آهي. چيمر اسان غريب چوٽين ٻني جو خرچ آهيون، اجوڪيون تنهنجون ڳالهيون منهنجي سمجهه کان مٿي آهن. توکي مبارڪ هجي هاڻ سائين علي مير شاهه سنڌ ۾ آبپاشيءَ جو وزير ٿيو آهي، سمجهه ته تنهنجو پاڻي وارو مسئلو ته حل ٿي ويو."

گلڻ خان نهه نپ جواب ڏنو: "چو سائين علي مير شاهه جي ميڪانيل ملاڪ سان مائٽي ٽورئي آهي، جو هو هاڻ سندس وزارت بچائڻ لاءِ مينهن وسائڻ شروع ڪري ڏيندو. ميان سائين ويچارو وڃي وڏن کي ستائي جو ان ئي هفتي وزارت ته انهي هفتي مٿان پاڻي گهٽ ۽ وارا بندي شروع ڪري ڇڏي اٿن. هاڻ زميندار مان زراعت سڌارڻ لاءِ جاڪوڙ ڪندڙن کي وزير ۽ واپارين مان صنعتڪار کي وزير، بينڪن مان

گورنر ڪٽبو تڏهن وڃي ڳالهہ سمجهہ ۾ ايندي، ڇو تہ هر مسئلي جي حل ان مسئلي ۾ ئي هوندو آهي. مسئلو پيدا ڪندڙ ئي مسئلو حل ڪري سگهندا آهن. منهنجو مطلب آهي تہ آءِ ايم ايف جي پاليسي ڳوٺ ۾ اڻ پڙهيل بہ سمجهي چڪا آهن، تہ پوءِ وڏن ميجالن کي ڇا ٿي ويو آهي؟ جو سڀ جا سڀ ان جي پگهاردار جي حيثيت ۾ ڪم ڪرڻ ۾ فخر ٿا محسوس ڪن، جيڪا صرف پنهنجو ماڻهو ٽن سالن لاءِ مقرر ڪندي آهي، ان کان پوءِ وري انهن کي ساڳي ڊيوٽي تي واپس ڪيو ويندو آهي. جيڪڏهن رٽائر ڪرڻ جهڙو هوندو آهي تہ پوءِ وري ڪنهن سماجي خدمت ڪرڻ واري تنظيم کي وڃي هلائيندو. يا صفا ڪم جو نہ هوندو تہ پوءِ مٿس غبن ۾ ڏانڊليءَ جو ڪيس آرام سان ٺهي ويندو. آءِ ايم ايف مان نجات صرف تڏهن ممڪن آهن، جڏهن مسلمان ملڪ پنهنجي اسلامي بينڪ قائم ڪن ۾ پنهنجي ترقيءَ لاءِ پاڻ گڏجي سوچن. مون چيو: ”گلڻ خان اهو ڪم بہ آءِ ايم ايف ڪري رهي آهي. سگهوئي اهڙي خوشخبري ٻڌندين. اسلامي بينڪ قائم ڪرڻ جو پروجيڪٽ هڪ يهودي تيار ڪيو آهي.“ گلڻ خان چيو: ”جيئن ڪالاباغ جي بدران هاڻ ٻيا ڊيم ان کان بہ وڌيڪ هاڃيڪار نهڻ جي ستاستي وئي آهي، تيئن مسلمانن لاءِ اسلامي بينڪ ٺاهڻ جي ستاستي وئي. جهان خان زنده باد. پير سائين پاڳاري جي دعوت ”انب ڏاڍا منا هئا.“ ”ديڳڙي دم تي آهي. اجهو ٿو ڍڪڻ لهي.“ نسرين جليل ويچاري نيئن تيار ڪيل چوڪڙيءَ ۾ بي نظير جي سالگرهہ جي ڪيڪ ڪٽڻ واري چاقو ۾ هٿ وڌا تہ اچي الطاف پنڌرهن ڏينهن لاءِ ”هٿ بند“ ڪري ڇڏيس. هٿ بند ڪرڻ جي سزا پير پاڳاري جي جماعت ۾ حرن کي ڏوهہ ثابت ٿيڻ تي ڏني ويندي آهي. ان ڪري ويچاري نسرين جليل اينڊ ڪمپني سان گڏ پير سائين جي هٿان وڃي سنڌڙي انب کاڌا، هاڻ ٿي سگهي ٿو تہ انڪل الطاف ادي نسرين کي ”وات بند“ جي سزا ڏئي ڇڏي يا پنهنجي پائيتي (پير پاڳارو) جي صدقي معاف ڪري ڇڏي. منهنجي خيال ۾ پير سائين پاڳاري جي اها ڳالهہ غور طلب آهي تہ هاڻ احتساب ڪرڻ وارن جو بہ احساب ٿيندو. في الحال ڪڙو احتساب ٿيندو. گلڻ جا اهي گفتا ياد ڪري ڇڏ

تہ ڪڙو احتساب ڪنهنجو ٿيندو۽ ڪير ڪندو. پر ضلعي حڪومتن ۽ مڪاني چونڊن جي عمل دوران سنڌ سان جيڪا ٿيٽي آهي. ان تي ڪير بہ غور نہ پيو ڪري. بس حضرت پير سائين پاڳارو ئي سيني ڪي سمجهائي ۽ گڏ ڪري سگهي ٿو. ڇو تہ انگريزن کي هتان ڀوڙائڻ واري گوريلا جنگ سندس والد صاحب وڙهي ۽ هٽلر وانگر ئي پنهنجن حرن کي متحد ڪري انگريزن جون ننڊون حرام ڪري ڇڏيون. هاڻي هتي سندن ڪو نشان ڪونهي، سنڌين جي وجود کي انگريزن ”وڪائو قبيلي“ هتان ڏوڪڙن جي عيوض ڪعبة الله تي بہ گوليون هلرايون. انهن هتان هت سنڌين کي بہ هر طرح سان ختم ڪري ڇڪو آهي ۽ هر سال سنڌين مٿان ڌارين کي وسائڻ ۽ مضبوط ڪرڻ لاءِ ڪروڙين ڊالر قرض بہ ڏئي رهيو آهي. واڪا ڪرڻ گلڻ خان جي وس ٻڌڻ ڪم بچل غيرتمند سنڌين جو، اجان بہ وقت ويو نہ آهي. آڏي ڊار مَ ڊال، يا وري مٿان ٿئي اونده پير نہ لهين پربڻءَ جو.

# گفتا ۽ خواب

گلڻ خان حشر گذاري، صبح ساڻ پنهنجا گولڊن گفتا ٻڌائڻ لاءِ ديري تي پهچي ويو. منهنجو آفيس وارو ڪم اجان رليو پيو هو، مال ڪائي وبا وڏا نور تيل ٿي اسان جو. وڏا آفيسر فوجين جا دڙڪا صبح جو هضم ڪيو وجن پر شام جو جڏهن سڀ فائيل اڳيان رکندا اٿن ته پوءِ هو سڄي ڳالهه آرام سان سمجهي ويندا آهن. اسان جو نه ڪو ڏٽي نڪو سائين في الحال وڏي صاحب جي پني بچائڻ لاءِ ڏوهه پنهنجي سر تي ڪنيان اٿئون، ڏسون ته صاحب "وڏو صاحبن" کي راضي ڪرڻ ۾ ڪڏهن ٿو ڪامياب ٿئي ۽ ڪڏهن ٿي اسان جهڙن ابوجهن ۽ نڌڪڻ جي فائيلن تي رحم جي نظر پئي.

بحرحال ملڪ سڄو منصور لڳو پيو آهي، ڪهي ڪهندا ڪيترا گلڻ خان اداس ۽ اپ ۾ اڪيون وجهيو پنهنجي منهن پيو پٽڪي." گلڻ خان خير ته آهي نه، آسمان واري کي قيٺا پيو هٽين يا ڪانئس ڪا دعا پيو گهرين، يا ڪو ليکو پيو ڪرين." ٿڏو ساهه ڪٽي چيائين: "باقي بچيو ڇا آهي، جو ليکو پيو ڪريان. خبرون خيرن جون هڪڙو خطرناڪ خواب ڏنو اٿم، ان جي تعبير ٻڌاءِ يا ڪو مولوي ٻڌاءِ ته وجي تعبير ڪدايانس." چيم: "پٽڻ وارن جا مولوي اجان ٿڪا پيا هوندا، وري انهن کي پٽڻ وارا اڄ ڪلهه اسلام بچائڻ ۾ اسلام دشمن مسلمان ڳولهي مارڻ ۾ لڳا پيا آهن. اڄ ڪلهه مولوين جي مارڪيٽ ويليو کان تون واقف نه آهين. هو پنهنجا خواب پورا ڪرڻ ۾ لڳل آهن. تو پنهنجو خواب مون کي ئي ٻڌاءِ ته، تعبير جا ڏڪا ڪٽي هٿون." گلڻ خان وري ٿڏو ساهه پري چيو: "ابا الله مٿن راضي آهي، علم به انهن وٽ ته حڪومت به، پاڳ به. خواب ٿو ڏسان ته سڀ ڪجهه ختم ٿي ويو آهي. سنڌي ماڻهو، سنڌي ٻولي سنڌين جا شهر، زمينون، ڪاليج اسڪول هر هنڌ "ڪيا بولتا هي" لڳي پئي آهي." چيم: "گلڻ خان وري ڪنهن اخباري ڪالم جي ڳالهه پيو ڪرين ڇا؟." چيائين : "نه ابا!

مرچنٽ ڪائونٽي، سردار زوردار ڪائونٽي، هيبت خان ڪائونٽي، سيني وڏن شهرن ۾ ڪائونٽي جا بورڊ لڳل هئا. صرف سانگھڙ ضلعي ۾ پاڳارو ڪائونٽي اردوءَ ۾ لکيل هو. باقي سڄي سنڌ ۾ سرحد، پنجاب، بلوچستان جي نالي وارن همراهن جون ۽ هندوستان جي نالي وارن همراهن جون ڪائونٽيون نهيون پيون آهن، بهرازين جي ڪارخانن ۾ مزدور پٺاڻ، خيرپور سانگھڙ، ميرپور خاص ۾ اسان جا پنجابي ڀائر زمينن ۽ ڪارخانن جا مالڪ، جيڪب آباد، شڪارپور تائين بلوچ ۽ پنجابي ڀائر ڪارخانا ۽ زمينون سنڀاليو وينا آهن. باقي چوڪيدار ۽ مزدور ٻيلي جو ڪاٺ وڍڻ وارا، سڀ مسلمان پٺاڻ ڀائر آهن، پر سنڌي ڪٿي ڪونہ مليا. ڪنهن جي ڪارخانن ۾ ٽرانسپورٽ ۽ ڪمند لاهڻ وارا پٺاڻ ڀائر، ڪنهن ناهڻ وارا پنجابي ڀائر، ڪٿي بہ سنڌي ڀاءُ سنڌي ڳالهائيندي ڏسڻ ۾ بہ نہ آيو. درويش چيو تہ هاڻ تون ڄاڻ تنهنجي قسمت، قلندر جا ڏٺي بہ پنجابي پٺاڻ ڀائر ڏنم، اوچتو ڏنم تہ پوليس وارن کي مٿي ۾ سڱ ۽ وات مان وڏا ڏند نڪتل. چيائون: "باقي اڪيلو تون سنڌي بچيو آهين، توکي ڪائينداسين، اسين تنهنجو خون پيئنداسين، اسين ارغونن، ترخانن، افغانن، مهاجرن، پٺاڻن، بلوچن، گجراتين ۽ ٻين جن کي بہ تو لڏائڻ جي ڳالهہ ڪئي يا ڪوشش ڪئي هئي، اسين انهن جو بدلو وٺنداسين. انگريزن جو بدلو وٺنداسين. هاڻ اسان تنهنجي نسل کي ختم ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي تنهنجو سڀ ڪجهہ حاصل ڪري چڪا آهيون. باقي تون اڪيلو سنڌي زميندار بچيو آهين. ان کي ختم ڪنداسين، پيٽرول بچائڻ لاءِ اصل مالڪ اچڻ وارا آهن، تنهنجو وات هاڻ هميشہ لاءِ بند ڪنداسين." گلڻ خان جڏهن سڄو ڪالم پورو ڪيو تہ مون چيو: "تو تہ خواب ڏاڍو سٺو ڏٺو آهي. تعبير هميشہ ابتي ٿيندي آهي. سڀ ڪجهہ سنڌين جو آ، سنڌين کي ملڻ وارو آ." گلڻ کلندو رهيو.

# گلڻ جا آخري گفتا

وقت جي وهڪري ۾ اج سنڌين سان جيڪو ڪجهه ٿي رهيو آهي. ان جو ڇيهه آخر ڪٿي ٿيندو؟" گلڻ خان ميري خميس جي پلاند سان پگهر پيشانيءَ تان اگهي ۽ آهه ڀري.

مون چيو: "يار گلڻ خان جتي انسان هوندو، اتي عقوبتون هونديون، چاهي اهو آدم جو پهريون اولاد هجي، يا نبين جو سلسلو، خلافت ۽ امامت جو دؤر هجي يا يزيدي ۽ حسيني نظريو قيامت تائين اهو سڀ تہ ائين ئي هلندو رهندو."

ڇڙي پيو: "اڙي بابا! اج ڪلهہ ملن جون بہ ڏاڍيون تقريرون ٻڌيون اٿم، قومپرستن جون بہ قسمين قسمين جذباتي تقريرون ٻڌون پيا، سياستدانن جون روز نيون ڦيريون گهيريون پڙهون ۽ ٻڌون پيا، ڪامورن جا ڦهري قانون روز نئين روپ ۾ نروار ٿيندي ڏسون پيا. جيل، ٿاڻن، اسپتالن ۾ روز سنڌياڻيون سلاخن ۾ بند پيون پار ڪڍن ۽ ورن لاءِ پيون واجهائن. رياست بچائڻ ۽ سياست چمڪائڻ وارا روز نئين نعري سان ماڻهن جا ميڙ مارائڻ جون سٽائون سٽي رهيا آهن، اها رت جي راند تيستائين جاري هوندي جيستائين سنڌين کي اقليت ۾ آڻي ريڊ انڊين وانگر جهنگن ۽ جبلن ۾ ڊوڙائي جانورن وانگر جيئڻ تي مجبور نہ ڪيو وڃي."

گلڻ خان جي واتان ريڊ انڊين جو لفظ ٻڌي وائڙو ٿي ويس، چيم: "وري ڪنهن ڪامريڊ جي ور چڙهي ويو آهين ڇا گلڻ خان؟"

چيائين: "ڪامريڊ وري ڪهڙا ـ هر تنظيم ۾ هڪڙا پڙهندا آهن تہ مڪمل علوم جي ڄاڻ خاطر پڙهندا ۽ سڀ ڪجهہ پڙهي پوءِ جيڪي ڪامريڊ ٿيندا آهن، انهن جو مٿو ايڏو خراب نہ هوندو آهي، جو سڄو ڏينهن فيشن طور وينا الله رسول جون گلائون ڪن. جڏهن تہ جيڪي صرف ڪامريڊي مواد پڙهي مرده باد مرده باد پيا ڪندا آهن، اهي تہ پنهنجي امڙ سان مانيءَ جي لولي تي بہ ڳنڍجي پوندا آهن."

۽ چوندا آهن: ”امان تون بہ استحصالي قوتن جو آلہ ڪار بڻجي وئي آهين. جيڪو پٽ رشوت جا ٻہ ڏوڪڙ ترڻيءَ تي آڻي ٿو رڪئي ان کي گيهہ واري ماني ۽ ٻوڙ ۾ ٻہ ٻہ وڏيڪ ٻوٽيون ۽ اسان ڪامريڊن لاءِ اٽيي ماني ۽ رڳو هڪڙي ٻوٽي ۽ ٻيو پٽاٽو.“

چيمر: ”گلڻ خان گهوٻيون هٽي هٽي سنڌ جو پاڻي وڃو هاڻ اليڪشن ۾ وري شهري حڪومتون نهڻ ڪري شهر هميشہ لاءِ وڃائيندا سين ڀهراڙين ۾: ٺٽو، بدين، حيدرآباد، ميرپور خاص، سانگهڙ، نواب شاهہ، خيرپور، نوشهرو، جيڪب آباد، شڪارپور، لاڙڪاڻو ۽ دادوءَ ۾ بہ سنڌي عورتن جي سيٽن لاءِ اسان وٽ عورتون ناهن، باقي سيني ضلعن ۾ ڪتندا اهي جيڪي شهري حڪومتون ناهڻ وارن سان ناهہ ڪندا، ناهہ اهي ڪندا، جيڪي ناهہ سان نهيل هوندا، ڪمال تہ اهو آهي، ملڪ هڪڙو، جاسوسي ادارا چار، ۽ چارئي ادارا هدايتون وٺن ٻاهرين ادارن کان جن جو مقصد هن علائقي جي معدنيات تي قبضو ڪرڻ آهي. سنڌ جو دشمن فوجي،،پنجابي، مهاجر، قوم پرست ۽ ڪامورو هرگز نہ آهي، سنڌ جو دشمن، 300 ميل ساموندي پٽي، جيڪا ڪراچي کان بدين تائين سڄي دنيا جي واپار جو رستو آ، سنڌ جو پيٽرول، پٿر، ڪوئلو ۽ گيس دشمن آهي، ايران ۽ عراق جو تيل جڏهن کان عالمي منڊيءَ ۾ نڪرڻ بند ٿيو تہ اتي جا سڀ نار سنڌ ڏانهن هليا آيا، نتيجي ۾ سڄي سنڌ ۾ پاڻي ڪڙو ۽ ٻاڙو ٿيندو ويو، وري اسان کي ڪمند جون ملون هٽي، اسانِ ۾ ڪيلي ۽ ڪمنڊ پوکڻ جو رجحان وڌائي، پاڻي گهڻو استعمال ڪرڻ ۽ اهي فصل، جيڪي زمين تي ڏهہ ڏهہ سال (ڪيلو) يا 4 سال (ڪمند) بيٺا هجن، نتيجي ۾ زمين اٿلي ڪانہ ۽ پاڻيءَ جي ليول مٿي اچي وئي. سوني تي سهاڳ ٻنهيءَ جو سينو چيرڻ لاءِ اسان جت اڳ سنڌي هر استعمال ڪندا هئاسين، جنهن سان زمين جو سينو 2.5 فٽ کلي ويندو هو، ات اسان کي گوبل هر جيڪو پنجاب ۾ صرف مٽيءَ جا ڪڙا پيڃڻ ۾ ڪم ايندو آهي، ان کي سنڌ ۾ هر جي جاءِ تي استعمال ڪيو پيو وڃي، جنهن سان زمين صرف اڌ فٽ بہ مس کلي ٿي نتيجي ۾ ات بہ پاڻيءَ جي ليول مٿي اچي وئي، مٿي اخبارن ۽ اجلاسن ۾ پاڻيءَ لاءِ اهڙي وٽ وٺان لڳي پئي

آهي، جڻ اجهو ٿو سنڌ کي ساڳيو پاڻي ملي، اهو ڪير نہ پيو سمجهي تہ فصلن پوکڻ جو وقت پيا وڃائن. ٽيٽو ائين آهي، جو وقت وڃائي فصل سڪائي درياهہ سڪائي ڏکر آٽي. ڏيساوري امدادون آنديون وينديون. تيسين شهري حڪومتون ۽ ضلعي حڪومتون آءِ ايم ايف جي چوڻ موجب، صرف ان علائقي جي ترقيءَ لاءِ قرض ڏينديون جتان تيل، گيس ۽ ڪوئلو نڪرندو. ۽ ان جي عيوض اتان جي معدنيات سڏي طرح يا اڻ سڏي طرح پاڻ ڪٽنديون اهڙي طرح سندس فيڪٽريون جن ۾ سستا مزدور گهرجن، اهي وري ات لڳائينديون، جتي ڪاٻہ معدنيات نہ هوندي، تعليم جو معيار ساڳي طرح صرف شهرين جو حق هوندو، نيڪا نوڪريون واپار صنعتون صرف شهري غلامن جو حق تصور ڪيو ويندو.

جهنگن ۽ جبلن ۾ لڪل سنڌين کي هٿ سان هٿيار ڏئي مدد ڪري ڪانئن وري بہ ڌاڙا ۽ ڦرون ڪرائيون، حيئن فوجي ڇانوڻيون امن امان لاءِ قائم رکي سکھجن ۽ پنجاب سرحد ۽ بلوچ رجمنٽ جا اضافي الائونس ڪائونٽيز قبول ڪن. "مفرور سنڌي" وڏيڪ مفرور ٿيندا. "مغرور سنڌي" وڏيڪ مغرور ٿيندا ۽ هر مهيني هڪڙو مغرور سنڌي ٻي مغرور سنڌيءَ هٿان مارائي ڪيس معزز ۽ "خانبهادر سنڌي" جو لقب ڏئي، حجُ ڪرايو ويندو. طالبان جي نالي ۾ جيڪا پروپيگنڊا ڪئي پئي وڃي، ان جو مطلب ماڻهن کي مذهب جي انتهاپسندي ۾ ڦاسائي، ٻي فرقي وارن کي چيلينج ڏجي، اسلام دشمن،قوتن کي مذهبي جنگ جو ميدان شيعہ سني نالي ۾ رت جي راند ڏسڻ جو شوق ڪربلا ڪان ونئي آهي. جنهن جو ثبوت خود سي آءِ اي پنهنجي دستاويز ۾ هن ريت ظاهر ڪيو آهي تہ 1983ع ۾ اهم اجلاس ٿيو، جنهن ۾ لنڊن جي مشهور سيڪريٽ سروس ايم آءِ سڪس جو نمائندو بہ شامل هو، برطانيا کي مسلمان ملڪن ۾ ويڙهائڻ ۽ حڪومت ڪرڻ جو وسيع تجربو آهي. اجلاس ۾ فيصلو ٿيو تہ ايران جو انقلاب صرف شهنشاهہ جي غلط پاليسين جو جذباتي ردعمل نہ آهي. پر ان جي پٺيان عوام جي ڏکن جو حقيقي ردعمل پڻ آهي. خصوصن شيعہ وڏيڪ جذباتي آهن ۽ علم سان گڏ وڙهڻ لاءِ بہ تيار آهن، اسلام جي نالي هر قسم جي قرباني کي شهادت سمجهي قبول ڪندا. ان ڪري شيعن کي

بہ پاڻ ۾ ويڙهائڻ ۽ ٻين فرقن ۾ شيعن خلاف نفرت ۽ اصحابن جا دشمن قرار ڏيڻ لاءِ ٻين فرقن جي نوجوانن کي جذباتي طرح اڀارڻ لاءِ اهڙا عالم ذاڪر اسڪالر پيدا ڪرڻ، تقريبون منعقد ڪرڻ مدرسہ نهرائڻ هٿيارٻند تربيتون ڏيڻ ۽ شهادت جو شوق پيدا ڪرڻ لاءِ شيعن خلاف وڏو نفرت جو ماحول ناهڻ. اهي فرقا جن ۾ علم گهٽ ۽ جذبات وڌيڪ هجي، ان لاءِ ابتدائي بجيٽ چار ڪروڙ ڊالر رکي وئي.

جنهن جو پهريون مقصد مڪمل انگ اکر جمع ڪرڻ.

(٢) ٽرت مقصد حاصل ڪرڻ ۽ شيعہ سني فساد ڪرائڻ.

(٣) ڏگها منصوبہ يعني اهڙن ويڙهاڪ شيعن، سنين جو خاتمو ڪرڻ جنهن سان آمريڪا وانگر "ڪائونٽيون" ٺهي وينديون. ڪراچي ۾ الطاف پائي عامر پائي ڪائونٽي، پٺاڻ پنجابي پائي پائي ڪائونٽي، شفيع محمد ڄاموٽ ڪائونٽي، افغان ڪائونٽي، خواجا ڪائونٽي، ڪڇي ڪائونٽي، ميمڻ گجراتي ڪائونٽي، بوهري ڪائونٽي، باگڙي ڪائونٽي، حيدرآباد ۾ الطاف ڪائونٽي، قاسم آباد قادر مگسي رسول بخش پليجو ڪائونٽي، ضلع حيدرآباد سانگهڙ جي حد تائين مخدوم امين فهيم ۽ ڄاموٽ ذوالفقار علي شاهہ ڪائونٽي، سانگهڙ جوڻري برادران ۽ پاگارو ڪائونٽي، نواب شاهہ، پنجابي جتوئي ۽ شاهہ برادران ڪائونٽي، خيرپور پنجابي، مير وغيره ڪائونٽي.

اهڙي ريت جن وڏيرن ۽ ذاتين جي جن جن علائقن ۾ اڪثريت هوندي، ناظم انهن جا هوندا. پيٽرول ۽ گيس يا ڪوئلو جنهن جنهن علائقي ۾ هوندو.

آءِ ايم ايف کي هر وقت يهودين لاءِ خطرو آهي. هن پهرين مرحلي ۾ ڇهہ اسڪالر صرف پاڪستان موڪليا، جن ۾ نالي وارو "ڊاڪٽر شوم ويل" جنهن ڪراچي ۾ ماتم ۽ عزاداري تي ريسرچ ڪري پي ايڇ ڊي ڪئي. ڪراچي ۾ ٿي رضويہ سوسائٽي ۾ پيئنگ گيسٽ Paying Guest جي حيثيت ۾ رهيو. هڪ جاپاني عيسائي ڇوڪري "نڪومہ" ڪوئٽا ۾ هزاره قوم ۽ شيعت ۾ پي ايڇ ڊي ڪئي. شروعاتي سروي ۾ سڀ معلومات حاصل ڪري مسلم ملڪن ۾ پنهنجن نمائندن جي معرفت شيعن ۾ سنين خلاف ۽ سنين ۾ شيعن خلاف ڪتاب، عالم ۽ مدرسہ

فوري تيار ڪرايا ويا.

اج وڏا وڏا قيمتي مدرسہ ڪير پيو نهرائي ڏوڪڙ ڪٿان ٿا اچن. ڪاش انهن سازش ڪي اڄ بي نقاب ڪندڙ بي نظير پئو، ان ڏينهن جنهن ڏينهن هڪ طرف نصير الله بابر جي معرفت افغانستان ۾ طالبان جي فتح تي مبارڪباد ونڻ ۾ دير ڪئي ۽ خوشيءَ جي اظهار لاءِ سوچي رهي هئي ۽ ملڪ ۾ مرتضيٰ جي شهادت جو ماحول پيدا ڪري، طالبان جي عمل کي قبول ڪرائي توجهہ مرتضيٰ جي قتل ڏانهن ڪرايو ويو. ڪاش اج ان سازش جي خلاف بيان ڏيڻ واري بينظير اهڙي ڪم لاءِ افغان امداد حاصل نہ ڪري ها. استعفا ڏئي ڇڏي ها تہ اج اهو طالبان وارو عالمي ڄار سندس ۽ پاڪستان جي ڳچيءَ ۾ نہ پئي ها. سنڌ ويچاري انسانن جي وستي آهي، هتي صوفي نظريو اڪثريت تي حاوي آهي، ان ڪري هن سر زمين کي خون خرابي کان بچائڻ لاءِ عالمي ادارن کي اپيل ٿا ڪريون تہ هي ملڪ الله ۽ اوهان جي مرضيءَ کان سواءِ هلي نٿو سگهي. ان ڪري پلي اسان تي مهاجر، پنجابي، افغان ۽ پناڻن هٿان قبضو ڪيو. اسان جون زمينون رٽائرڊ فوجين کي ڏيو. اسان جي اهم نوڪرين تي فوجي موڪليو ڇو تہ اڳتي لاءِ آءِ ايم ايف ۽ ٻيا ادارا فوجي طاقت لاءِ قرض ڏيڻ کان انڪار ڪري چڪا آهن. ان ڪري هاڻي فوجي آفيسرن کي ان طرح فٽ ڪرڻ کان سواءِ ٻيو ڪو چارو ئي ڪونهي. وفاق جي سياست ڪندڙن ۾ هاڻ ٻيا بہ قوم پرست تيار ٿي ويا آهن، جن جو صرف اهو شرط آهي تہ هاڻ سنڌ ۾ رهندڙ سڀ سنڌي آهن، اهو چئو نہ جهيڙو ڇڏيون لڪين سنڌين جو خون بخش ڪريون نوڪريون، صنعتون، ادارا حڪومت سڀ ڪجهہ اوهان کي ڏيون. الله حياتي ڏي جنرل پرويز مشرف کي جيڪو روز پيو سمجهائين تہ سمجهو ڳالهہ کي سمجهو ڪيل ختم ٿيڻ وارو آهي. صرف اهو چئو تہ سنڌ ۾ رهڻ وارا سڀ سنڌي آهن. بي نظير ۽ ٻين پارٽين ۾ اسٽيبلشمينٽ جا پڳهاردار سنڌ جا ڪم لاهي هاڻ سرائڪي صوبي ۽ عظيم تر پنجاب لاءِ ڪم ڪري "ڪمزور پاڪستان" جي رفتار وڌائي چڪا آهن. پر انهن کي سنڌين وانگر خون جون نديون، جيل ڀرڻ، تعليمي ادارا اجاڙڻ، نياڻيون ننگيون ڪرائڻ، ڪونڌر ڪهائڻ جهڙي ڪا بہ قرباني ڏيڻي ڪا نہ

پوندي، بہ سيمينار، تي مطالبا ڪري عالمي ادارن جي حڪم موجب طاقتور اسلامي ملڪ کي ڪمزور ڪالونين يا ڪائونٽيز جو ملڪ بنائڻ ۾ هاڻ ڪابہ ڪمي نہ رهي آهي، ڀٽي جي خواب کي ختم ڪرڻ لاءِ يهودين کي اربين ڊالر خرچ ڪرڻا پيا آهن، ۽ اڄ وري بہ فيصلو اهوئي ٿيو آهي تہ ان وڻ کي وڍڻ لاءِ ڪات ڪهڙي بہ ذات جو هجي، پر ٻين وري بہ ڪات يعني ان جوئي هوندو. پر سياڻا چون ٿا تہ ان ڳن جو اهو آخري وار هوندو ۽ پوءِ اهو ڪات جو ڳن ڪڏي باهہ ۾ هيمشہ لاءِ ساڙيو ويندو ۽ وري جونيئر ذوالفقار علي ڀٽو تي خرچ ڪري ڀٽي جو مسلمانن جي بلاڪ لاءِ ڇنيل ٻج، جيڪو هاڻي هر علائقي جي مسلمانن جي دل ۾ وڻ ٿي چڪو آهي. جيڪو هاڻ جيئڻ وڌيو تيئن يهودين ۽ آمريڪا لاءِ نفرت وڌندي. ڀٽي ۽ فطرت جي انهن ٻنهي ٻجن مان ٻيلا ڦٽندا، جنهن مان فطري سوشلزم ۽ فطري اسلامي بلاڪ جي وجود جي قائم ٿيڻ کي ڪير روڪي نہ سگهندو."

گلڻ خان اها اٿئي اصلي جنگ اها اٿئي وڏي پير پاڳاري سورهيہ بادشاهہ ۽ سنڌين ۽ مسلمانن جي هيرو ذوالفقار علي ڀٽي جي انگريزن ۽ يهودين خلاف هلايل تحريڪ ۽ نظرئي جو منطقي انجام. پر هي جو لانگ مارچ ۾ هيترين نياڻين، ٻارن نوجوانن پاڻيءَ لاءِ مٿا ڦاڙايا جيل ڏٺا، ڳنڌي لاهرائي پڳون لاهرايون انهن جو ڇا ٿيندو؟"

کلي چيم: "چريا جڏهن سڀ سنڌي ٿي ويندا، نوان سنڌي پنهنجي هر شي جا وارث ٿي ويندا، تڏهن اهي نياڻيون ڳنڍيءَ تي رت مان هند ۽ سنڌ جو نقشو چٽي چرين جي اسپتال ۾ ۽ جيلن ۾، نوجوان پٽڪن تي پراڻي سنڌ جو نقشو ناهي "جيئي سنڌ" جا نعرا پيا هڻندا ۽ اسان جا وارث اصل ڌڻين کي اهو تماشو ڏيکاريندي ڏند ڪڍي چوندا تہ "سربي هين هماري بچي هوئي پراني پاگل سنڌي. بڙي ناياب نسل هي کهين تو هم انهين چڙيا گهر والون کو ديدين."

مالڪ چوندا: نهين پنجري ۾ ڈال ڪر همين دين، هم وهان بتائينگي انهين ختم ڪرني ۾، هماري ڪتني ڈالر خرچ هوئي اور ڪتنا عرصہ لگا."

# گلڻ جي بولتي بند ٿي وئي

گلڻ خان جي بولتي گهٽ ڏينهن کان بلڪل بند آهي. اڪثر ماڻهو منڊا آهن، پڇندا آهن، يار ڏي ته پلا خبر: يلا! گلڻ خان جي بولتي ڇو بند ٿي وئي آهي؟ انهن کي جواب ڏئي ڏئي هاڻ ته صفا ٿڪجي پيو آهيان: ” ادا هو ڪنهن اهم ڪم ۾ مصروف آهي، عنقريب سامهون ايندو، نون احوالن سان، اٽڪڻين نون رازن سان. وڏي ڪم سان ست سمنڊ پار ولائت ويو آهي وغيره وغيره.“ حقيقت اها هئي ته اڳ گلڻ خان جي گفتن کي اخبار جي ڪالمن ۾ ڪاوش جي قاضي علي صاحب جي مهربانين ۽ موڊ سان ڇپجڻ جو موقعو ملندو هو. ڪي ڪالم صفا گند ۽ ڪچا هئڻ ڪري گند جي ٽوڪريءَ ۾ هليا ويندا هئا. يلا اها ڪتان جي شرافت آهي ته ڪو اڌ مغزي جيڪي به لکي ته ڇاپي جڏجي. بحرحال قاضي صاحب جا قرب جو هن گلڻ خان کي پنهنجي دوڪان تي ڪڏهن ڪڏهن وڪر وڪڻڻ جو مفت ۾ موقعو ڏنو. نه ته ٻڌو اهو ويو آهي ته ڪي ته ڪجهه ڪميشنون وٺي پوءِ وڪر وڪڻندا آهن. جيئن ٽي ويءَ تي نون فنڪارن کان چيڪ ورتا ويندا آهن ۽ پراڻن فنڪارن کي چيڪ وڏائي ڏنا ويندا آهن، جيڪي وري ڪڏهن ڪڏهن پروڊيوسرن کي رات پالرائي ڇڏيندا آهن، يا گفٽ شفٽ ڪري ڇڏيندا آهن.

اڄوڪو گلڻ خان اهو گلڻ خان نه آهي، جيڪو اڄايون ڳالهيون ڪندو هو. وٽس پاٽيءَ واري ڪاتي، پوليس ۽ روينيو وارن کان سواءِ ٻيون ڳالهيون هونديون ئي نه هيون.

اڄوڪو گلڻ رئيس گلڻ خان ڪائونسلر شريف آباد آهي. ڪپڙا به بوسڪي جا قميص تي ڪلف واري سفيد شلوار هٿ ۾ سونهري سگريٽ جو پاڪيٽ ۽ هڪ سيڪنڊ هيڊ سوزوڪي ۾ اڳين سيٽ تي

ويندل. هو مون وٽ اچي لٿو. ڪونہ سڃاتم. ماڻهو ماڻهن جهڙا، مون سمجهيو ڪو ڪاتيدار وري ڪا دانهن ڪٿي آيو آهي. گلڻ سگريٽ مٺ تي رکندي ڏونهون منهنجي منهن ۾ هٽندي چيو: "پانيان ٿو تہ ڪونہ سڃاتئي." ڪلي چيم: "گلڻ خان پانيان ٿو پاڻيءَ جي عذابن ڪري زمين ئي وڪٽي ڇڏيئي". زمين وڪڻن پنهنجا دشمن. اسان تہ هاڻ پاڻ ڪچي جون زمينون پيا ڪٽون. اڙ ي ڇريا ڪائونسلر ٿي ويو آهيان. ڪائونسلر." سوچي چيم: "گلڻ خان اهو شوق تہ تو واري گهرواريءَ کي جاڳيو هو." ڪلي چيائين: "ٻئي ڪائونسلر ٿيا آهيون، پهرين منهنجي زال جي زبان ڪينچي وانگر هلندي هئي ۽ هاڻ هٿ ۾ ڪينچي اٿس." ڪلي چيم: "ڪيسا ٿي ڪٽي ڇا؟" چيائين: "ڪيسو تہ منهنجو ڪٽيندي آهي. پر اچ هوءَ تہ ڪينچيءَ سان پٽيون پئي ڪٽي، سڄو ڏينهن افتتاح پئي ڪري ڪڏهن دستڪاري اسڪول، ڪڏهن عورتن جي آفيس مطلب تہ واندي ئي ڪانهي." چيم: "پر گلڻ خان اجا تہ حڪومت فنڊ بہ رليز نہ ڪيا آهن، تو وٽ ايترا ڏوڪڙ ڪٿان اچي ويا." چيائين: "قصو مختصر هن ريت آهي تہ، تعلقي جي چوندن ۾ بہ سئوٽ پاڻ ۾ اٽڪي پيا، همراهن جو مقابلو جڏهن عروج تي پهتو تہ، اليڪشن جا ڏينهن بہ سر تي اچي ويا. تڏهن هڪ رات هڪڙو سوٽ ڪلام پاڪ کڻي آيو ۽ ساون نوٽن جو هڪ بنڊل رکي ويو. ٻيءَ رات ٻيو آيو، گهر واري ان سان وعدو وفا ڪيو. پر اتفاق سان ٻنهي جا ووٽ اڌو اڌ ٿي ويا ۽ انهن ڏينهن اليڪشن وري ٿي، وري ٻئي ڇٽا ساڳي ڪار وهندي ڪري پيا، پر هن واري بہ "سئوٽ بہ ساڳيا تہ نوٽ بہ ساڳيا" پر ووٽ پيا بہ ويا. الله بہ خوش تہ بندو بہ خوش." پڇيم: "گلڻ خان هاڻي پلا ڇا ڇا ڪندو آهين؟" چيائين: "بابلا! ڏسو پيا تہ هن علائقي ۾ صورتحال تبديل ٿيندي پئي وڃي، دهشتگردي کي ختم ڪرڻ لاءِ آمريڪا کي مداخلت ڪرڻي پئجي ويندي. متان چين هندوستان جا ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏي، روس سان ملي ڪري متان ڪشمير ۾ چين اچي وڃي يا روس ڪا وري نئين مشڪري ڪري، ان ڪري آمريڪا کي جام فوج ڏيڻي پوندي تہ جيئن علائقي ۾ امن رهي ۽ ڪوبہ مسخري نہ ڪري سگهي. نواز شريف ۽ بينظير کي ايستائين پاڪستان اچڻ نہ ڏنو

مان سان گلڻ خان سان پاڪر پائي مليا. گلڻ خان سوچي چيو: ”توهان تہ اهي آهيو نہ جيڪي وڏيري منل جي اوطاق تي رات جو اسان جي خدمت ڪندا هئا“. هڪڙي چيو: ”هائو گلڻ خان اسان اهي ساڳيا آهيون ۽ اها گاڏي جيڪا وڏيري توکي ڪجهہ ڏينهن گهمڻ لاءِ ڏني هئي، اها منهنجي آهي، ٽيڪسي آهي ٻچن جي روزي آهي. وڏيري چيو تہ گلڻ خان پاڻ ڪي ووٽ ڏيو ڏي، گاڏيءَ جو شوق اٿس پورو ڪري اليڪشن ڪان پوءِ واپس ڏئي ويندو.“ گلڻ اجان ڪجهہ ڪڇي تہ ٻي چيو: ”۽ اها بوسڪيءَ جي قميص ۽ ڪلف لڳل هرڪ جي شلوار منهنجي آهي، ان ڪري اهو بہ تنهنجو شوق پورو ٿيو“.

ڪل روڪندي چيم: ”گلڻ خان گوڏ اٿئي يا گهران ڪٽي اچان.“ گلڻ خان ڪڇي جهڙي يت، هو چپ چاپ باٿ روم ۾ هليو ويو.

# جهان خان وايا قنڌار

اڄڪلھ هرماڻهو ملڪ جي نازڪ حالت تي ڳڻتيءَ جو اظهار بار بار ڪري رهيو آهي. هر انسان جتي بہ آهي جنهن سان بہ ڳالهائي ٿو، ٿوري ٿوري دير ڪان پوءِ سامهون واري ڪان اهو ئي سوال ورجائي ٿو تہ "تون ڇا ٿو سمجهين؟ ڇا ٿيندو؟، اهو حملو آمريڪا تي ڪنهن ڪيو هوندو! ڪيئن پلان ڪيو ويو هوندو؟" .

گلڻ خان صبح ڪان پنهنجي اوطاق ۾ کٽ تي ڪانپ ٻڌي وينو آهي ۽ ڪارڻ ڪتلي جنهن کي چلھ تي چڙهي نہ تہ بہ ست سال ڪن تہ ٿيا ئي هوندا. گلڻ خان ان کي ڏوئڻ جو جڻ تہ قسم ڪٽي ڇڏيو آهي، ان ۾ چانھ جوپاٽي پيو پوي ۽ ڪير پيو پوي ۽ پيالين ۾ دودھ پتي چانھ هر هڪ اڳيان پيو پيش ڪري، وري اهوئي سوال دهرائيندو تہ: " يار تون ڪيئن ٿو ڀانئين! ڇا ٿيندو؟ حملو ڪنهن ڪيو هوندو؟ هاڻ ڇا ٿيندو؟" مون بيزاريءَ مان گلڻ خان کي منٿ ڪئي: " ميان گلڻ خان اهو سوال رڳو عقلمندن جوئي نہ آهي پرچرين جي اسپتال ۾ بہ اهو ساڳيو ئي سوال پيو ور ور ورجائجي. پر اتي صرف تنواري هيءَ چانھ واري پيالي نہ آهي." گلڻ خان ڪاوڙجي پيو، چيائين: " يار سڀ منافق آهيو ڪوڙ پيا ڳالهايو، سڀ ڊنل آهن، سيني کي خبر آهي تہ هن هيڏي وڏي حملي مان فاعدو ڪنهن کي پهچندو. قتل ۽ دهشت تہ آدم جي ٻنهي پٽن ڪان شروع ٿيو، ڀاءُ ڀاءُ کي قتل ڪري وري ڀاءُ جو لاش ڪلهي تي ڪٽي هلندو رهيو. جڏهن ڪانوَ پنهنجي مئل ڪانوَ کي چنهب سان کڏ کوٽي دفن ڪيو، تہ پوءِ ئي هابيل کي عقل آيو تہ ڀاءُ جي لاش کي دفن ڪيئن ڪجي. انسان انسان کي ماري ٿو، انسان انسان لاءِ روئي ٿو، انسان انسان جو بدلو وٺي ٿو. اهڙي طرح قيامت تائين هن ڌرتيءَ جي خوراڪ جيترو بہ انساني خون آهي، ان کي ضرور ملندو. پر ڏک جي ڳالھ آهي تہ ماري بہ جهان خان تہ انصاف بہ ڪري جهان خان ،

بدلو بہ جهان خان وٺي تہ فاعدو بہ جهان خان وٺي، روئي بہ جهان خان تہ روئاري بہ جهان خان ۽ وري ڪلائي بہ جهان خان." پڇيم: " گلڻ خان اهو جهان خان وري ڪير آهي ۽ ڪٿان آيو آهي." چيائين: " اڙي اهوئي جيڪو سڄي دنيا جو چڱو مڙس آهي. هٿيار ناهي، ڀائر ويڙهائي، هٿيار ڪپائي، مزدورن جو رت چوسي، هنرمندن جو هنر چورائي هنرمند قتل ڪرائي. زمين اندران تيل، سون، هيرا، ڪوئلو، ڪڍي مالڪي ڪري، اسان جا ميڇالا خريد ڪري، اسان ۾ رنگ ۽ نسل جا جهيڙا ڪرائي، بادشاهہ خريد ڪري انهن ڪان پنهنجي مرضيءَ جا ڪم وٺي وري انهن کي مارائي بہ " منجهي پيم. چيم: " گلڻ خان اڳ چٽيون ڳالهيون ڪندو هئين، پوليس وڏيرن ڪامورن ڪان مڙندو ئي نہ هئين هينئر اوچتو ڪهڙو ڪتاب پڙهيو اٿئي جو، سياسي بولي پيو ڳالهائين." چيائين: " بابا پريان پر پئي آهي، سيني کي خبر آهي. هاڻ هڪڙو "نقلي اسلامي بلاڪ" نهندو جنهن ۾ سڀ تعاون ڪندا، وري ڪجهہ عرصي ڪان پوءِ بيو اسلامي بلاڪ نهندو. چيو ويندو تہ اهي ايجنسي جا ماڻهو آهن، اسين اصلي آهيون. جيئن اسان جي ۽ بين ملڪن ۾ چوندا آهن، تہ اسين اصلي اسلام پسند، يا اسين اصل قوم پرست، اسين اصلي ۽ حقيقي آهيون، بيا نقلي آهن. اهڙي طرح جيستائين ٽيو اسلامي حقيقي بلاڪ نهي تيستائين دنيا ۾ ننڍن ملڪن جي جمعہ بازار لڳي ويندي ۽ پوءِ واقعي حقيقي ۽ فطري اسلامي بلاڪ نهندو. جنهن جو تيل سون گيس ۽ بي معدنيات ڪڍندا اتي جا مزدور پر ان ملڪ جا ٺيڪيدار ۽ انهن قدرتي نعمتن تي مالڪي هوندي جهان خان جي ۽ ان جي موڪليل جوانن جي." ڏنم اڄ گلڻ خان فضيلت سان پيو ڳالهائي. دهشتگردي ۽ ڌماڪن ڪان پوءِ گهٽا ابوجهہ سياڻا ۽ سمجهو ٿي ويا آهن، رڳو پيا سياست تي ڳالهائن، گلڻ خان جي ڳالهہ ڪٽيندي چيم: " يلا اهو حملو ڪيو ڪنهن هوندو؟" ڪلي چيائين: " هر ٽي وي ٽيشڻ ۽ هر اخبار جي پنهنجي بولي آهي، اسين ڪنهن جي ڳالهہ کي سچ سمجهون. هڪڙا پيا چون اهو بهانو آمريڪا پاڻ ناهيو آهي (بقول زي ٽي وي) حملي ڪان بہ ڏينهن اڳ انهن ٽريڊ سينٽرن جي سٽي بازار ۾ آمريڪن ايئرلائين جي ڪنهن گروپ 10 روپين ۾ شيئر

خريد ڪيو هو، اهو حملي واري ڏينهن ٻن سون روپين جو ٿيو ۽ ٽريڊ سينٽر ڪليل هجي ها تہ شايد بازار ڪري پئي ها، يهودي جيڪي بہ ان ٽريڊ سينٽر ۾ نوڪري ڪندا آهن اهي ان ڏينهن نہ آيا. ڏماڪو نہ ٿئي ها تہ ايئرلائين کي تمام گهڻو نقصان ٿئي ها ۽ هاڻ ايترو فاعدو ٿيندس جو اهو سڄو نقصان پري تہ بہ فاعدي ۾ رهندي، ٻئي طرف هشيارن کپائڻ، مسلمان ختم ڪرڻ، ايران، روس چين ۽ انڊيا کي ڊيڄارڻ ۽ مٿان اچي ويهڻ جو موقعو ملي ويو، اهو سڀ ڪجهہ اسان وٽ ناظمن چوندڃڻ کان پوءِ ٿيو آهي. جيڪي آفيسن ۽ فنڊن جي انتظار ۾ ويهاريا ويا هئا. هاڻ جيڪي امدادون ملنديون ان مان انهن جو بہ ڪاروبار هلندو. ڪٿي بدحالي ڪٿي خوشحالي، تڏو وڪٽي دشمن کي ڏئي، ڪيس شان مان سان ويهاري مون واري دودهہ پتي جي پيالي پياري پيا مٿس ونجٽي هٽنداسين." گلڻ خان پيالي ۾ ڪاري سليماني چانهہ ڏيندي چيو. چيم: "اڄ دودهہ پتي بدران ڪاري سليماني وري چو؟" ڪلي آهستي چيائين: " سياٽي پنهنجا مائي باپ پاڻ کي بہ ڪاري بوتل مان ڪارو پاٽي ڪارڊ تي ائين پيارينداٍ جيئن سندن ملڪن ۾ ڪارن کي روز ڪارڊ تي نشو مفت ملندو آهي. جو هو نہ پڙهي سگهن نہ وڙهي سگهن ۽ نہ ڪڏهن بادشاهہ ٿيڻ جو سوچن، غلام آهن ۽ غلام ئي رهن." چيم: " تنهنجو مطلب آهي تہ ڪارا جت بہ هوندا ات غلام بڻجي رهندا ۽ اڇا بادشاهہ، اهو ڪٿان جو انصاف آهي؟" چيائين: " پوءِ اهو وري ڪٿان جو انصافُ آهي، اڇن جي ٿي وي جيڪي چوي سو سڄ اڇا جيڪو حڪم ڪن اهو اکين تي، ايران ۽ روس خلاف اسان کان طالبان ۽ اسامہ نهرائين بہ اڇا ۽ جڏهن ڪم ختم ٿئي تہ پوءِ وري انسانيت جي نالي ۾ اسان جي هٿان، اسان جي ڪلهن تي بندوقون رکي هلائن بہ اڇا، اسان صرف قرض، قسطون ڪرائڻ ۾ خوش. مون تہ اهو بہ ٻڌو آهي تہ يهودي جوارين جيئن اها ڪيڏ ڪيڏي آهي تيئن وري سٽو لڳايو اٿن تہ في مسلمان 10 ڊالر جيڪڏهن دهشتگردي ۾ 10 لک مسلمان مئا تہ دهشتگرديءَ جي جوا ڪيڏنداسين جي گهٽ ٿيا تہ پوءِ هارائيندا." مون ڏٺو تہ گلڻ خان اڄ بتال ٿي ويو آهي، ننڍو ماٺهو وڏيون ڳالهيون، صرف اڄڪلهہ جا ويچارا چونڊيل ڪائونسلر ئي ڪري

سگهن ٿا. سو موضوع مٽائيندي چيم: " پر گلڻ خان گروڙي شريف جي اها اڳ ڪٿي "جڏهن ڪڏهن سنڌڙي توکي قنڌارون جوکو" ڪلي چيائين: " سمجهيم منهنجو ڪانٽو ٿو مٽائين تہ بڌ اڄ ڪراچي حيدرآباد سکر بدين سانگهڙ ۾ طاقت ۽ هٿيار ڪنهن جي هٿ ۾ آهن. مدرسن ڪي ڪير پيو هلائي ڪارخانن جي ٽرانسپورٽ ۽ مشينون ڪير پيا هلائين. رستا پليون ڪير پيو ٺاهي. جُتي پالش ڪير پيو ڪري، چوڪيداري ۽ پٿر ڪٽڻ لاءِ ڪنهن سنڌي ۽ مهاجر کي ڏنو اٿئي. ٻيلي ۾ ڏاڙيل منظور سخيراڻي کي بہ پنگ لاءِ وبهاربن ٿا. پر پناڻ روز انهن علائقن مان قسطن جو رقمون وٺيو پيا اچن. انهن کي ڪنهن ڏاڙيل ڪڏهن اغوا ڪيو. جڏهن تہ اڄڪلهہ اوليائن تان زيارتي ۽ مسجدن مان نمازي بہ اغوا ڪيا ٿا وڃن، معصوم ٻار بہ اغوا ڪيا ٿا وڃن." چيم: " اهي مسئلا تہ هاڻ ناظمن کي حل ڪرڻا آهن." ڪلي چيائين: " ادا اهي ناظم بہ تہ جهان خان جا ئي ماڻهو آهن."

"ان ڪري، هاڻ ياالله جا ماڻهو ظلم سهي ياحسين ياحسين ڪندا." جهان خان جا زنده باد چوڻ وارا چوندا:

"جهان خان وايا قنڌار زنده باد!

حصو ٻيو: ناٽڪ

# وڏيرو اِن آمريڪا

تحرير ۽ هدايتون: سيد يار محمد شاهه

اداڪار: منٺل ( قادر بخش منو،
وڏيرو (يار محمد شاهه،
خالد ( خالد زمان )
انجلينا ( زال )

*هي ڊرامون جون 2000ع ۾. واشنگٽن ڊي سي، هوٽل ڪرائون پلازا ۾ ٿيئو هو. جيڪو قادر بخش منو جي ٽنگ ڀڄڻ ۽ خالد زمان جي ڀڄي اچڻ ڪري اسٽيج نہ ٿي سگهيو.*

# وڏيرو اِن آمريڪا

*اسٽيج تي هڪ صوفا، ٻا ڪرسي ٽيبل، ان تي فون رکيل،*
*پاڻيءَ جي جڳ ۽ گلاس پڻ رکيل آهن.*
*وڏيرو علي محمد - پٽڪو، ٽاءِ، ڪوٽ ۽ سلوار پاتل، منل*
*نوڪر، شلوار قميص ڪوٽي.*
*وڏيرو وائڙن وانگر ڪارو چشمو پاتل، اڳيان منل وڏيري کي*
*سهارو ڏيندي.*

منل: بسم الله بسم الله پاڻ سنياليو سائين هيءَ آمريڪا آهي آمريڪا. ٽنڊو ولي محمد ڪونهي.

وڏيرو: سمجهان ٿو سمجهان، ڇٽ ڄاموٽ آهيان، ڪو وائڙو وڏيرو ناهيان. اسان جي ابن ڏاڏن انگريزن کي شوق شڪار ڪرائي، سر ۽ خانبهادر جا لقب ماڻيان هئا. ڪا گهٽ ڳالهہ ناهيون ها.

منل: صدقو وڃان سائين جي ابن ڏاڏن تان تڏهن تہ سنڌ، ڪشمير، بمبئي، ملتان تائين هئي. جيڪا هٿن سان وڃايائون. هينئر پٽ شاهہ ۾ ۽ قلندر تي بہ "ڪيا بولتا هي" لڳي پئي آهي. سري گهاٽ تان سٽڻ، ٽوپي وارا اچن. وڏا وڏا پوتار اڳ ادلي اردو کي وني وهاريندا هئا ۽ هاڻ ادا اردوءَ کي اسان جون اديون ڏيڻ ۾ فخر پڻ محسوس ڪن.

وڏيرو: بند ڪر بڪواس پرديس ۾ پلاند پيو ڪرين ڇا؟

منل: رکي خدا پناهہ ۾ اوهان جو تہ مت ئي ڪونهي. آئون تہ اليڪشني

پوتارن جي ڳالهه پيو ڪريان، جيڪي جهڙا مينهن وساڙا. جيڪي غريبن کي هونءَ تہ انسان ئي ڪونہ سمجهن. باقي اليڪشن ۾ پنگيءَ جي نانيءَ جي لاش تي بہ پار ڪديو پيا روئندا.

*(اچنگار ڏئي)*

اي امان! چو تڪڙ ڪيئي. بس ڙي جيجل امان مونکي ماري ڇڏئي. اجان تنهنجي عمر ئي ڇا هئي، امان ڇو تڪڙ ڪيئي؟."

*(ان وقت فون جي گهنٽي وجي ٿي. وڏيرو ڇرڪي ڇرڪي ٿو)*

وڏيرو: بس ڪر هنياءُ ٿو ڦاڙين. ڏس فون ڪنهن جو آهي؟

منل: ڪنهن پوريءَ جو هجي پوتار تہ پوءِ....؟

وڏيرو: ڇگو پري ٿي مان ٿو ڏسان. پر ترس پهرين خوشبوءِ تہ هٽان.

*(ڪيسي مان اسپري ڪڍي هٽندي.)*

منل: ضروري آهي سائين ضروري. عيد، عيد تي تڙ ڪندا آهيو. بارهن مهينن جي پگهر جي خوشبوءِ صرف هي منل برداشت ڪري سگهي ٿو. هتي تہ ميونسپالٽيءَ وارن ڪتن واري گاڏي ۾ ڪٽي نہ وجنوَ. انگريزي ڳالهائجو. متان ٻوڙ هاريو.

*(منل جي وات تي هٿ رکندي)*

وڏيرو: هيلو. آءِ ايم علي محمد ولد پلي محمد، ويٺل تندو ولي محمد. پرنس آف بائو ديرو، ڳوٺ ۾ وڏيرو، هت نديرو آمريڪا آيو پهريون پيرو. ٻيو مڙيئي خير.....

ڪيا ڪها هم هتي ڪيون آيا هي. اڙي بابا همڪا پٽ هتي رهتا هي. هم ني اسڪو وڏا ماٺهو بناني ادهر موڪليا تا. هم ني سنا هي ڪہ ڇورا ڪهر گيا هي. ڪسي پوري ڪي چڪر ۾ آگيا هي. ادهر ڳوٺ ۾ ميري پائي مرحات ڪي بيٽي ڪي مٽي ۾ چاندي پئي چمڪي، ڇورا چليگا، اس سي شادي ڪريگا تہ پوءِ پائيٽي ڪو ملڪيت مليگي تو ڦر اليڪشن لڙ سڪونگا.... ها ها.... جي....

نهين پائي ميري دولت تو پرو چانديو پالڻ ۽ اليڪشنون وڙهڻ ۾ فنس ٿي وئي. هي ٻيو پرو آيو ۽ هڪڙي بئنڪ جي چٽي پراپائين تہ پاڙو پري اچي ڇورو ڳولهڻ هتي نڪاءُ ڪيو اٿئون. آئي اشٽوري

سمجھ ۾..... هيلو هيلو..... بند ڪري ڇڏئي.

منل: سائين توهان بہ اليڪشن واري تقرير ڪٽي جهاڙي، نڪا اردو، نڪا سنڌي، نڪا انگريزي ـ هو ڪير؟

وڏيرو: چئي پيو رپورٽر آهيان، ٽيم ڏيو. اسان نہ ڪا رپورٽ لکائي آهي، نہ ڪا ڪدائي آهي. باقي ٽيم ڇا جو ڏيانس؟

منل: پوتار اخبارن وارو هوندو، بيان وٺڻ لاءِ وقت گهربو هوندائين.

وڏيرو: اسان جي هتي ٿي بولتي بند ڪري ڇڏي اٿن، تہ هتي وري ڪهڙا بيان ڪديا.

*(ان وقت هڪ نوجوان انگريزي چشمو چڙهيل، ڪيمرا ڪلهي تي، قلم هٿ ۾ ۽ هڪ ننڍو ٽيپ رڪارڊر گڏ: رپورٽر اچر ٿو.*

خالد (رپورٽر): ويلڪم، ويلڪم وڊيرا سائين ويلڪم ان آمريڪا.

وڏيرو: اڙي بابا آمريڪا بہ پنهنجو گهر آهي. پٽ پڙهتاَ هي ميرا. وڏا ماڻهو هوني آيا هي. الله ڪي فضل سي. ويري گڊ آمريڪا، ويري گڊ انگريز مائي باپ.

خالد: ڪيا بولتا هي وڊيرا سائين مائي باپ.

منل: مائي باپ معنيٰ مائي وهاري آيا آهيون. بابي ڪي ڳولهڻ. خالد پٽ آهي. وڏيري جو. مگَ ڳوٺ ۾ ڇڏي هتي پيو چو..ن سان عشق ڪري. وٺڻ آيا آهيون، ويري گڊ وڏيري ڪي، پيو مڙئي خير. چگو ڀلو، خوش متارو، جوڙ بار ٻچا، اوڙو پاڙو نوڪر چاڪر، ڍور ڍڳا....

خالد: خاموش، خاموش شٽ اپ، يہ ڪيا بڪواس هي وڊيرا سائين، آپ، آءِ مين I mean سنڌ تي صورتحال بابت ڪجهہ ٻڌايو.

وڏيرو: سنڌ جي صورت آئون تنهنجي سامهون ويٺو آهيان، باقي حال ڏاڍا خراب اٿس. فصل تباھ ٿي ويا آهن. ڦٽيون، ساريون، ڪمند ۽ ڪٽڪ، باغن مان پاڻ ۽ ٻج بہ نہ نڪتو. مٿان وري، ڍلون بينڪن جا قرض. اصل پنڻ جهڙا ٿي ويا آهيون. تڏهن پڇي هتي آيا آهيون.

خالد: توهان جڏهن اسيمبلين ۾ هوندا آهيو تہ ڇا ڪندا آهيو؟

منل: اي سي تکو هلندو آهي. ان ڪري ننڊون ڪندا آهن.

خالد: يو شٽ اپ. مان هن ڪان سوال پيو پڇان. ها وڏيرا، جڏهن نه توهان پاٽيءَ جي ورهاست ڪندا آهيو، اسيمبلين ۾ توهان جي صحيح سان زراعت جي اصلاحات جا بل پاس ٿيندا آهن. توهان پاٽيءَ جو مقدر توهان پاڻ اسيمبلي ۾ هٿن سان لکندا آهيو نه پوءِ دانهون ڇو ٿا ڪريو؟

منل: ڊرامون ڪندا آهن ڊرامون. اليڪشن ۽ اسيمبلي ۾ ٻين جي لکيل ڊرامي ۾ ڪم ڪندا هن. گگدام وبچارا آهن. تڏهن نه انگريزن ٺڪر تي هيرائي ڇڏيا آهن. وبچارا خانداني وڏيرا.

خالد: آءِ سي شٽ اپ.

ـ وڏيرو: ويري گڊ آمريڪا ويري گڊ آمريڪا....

*(خوش ٿيندي)*.

اڙي بابا هم تو حڪم ڪا غلام هي. جو هم ڪو حڪم ديگا انگريز، هم تو وهي ڪريگا. گداري نهين ڪريگا، جو ٽڪيٽ ديتا هي، هم اڪيون پوري اچي پني بي اسڪو صحي ديديتا هي. هو جاٽي هن جو ڪم جاٽي. پيو بل پاس ڪرائي وڪٽي ڇڏي. ڪاٽيون، تيل، گئس، ڪوئلو، جبل زمينون، ڪارخانا ۽ پاٽي وڪٽي ڇڏي لٽ به سندس چٽ به سندس.

منل: ڪتن جو ڪم آهي، چٽ ۾ لَڪَڻ ۽ پڇ لوڏڻ. ۽ هائو، هائو گائون گائون ڪرڻ

*(ڪاوڙ ۾)*.

خالد: او يو شٽ اپ. وڊيرا يہ آپ ڪا اسپوڪس مين هي ڪيا. سيڪريٽري هي ڪيا. ڪيا بلان هي؟

وڏيرو: ويري گڊ آمريڪا، ويري گڊ آمريڪا. وڏي بلان آهي. هي اسان جي چاٻي آهي. اسان هنن جي واهہ سائين واهہ تي پنهنجو الهہ تلهہ چٽ ڪري ڇڏيون. ڏاڍو نشو آهي. هنن نوڪرن جي واهہ سائين واهہ ۾.

خالد: ميرا آخري سوال آپ سي. منهنجو مطلب هي ڪہ اوهان جي هٿان ڪارو ڪاري جا ڪيس گهٽا ٿيا آهن.

منل: الله جي فضل سان سئو ڪن ڪارو ڪاري ماري چڪا آهن. جيڪا ڇوري يا ڇورو نخرو ڪن يا ارڏائپ تہ پڻ ڏينهن ۾ ڪارو ڪاري ڪري مارايو ڇڏين. باقي ذاڙيل ناهڻ ۽ مارائڻ جو شوق تہ وڏن ڪان ورثي ۾ مليو اٿن. رڇ، ڪتا، گهوڙا، ڪڪڙ، تپيدار، صوبيدار پالڻ تہ عام آهي. گرا گنجا پوتار پيا پالين پر هي خانداني.

خالد: آءِ ايم ساري وڏيرا منهنجو وقت برباد ٿيو. اوهہ منهنجو مطلب آهي تہ مون توهان جو وقت برباد ڪيو. هي توهان غلط ماڻهو کي ڪٺي آيا آهيو. آئي ايم ساري. مان هلان ٿو. سنڌي ماڻهو سٺو ماڻهو، پر ويچارو ماڻهو گڏ باءِ مسٽر برين ليس مسلم، اينڊ صابرين سنڌي گڏ باءِ.

*(وڏيرو پرچائيندي گذارش ڪندي)*

وڏيرو: ويري گڊ آمريڪا، خدا جو قسم ويري گڊ آمريڪا مائي باپ. هم آپ ڪي حڪم ڪي غلام هين. ناراض مت هو.... رڪ جائو تم ڪو محمد علي ڪلي ڪي قسم رڪ جائو.....

*(خالد حقارت مان پير ڇنڊيندي وڃي ٿو)*

منل: پوتار ڇڏينس تہ وڃي ڏوڙ پائي. اهڙو پيو خوشامد ڪرينس جهڙو مرش هجيئي. تڪي جو ڇورو ٿيڙي تہ ڏسوس ٿيڙي.

وڏيرو: اڙي نياڳا تون نوڪر آهين، هو مالڪ آهن. ڪٽڪ، پيٽرول هٿيار، قرض ۽ قسمت سڀ هنن جي هٿ ۾ آهي. ڪاوڙائي ڇڏيئينس نہ.

منل: پوتار هي رپورٽر ڪاوڙجي ويو تہ ڇا آهي. پاڻ وري ڪلنٽن کي شڪار ڪرائي، پاٽي پياري، مجرا شجرا ڪرائينداسين تہ سڀ ڪجهہ ملي ويندو. جيئن هندن کي مليو تيئن سنڌين کي ملندو.

وڏيرو: پاڻ کي ڇوڙو هٿ اچي تہ هلي ڳوٺ نڪاءُ ڪريون، هتي پوريون پٽاريون تہ پاڻ کي بہ بتال ڪري ڇڏينديون.

منل: بابي سائين جو هيءُ حال آهي تہ پوتار نندي تي کهڙي ميار. جهڙا ڪانگ تهڙا ٻچا.

*(ان وقت خالد وري بي گيٽ اپ ۾ چشمو سوٽ، مڇيون،*

ويو آهي. اسان وٽ ڪتا ته هر هنڌ ہڌل هوندا آهن.

خالد: ڪا اسپتال نهرائي.

منل: اسپتال تمام وڏي ٺهي پر نه ڪو ڊاڪٽر، نه ڪو دوائون. في الحال ان ۾ رئيس جو ياڻ، ٻج ۽ دوائون پيون آهن.

وڏيرو: سائين هن جي ڳالهه تي اعتبار نه ڪجو. ڊاڪٽر ايندو ته سڀ سامان ڪڍي ڇڏيندا سين. اڄ ڪلهه اسان وٽ ذڪر اچي ويو آهي. وري ڪو قرض منظور ڪيو ته دعائون ڪريون.

خالد: توهان هت قرض وٺڻ آيا آهيو ڇا؟

منل: قرض ڪائي ڀجي آيا آهيون. هتي وڏيري جو پٽ ڳولهڻ آيا آهيون. جيڪو هت تعليم حاصل ڪرڻ آيو آهي. ڳوٺ سندس مڱ جو اچو مٿو ٿي ويو آهي ۽ هي هتي پوري پٺاري جي پنيان پيو پڇ لوڏي. هٿ ڪري ڏيو ته هليا وڃون.

خالد: تعليم ڇڏي هلي شادي ڪري؟

وڏيرو: شادي ڪندو منهنجي ڀائيٽي سان ته پوءِ مون ڪي ان جي ملڪيت حاصل ٿيندي، اڪيلي نياٽي آهي. اديءَ ڪي الله جي فضل سان پٽ صفا ڪونه اٿس. ٻن ڪروڙن جي ٻني اٿس. سنڌ ۾ اسان جا راڄ ڀاڳ آهن. ماٿهو سائين سائين ٿا چون.

*(ان وقت خالد چشمون ۽ وگ لاهي پنهنجي اصلي روپ ۾ اچي. ڊرامائي تقرير ڪري ٿو.)*

*(ٻئي ڄڻا حيران ٿي ڪيس ڏسندا آهن)*.

خالد: آئون لعنت ٿو وجهان انهيءَ دولت ۽ انهيءَ ڪوڙي سائين سائين تي. بابا.

وڏيرو: پٽ خالد تون! هي سڀ ڇا آهي؟

خالد: ها بابا سوپر رپورٽر بڻجي ہ مان آيو هوس. توهان ڏوهي آهيو. توهان سنڌ کي برباد ڪيو آهي. سنڌ جي خلاف ٿيندڙ هر سازش جو حصو بڻيا. سنڌ جا شهر وڃايوَ. ٻنيون ۽ ڪارخانا وڃايوَ. هارين تي ۽ غريبن تي ظلم ڪيوَ. غريبن لاءِ ملندڙ هر ملڪي غيرملڪي امداد سان صرف پنهنجا پيٽ ڀريوَ. ايجنسين جا دلال بڻجي هر دؤر ۾ سنڌ کي تباهه ڪيوَ. ڪهڙي سنڌ جي ڳالهه ٿا

ڪريو. شهرن بدران يونين ڪائونسل ۾ بہ هاڻ مهاجر پنجابي ڪان سواءِ ڪا سيٽ حاصل نہ ڪري سگهندو. ثقافت جي سڃاڻپ، اجرڪ، ڪاشي، جنڊي، سوسي گربي جي ڪهڙي حفاظت ڪئي. ان جو نقل اڄ بہ ثقافت جا دشمن ولائتن ۾ پيش ڪري. ان جي اصليت کي بدنام ڪري رهيا آهن. ڌارين جي ثقافت جون فلمون، ڊراما سڄو ڏينهن. اسان جي نسل کي فحاشت جي ترغيب ڏئي رهيا آهن. نہ پنهنجو ٽي وي چينل نہ پنهنجيون فلمون. هر گهر ۾ ڌارين جو فحش لٽريچر ۽ فيشن پڙهيو ۽ پائڻ ۾ فخر محسوس ڪيو پيو وڃي. سنڌين جا شناختي ڪارڊ اڌ نهيا ۽ آدمشماري لسٽ ۾ اڌ بہ نالا درج نہ ٿيا آهن. ڪهڙي سنڌ جي ڳالهہ ٿا ڪريو، جنهن کي هر دؤر ۾ وڏيرن، پيرن ۽ جاگيردارن ڦريو ۽ لٽيو آهي.

منل: اهو سچ جيڪڏهن اتي هلي ڳالهايو تہ پتو پئجي وڃيو...

خالد: پتو پئجي ويو آهي تہ اتي سچ ڳالهائڻ وارن کي يا ڪارو ڪاري ڪري ڪهي ڇڏيندا آهن. يا پاڳيلو بڻائي ماري ڇڏيندا. مان توهان جي ڪنهن بہ لالچ ۽ سازش جو حصو ڪونہ بڻجندس. توهان جي سياستدانن اسان جا تعليمي ادارا تباهہ ڪري ڇڏيا. اسان جو نسل تباهہ ڪري ڇڏيو.

*(ان وقت هڪ انگريزي ڇوڪري "ميري" جيڪا خالد جي زال آهي اچي ٿي.)*

ميري: هي ڪير آهن؟ تون ڇو جذباتي ٿي ويو آهين؟

وڏيرو: اڇا تون آهين اها ڏائڻ جنهن جي ڏنگڻ سان هي ايڏو زهريلو ٿي پيو آهي.

خالد: ها بابا ها، هي تنهنجي ننهن آهي. هيءَ تنهنجي ڪوٽن جي قيدياڻي ڪانہ بڻبي.

منل: ڪوٽن ۾ ڪانہ ويهندي تہ ڪاري ٿي ڪسجي ويندي. بابلا.

وڏيرو: ڏاهو ٿي پٽ ڏاڏي پوٽي، سڳي سئوٽ ڇڏي، هن ڇڙواڳ ڇوري کي پنهنجي ننهن بڻائيندس. پنهنجي خاندان جو وارث هيءَ جڻيندي.

خالد: ها بابا، هيءَ جٽيندي اسان جو وارث. هيرا منڊي مان آيل وارث
جٽين تہ اهو قبول آهي. باقي منهنجي پسند پٽ جٽيندي تہ اهو
اوهان کي قبول نہ آهي.

منل: اڙي بابا سائين تو واري مگَ جا 2 سئو ايڪڙ زمين آهي، هن وٽ
ڇا آهي؟

خالد: هن وٽ ويهن ڪروڙن جي هوٽل آهي، ڪارون آهن، بنگلا آهن.
تمام گهڻو ڪجهہ آهي.

*(خوش ٿي خالد کي پنهنجي منهن پاسي ني وني)*

وڏيرو: سچ ٿو چئين پٽ. ايڏي ملڪيت اٿس پوءِ اچ تہ پنهنجي منهن
صلاح ڪريون تہ ڇا ڪرڻ گهرجي.

*(وڏيرو خالد کي وٺي ٻاهر وڃي ٿو)*

منل: سچ ٻڌاءِ انگريزڻ، وڏيري تو وٽ ويهن ڪروڙن جي هوٽل آهي ڇا.

ميري: ها اهو سچ آهي تہ ويهن ڪروڙن واري هوٽل ۾ آئون بورچي
آهيان. اعليٰ قسم جا طعام پچائيندي آهيان.

منل: اها ڳالهہ رئيس کي ٻڌائيندينءَ تہ ڪتن جون مانيون بہ تو کان
پچرائيندو. تون اسان جو ننگ آهين. پرواهہ نہ ڪر هي وڏيرا هلندا
آهن ئي اسان چمچن جي چاٻي تي.... بدنصيب سنڌ جي قسمت
اڄا تائين هنن جاهل وڏيرن جي هٿ ۾ آهي.

*(ان وقت وڏيرو اندر اچي ٿو سندس هٿ ۾ اجرڪ آهي ۽*
*خالد کي بہ ڪلهن ۾ اجرڪ پئي هئي. اجرڪ ميريءَ جي*
*مٿي تي رکندي)*

وڏيرو: امان مون قبول ڪيو تون اسان جو ننگ آهين. هاڻي هل هلي.
سنڌ وساءِ. هيءَ اجرڪ اسان جو شان آهي.

منل: حيدرآباد جي مهاجرين جي ناهيل نقلي ۽ سستي اجرڪ آهي.
اصلي صرف ڳوٺن ۾ ملندي آهي. ڳوٺ هلندينءَ تہ اتي
پارائيندا سين. في الحال نقلي تي گذارو ڪر. ڇو تہ ولائيتين ۾
وڃي ئي اها اجرڪ ٿي. نڪو ڏٺي نہ ڪو سائين. جيئي سدائين،
جيئي سدائين.

خالد: ميري هاڻ اسان جي سنڌ کي اسان جي صلاحيتن جي تمام گهڻي

ضرورت آهي. جلد ئي واڳو وڏيرن ۽ نقلي پيرن جو نسل پنهنجي پڄاڻي تي پهچندو ۽ پاڻ نئين سنڌ لاءِ نئين سڌريل نسل کي جنم ڏيندا سين. اسيمبلين ۾ ڌرتي جا پڙهيل ۽ اصل وارث موڪليندا سين. پنهنجي ٻوليءَ ۾ فلمون ۽ ڊراما ناهيندا سين، چينل هلائيندا سين. دنيا کي مڃائيندا سين.

منل: واهه سائين واهه، هي ڪولمبس واري دنيا ٻه ته اصل ڳاڙهن ۽ سانورن سنڌين جي آباد ڪيل آهي. قسم سان هنن جي هڪ ڏاهي تاريخ پڙهي ٻڌائي هئي. پڙهيل هجين ته خبر پوي ته سنڌ ڪنهن وڃائي ۽ ڪنهن بچائي.

وڏيرو: جهڳي نه هڻ هل ته هلي ڪنوار جون دعوتون ڪرايون.

خالد: ته پوءِ ڳايو جمالو ۽ هڻو نعرو سنڌ جو.

*(سڀ جمالو تي رقص ڪن ٿا)*

حصو ثيون: تصويرون

# كجهر يادون



امام خمينيءَ جي ورسي جي موقعي تي. امام خمينيءَ جي پوٽي سيد محمد حسن خمينيءَ سان گڏ ( ياد رهي تہ ان دوري دوران پاڪستان ۽ ايران جي پهرين مشترڪا فلم " معجزا " جو معاهدو ٿيو. (تهران ۾)




پاڪستان فلم پروڊيوسر ايسوسيئيشن جو چيئرمن : سيد يار محمد شاهه



پاڪستان فلم پروڊيوسر ايسوسيئيشن جي وائس چيئرمن
مشتاق گذدر سان ڪراچي آفيس ۾



برصغير جو ناليوارو هدايتڪار، فلمساز ۽ موسيقار ( مرحوم) فضل علي شاهه چاموٽ ( ايس. گل) سان گڏ



سنڌي فلمن جو ناليوارو هدايتڪار شاهه اسد ۽ شوبز صحافي فدا حسين شاهه سان گڏ




وائيٽ هائوس اڳيان ويٺل ويٽنامي ٻڍڙي عورت. هيءَ ٻڍڙي عورت لڳاتار ٽيهن سالن کان دنيا جي
مظلوم قومن جي حقن لاءِ احتجاج ڪندي رهي ٿي. جنهن کي يار محمد شاهه سنڌ جو ڪيس پڻ
پيش ڪيو. جنهن سنڌ ڪيس پنهنجي احتجاج ۾ شامل ڪري ڇڏيو ۽ انٽرنيٽ تي به ڏئي ڇڏيو.



انساني حقن جي تنظيم جي چيئرمن کي واشنگٽن ۾
سنڌ جو ڪيس پيش ڪرڻ واري موقعي تي، 2000ع




فلم ڊسٽري بيوٽر ايسوسيئيشن جي چيئرمن ميان خالد فيروز ۽
فلم پروڊيوسر ايسوسيئيشن جي وائس چيئرمن سهيل بٽ سان گڏ



فلم "عقابون کا نشيمن" جي شوٽنگ دوران ميان خالد فيروز ۽
يوسف خان سان گڏ ۔ (تاشقند ۾)



نواز شريف جو صلاحڪار، نيف ڊيڪ جو سابق چيئرمن ۽ اليڪشن 97ع ۾
( يار محمد شاهه جو حريف) ملڪ احد سان گڏ. ( جيڪو اڄڪلهه يار محمد شاهه جي گروپ ۾
شامل ٿي ويو آهي)



اسڪندريا اسٽوڊيو ۾ ڊائريڪٽر فارن افيئرس امير اسڪندريا سان مشترڪا فلم
( پاڪستان ۽ ايران) "معجزا" جي باري ۾ ڳالهائيندي.



ايورنيو اسٽوڊيو لاهور ۾ اليڪشن جي جلسي کي خطاب ڪندي
(اليڪشن 1997 مهم دوران)



پشتو فلمن جي خوبصورت اداڪارا شهناز کي ايوارڊ ڏيندي. عمرشريف ڪمپيئرنگ
ڪري رهيو آهي .نگار ايوارڊ 97




وائس آف آمريڪا کي انٽرويو ڏيندي.



اينڊڙ اردو سيريل "سازش" جي سيٽ تي پير معظم ۽ ٻين کي
بطور هدايتڪار هدايتون ڏيندي.

## حصو چوٿون: سنگت ڇپيو

# لکڻيون

سيد محمد عالم شاھ
شمشير الحيدري
جي.اين مغل
ناز سھتو
منظور قريشي
نواز علي سمون
اسرار احمد مغل
اظھر حسين سمون

# سيد يار محمد شاهه:

# خانداني پسمنظر، شخصيت، ڪلا،

# لکڻيون ۽ ڪارناما

سيد عالم شاهه

يار محمد شاهه مٽياري سادات (متعلوي) جي موسيٰ پاڙي سان تعلق رکي ٿو. سندن وڏا حرات مان آيا. جن مان هڪ بزرگ عارباڻي سيد پاڻيءَ جي مَٽي رکي "صاحب سما" جي پرسان چانگن جي ڳوٺ وٽ مک رستي جي چئوواٽي تي ويهي ايندڙ ويندڙ مسافرن کي پاڻي پيارڻ لڳو. جنهن ڪري اهو هنڌ اهڙو مشهور ٿيو جو چئوواٽي جو نالو ئي پنجي ويو "عارباڻي مَٽيءَ وارو سيد" جو اڳتي هلي، مٽ عارباڻي سيد مان نهندو مٽياري جي نالي سان مشهور ٿي ويو. مٽياري جي سادات جا چار مک پاڙا آهن،

(١) موسيٰ پاڙو، الف: عيسيٰ پاڙو، ب: صدرالدين پاڙو،

(٢) جراڙ پوٽا پاڙو، (٣) باقيل پوٽا پاڙو، (۴) ميان پوٽا پاڙو

### *مٽياري سيدن جا مک بزرگ*

ميون سيد حاجي، سيد شهمير شاهه، حيدر شاهه، سخي هاشم شاهه، سيد رڪن الدين شاهه، شاهه ڪريم بلڙيءَ وارو، شاهه عبداللطيف ڀٽ وارو، يار محمد شاهه جي والد صاحب جو نالو حاجي مهدي شاهه سندس ٻه پٽ:

(١) نور مصطفيٰ شاهه (جاني)، (٢) ڊاڪٽر نديم شاهه ۽ ڇهه پينرون آهن.

يار محمد شاهه جو والد صاحب حاجي مهدي شاهه جن جي ڄمار 95 سال آهي.

ان جهڙو جراڙ اَڄ سنڌ ۾ گهوڙن، اُٺن، ڍڳن، مينهن، ٻڪرين، ڪتن، بازن، ڪڪڙن ۽ تترن جي نسلن ۽ انهن جي بيمارين جو ڄاڻو مشڪل سان ملندو.

(۱) گھوڙن جي سواري بابت ڄاڻ، گھوڙن جي نسلن بابت ڄاڻ، گھوڙن جي شوقين بابت ڄاڻ، گھوڙن جي بيمارين بابت ڄاڻ - جيتري حاجي مهدي شاهہ کي آهي. اها مشڪل سان ڪنهن ٻئي کي هوندي. اَڄ بہ سڄي سنڌ جي گھوڙن جا شوقين پنهنجا گھوڙا متياري ڪاهي ايندا آهن يا سائين کي متياريءَ مان وٺي ويندا آهن. تہ جيئن ”گھوڙو ڏسي ڏي تہ ڪهڙي نسل جو آهي.“ ڪهڙو ڀنڊ هلي ٿو (وڪ، رلو، مُن، چوٽ ۽ چوبان) گھوڙي کي ڪهڙي بيماري آهي؟ سندس علاج ڇا آهي؟ سائين گھوڙن جي بيماري جو جراڙ آهي.

گھوڙن کان سواءِ سيني پالتو جانور خاص ڪري ڪتن جي بہ سيني نسلن کان واقف آهي. سندن سيني بيمارين جو علاج ڪري ٿو. جانورن کان سواءِ پکي جن ۾ باز، ڪڪڙ ۽ تترن جي سيني نسلن کان واقف آهي، ڪيس اها بہ خبر آهي تہ ڪهڙو نسل ڪٿي ۽ ڪڏهن ملندو ۽ ڪيس اها بہ ڄاڻ آهي تہ هنن کي ڪهڙيون بيماريون ٿين ٿيون ۽ سندن علاج ڇا آهي. سڄي سنڌ ۽ ملڪ جي ٻين شهرن جا ماڻهو پنهنجن بازن، ڪڪڙن ۽ تترن بابت ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ وٽس ايندا رهندا آهن.

### يار محمد شاهہ جا پاڻ ۽ پيئرون

سيد نور مصطفيٰ شاهہ (جاني شاهہ) سائين نور مصطفيٰ شاهہ کي بہ پنهنجي علمي دنيا سان عشق آهي، پاڻ سنو محنتي آبادگار پڻ آهي، پر سندس زندگي جو مک مقصد ديني علم حاصل ڪرڻ ۽ ديني علم کي سڄي سنڌ ۾ پکيڙڻ. پاڻ ايران ۽ پاڪستان مان لکن جا ڪتاب خريد ڪري سنڌ جي مختلف جڳهين تي لائبريريون کولي، سنڌي ماڻهن کي علم سان مالامال ڪندا رهن ٿا. اهو سندس زندگيءَ جو سڀ کان وڏو خواب آهي. هن وقت پنهنجي خرچ سان ڪيترا مدرسا ۽ ڪيتريون لائبريريون کولي هلائي رهيا آهن. خاص علم حاصل ڪرڻ لاءِ ايران جا دورا بہ ڪندا رهندا آهن.

ڊاڪٽر نديم شاهہ: ايل ايم سي مان ڊاڪٽر جي ڊگري ورتي آهي ۽ هاڻي هو ايف آر سي ايس لاءِ ٻاهر وڃڻ جي تيارين ۾ آهي.

ڊاڪٽر نديم شاهہ هن وقت ايل ايم سي ۾ سرجن ڊاڪٽر غلام

علي ميمڻ سان آپريشن ڪري پيو، سوين ڪامياب آپريشن ڪري چڪو آهي، ننڍي ڪان ننڍو ۽ وڏي کان وڏو آپريشن ڪاميابي سان ڪريو وجي. هو به ڊاڪٽر سان گڏ سنو آبادگار پڻ آهي.

سائين يار محمد شاهه پنهنجي پراڻين روايتن کي ٽوڙي پنهنجي ڀينرن جون شاديون ٻاڙي کان ٻاهر ڪيون آهن. (١) سيد علي اڪبر شاهه، (٢) مراد علي شاهه، (٣) حاجي نديم شاهه جي گهرن ۾.

مٿيان سڀ نوجوان پڙهيل لکيل باصلاحيت آهن. جيڪي پنهنجي اولاد کي اعليٰ تعليم ڏيارڻ زندگيءَ جو مک مقصد سمجهن ٿا.

يار محمد شاهه پاڻ به خاندان جي پراڻين روايتن سان بغاوت ڪري سيد خاندان کان ٻاهر سهتا برادري مان شادي ڪئي، جنهن ڪري سڄو خاندان مٿس گهڻي وقت تائين ڏاڍو ناراض رهيو. يار محمد شاهه جنهن ڇوڪريءَ سان شادي ڪئي، اها پڙهيل لکيل باصلاحيت ۽ ذهين ڇوڪري هئي، جنهن يار محمد شاهه، سندس خاندان ۽ اوڙي پاڙي سان پيار هم آهنگي رکي، جنهن پنهنجي عزت احترام اخلاق پريو اهڙو ته رويه رکيو جو اڄ سندس سڄو خاندان اوڙو پاڙو پنهنجو وڏو پرجهلو سمجهي ٿو، اُهي سندن ڏکيا ڏينهن اڄ سکن ۾ تبديل آهن، يار محمد شاهه اهو ثابت ڪري ڏيکاريو، ته جي پنهنجي گهرن ۾ پڙهيل لکيل ڇوڪريون آڻجن ته سندن وانگر هر هڪ خاندان بهتر زندگي گذاري سگهي ٿو. پنهنجي خاندان جي سٺي مدد ڪري وڌائي ويجهائي سگهي ٿو.

### سائين يار محمد شاهه کي ٻه پٽ ٻه نياڻيون آهن

(١) سيد غلام مجتبيٰ شاهه (علي) هي نواب شاهه ڪاليج ۾ ڪمپيوٽر جي ڊگري لاءِ پڙهي رهيو آهي. هن جو شوق ڪمپيوٽر تي عبور حاصل ڪرڻ آهي.

(٢) عمار ياسر شاهه، هن کي پنهنجا جذبا شاعريءَ رستي اظهار ڪرڻ ۾ ڏاڍو مزو ايندو آهي. هن کي ننڍي هوندي کان انگريزي پڙهڻ سکڻ ڳالهائڻ جو شوق رهيو آهي، هن من ئي من ۾ انگريزيءَ تي عبور حاصل ڪرڻ جو فيصلو ڪري عمل ڪرڻ به شروع ڪري ڏنو

آهي. پاڻ هن وقت انٽر ۾ پڙهي پيو.

يار محمد شاهه خاندان جي خيالن جي ابتڙ پنهنجي نياڻين کي به تعليم ڏياري آهي، هڪ نندڙي انٽر سائنس پاس ڪئي آهي، وڌيڪ ڊگري لاءِ پرائيويٽ پڙهڻ چاهي ٿي. يار محمد شاهه نند وڏائيءَ ۾ ڇڏي پنهنجي خاندان جي رنجشن جي پرواهه نه ڪندي، پنهنجي وڏي نياڻي پاڙي ۾ سيد شاهه محمد شاهه کي ڏني، جيڪو ڏاڍو باصلاحيت ۽ همٿ وارو ڇوڪرو آهي، پنهنجي آبادگاري سان گڏ مٽياري شگر مل ۾ سٺي روزگار سان آهي. يار محمد شاهه جي ان عمل کان پوءِ جند اڳتي هلي خانداني رنجشون به ختم ٿي ويون ۽ هم آهنگي پيدا ٿي وئي. اڳ جيڪو خاندان ڪٽو ڪٽو هو، اهو مڙي مٺ ٿي هڪڙي قوت ۽ طاقت ٿي پيو، يار محمد شاهه نفرتن کي پيار ۾ تبديل ڪري ڇڏيو.

سائين يار محمد شاهه، جي ٻئي نندڙي مئٽرڪ پاس ڪئي آهي، سائين جو خيال آهي ته جيترو به نندڙي اڳيان پڙهندي اوترو کيس پڙهائيندو.

يار محمد شاهه سان منهنجا رشتا مٽي مائٽي کان وڌيڪ سائٽي دوست ۽ ڀائرن وارا آهن، هن کان اڳ اسان جو خاندان مٽي مائٽي ۾ ڪونه گڏيو آهي، پر هر نسل مان هڪ نه هڪ ٿڃ شريڪ ضرور رهيو آهي. جيئن يار محمد شاهه جو والد صاحب منهنجي ڀڦيءَ جي ٿڃ پيتي سندس فرزند غلام مجتبيٰ شاهه منهنجي ڀيڻ جي ٿڃ پيتي آهي، انهيءَ ڪري اسان جا لاڳاپا هميشه کان ڏاڍا پنهنجائپ وارا رهيا آهن، هر ڏک سک ۾ گڏ هوندا آهيون. جڏهن يار محمد شاهه خاندان کان ٻاهر شادي ڪئي، تڏهن اهو منهنجو ئي گهر هو، جنهن سائنس ساٿ ڏنو، اهڙي نموني مون تي به جڏهن ڪا مشڪل آئي آهي، تڏهن يار محمد شاهه مون کي ساٿ ڏنو آهي، مثال "برائٽس آف قرآن" جي انٽرويوز وقت هي مٽياري ۾ پهريون سادات هو جو مون سان گڏ هو.

هڪ ڏينهن يار محمد شاهه جرئت ڪري مون کي چيو: "ادا اڄ هڪڙي حجت ڪريان ٿو ۽ جنهن جو جواب نهڪار ۾ ٻڌڻ نٿو چاهيان، حجت اها آهي ته تنهنجون ٻنهي نياڻن جا رشتا جنهن مان هڪ ڊينٽل ڊاڪٽر جي ڊگري ايل ايم سي مان ورتي آهي، ٻي چوٿين سال ۾ آهي،

آئون پنهنجن ڇوڪرن سان ڪرائڻ چاهيان ٿو، ڇو جو توهان جي اولاد جي تربيت ۾ منهنجو به اوترو ئي هٿ آهي، جيترو تنهنجو منهنجي اولاد جي تربيت ۾. جڏهن اسان ۾ اسان جي خاندان ۾ گهرن ۾ اولاد ۾ ايتري هم آهنگي پنهنجائپ آهي، ته پوءِ آئون ڇو تنهنجون نياڻيون ٻئي هنڌ ڏيان يا تو ڇو ٻيا ڇوڪرا ڳولهڻ منهجو حق تنهنجي نياڻين تي اوترو آهي، جيترو تنهنجو منهنجي اولاد تي."

۽ ائين ئي مون کي ياد آيو ته جڏهن يار محمد شاهه پنهنجين پيئرن ۽ پائرن جا رشتا ٿي ڪيا تڏهن ته سچ آئون ئي سندس وڏو هوس ته اَڄ منهنجي گهر ۽ منهنجي اولاد جو وڏو هوئي ٿيڻ گهرجي.

خير مون پنهنجي خاندان جي هڪڙي بزرگ، جيڪا اسان سيني جي ماءُ به آهي ته ڀيڻ به آهي، کي ٻڌائم ته يار محمد شاهه جيڪو به چيو آهي. اهو صحيح آهي پر اسان ٻئي پڙهيل ڳڙهيل گهر آهيون، يار محمد شاهه پنهنجي اولاد کان پڇي. آئون پنهنجي نياڻين کان پڇان پوءِ پلي رشتا ٿين ان تي امڙ چيو: "خبر آهي توهان ٻئي راضي آهيو، توهان جو خاندان ۽ گهر به سجو راضي آهي. باقي رهيا ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون، انهن کان آئون ٿي پڇان." پوءِ ان بزرگ هستيءَ ڇوڪرين کان پڇيو، جن چيس: "ڏاڏي! چاچا يار محمد شاهه اسان لاءِ بابا جهڙو ئي آهي، جي ڇوڪرا راضي آهن ته اسان کي ان گهر کان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو گهر آهي." اهڙي نموني ڇوڪرن به اهوئي جواب ڏنو: "اسان هڪ ٻئي کي ننڍي هوندي کان ڏٺو ۽ پرکيو آهي. اسان جا مائٽ به راضي آهن ته اسان کي به ڪو اعتراض نه آهي، اسان خوش آهيون." اهڙي طرح اسان جو دوستيءَ وارو رشتو مٽيءَ ۾ تبديل ٿي ويو. يار محمد شاهه جو خيال آهي ته اهڙي نموني پاڻ پنهنجي خاندان جي رهنمائي ڪريون، سيني گهرن کي علم سان مالا مال ڪري هڪڙي طاقت ٿا هيون.

ان رشتي جي خبر جڏهن پليجي صاحب کي پئي. جنهن جو رشتو به منهنجي اولاد سان اهڙوئي آهي، جهڙو منهنجو، سو ڪاوڙجي آيو ته شايد عالم شاهه پنهنجين نياڻين جا رشتا زبردستي ڪيا آهن، پر جڏهن پاڻ روبرو ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين سان مليو، انهن کان پڇيو تڏهن چيائين ته واقعي يار محمد شاهه ۽ توهان صحيح فيصلو ڪيو آهي.

**ذاتي زندگي**

يار محمد شاهہ 1946ع ۾ مٽياري شهر ۾ ڄائو سندس خاندان موسيٰ پاڙو آهي، سندس گهر موسيٰ محلي مٽيارين ۾ آهي، سندس زمينداري مٽياري، ٽنڊو آدم ۽ سنجهورو ۾ آهي.

پاڻ ايم اي پوليٽيڪل سائنس سنڌ يونيورسٽي مان ۽ لا ڪاليج حيدرآباد مان وڪالت جي ڊگري ورتي آهي. سندس پهريان ڏينهن ٽنڊو جان محمد ۾ ڪلارڪ جي حيثيت ۾ گذريا جتان پوءِ پبلڪ هيلٿ ۾ نوڪري ڪئي، جنهن کان پوءِ ٽنڊو آدم ۾ وڪالت ڪئي ۽ وڪالت دوران سندن زمينون مقادن هيٺ هيون، جي پاڻ پنهنجي سر ڪوششون ڪري مقادن مان واپس ورتيون. زمينون واپس وٺڻ کان پوءِ اُتي جي وڏن ننڍن جي تضادن کي مڙسي سان منهن ڏنو. پنهنجو هيڊ ڪواٽر ٽنڊو آدم شهر ۾ ناهيو، جتي منشي علي بخش ۽ هاري ٿهيم کان سواءِ محمد بخش چانگ، امداد راهي، فيض علي شاهہ ۽ ٻين 50 ڄڻن جي تربيت يافتہ ٽيم تيار ڪئي، جا اڄ بہ ساڻس گڏ آهي. ڊرامون هجي يا فلم شادي هجي يا ڪو ٻيو موقعو اها ٽيم هميشہ ساڻس گڏ هوندي آهي، جا اَڄ بہ ساٿ نڀائيندي اچي.

يار محمد شاهہ ننڍي هوندي کان ئي تڪليفن کي منهن ڏيڻ، ڏکيا ڪم پاڻ ڪرڻ، هر ڪنهن جي ڏک سک ۾ شامل ٿي مدد ڪرڻ، سندن عادت ۾ شامل آهي.

جڏهن زمينون آجيون ٿيون، تڏهن يار محمد شاهہ پنهنجون ٻليون مٽياريءَ واريون زمينون پنهنجن ڀائرن کي ڏنيون پاڻ پري جون ڏکيون زمينون ٽنڊو آدم ۽ سنجهورو جون ڪنيون. اڄ سندس ڀائر بہ سٺا آبادگار آهن ۽ يار محمد شاهہ بہ محنتي جفاڪش سٺو آبادگار آهي. هن "سنڌ سڪار" تنظيم ناهي، ٽنڊو آدم ۾ نرسري رکي، پنهنجي زمين تي باغ ڪيلا ۽ ڪمند پوکيا ۽ ان نرسريءَ مان هر ڪنهن کي فائدو ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي. هر سال هزارين ٻوٽا مفت اسڪولن اسپتالن ۽ مختلف ادارن کي ڪٺي پهچايا. هن وقت تہ جو بهترين آبادگار آهي. تمام گهٽي سهپ ۽ برداشت ڪرڻ، ٻئي کي ٻڌڻ ۽ خيال

رکڻ جو عادي آهي. پنهنجن پراون اوڙي پاڙي وارن جو خيال هن هميشه رکيو آهي، سيني کي ڏک سک ۾ مدد ڪندو رهندو آهي.

يار محمد شاهه پنهنجي ماءُ پيءُ، پائرن ۽ پينرن جو ادب احترام ڪري، سندن عزت ڪرڻ هر ڳالهه جو خيال ڪرڻ، پنهنجو فرض سمجهي ٿو. سندن خدمت ڪرڻ پنهنجي لاءِ وڏو اعزاز سمجهي ٿو، هن پنهنجي ماءُ پيءُ ۽ پينرن جن هن کي ساندي نپايو، وڏو ڪيو. انهن کي حج ڪرايو ايران جون زيارتون ڪرايون، اڄ به جي سندس والد صاحب يا پينرون يا پائر مٿس ڪهڙي به حجت ڪندا آهن ته پاڻ سندن هر حجت پوري ڪرڻ سندن هر حڪم تي عمل ڪرڻ کي عبادت جو درجو سمجهي ٿو. پنهنجي ماءُ پيءُ پائرن پينرن جي خدمت ڪرڻ وقت هميشه خوش رهندو آهي.

انهيءَ ساڳئي جذبي ۽ روئي سان پنهنجي بي پناهه پيار ڪندڙ گهر واريءَ جي عزت احترام ۽ پيار ڪندو آهي. بيماري سيماريءَ ۾ هو سندس ساٿي دوست ٿي مدد ڪندو آهي. سندس گهرواري به پنهنجي سڄي ڄمار يار محمد شاهه، اولاد، گهر ۽ خاندان جي خدمت ۾ گذاري آهي. پنهنجي وري پنهنجي اولاد جي تربيت به اها ڪئي آهي ته هو ننڍي وڏي جو حياءُ ڪن پنهنجي پرائي کي سڃاڻن ۽ پاڻ ۾ هم آهنگي ڪري پنهنجي گهر ۽ خاندان کي مثالي گهر ۽ خاندان ناهين سندن اولاد جي ساٿن بي پناهه محبت ۽ هڪجهڙائي آهي، ان ڪري سندن گهرو زندگي ڪيترن لاهن چاڙهن هوندي به ڪامياب رهي آهي.

يار محمد شاهه پنهنجي محسن کي ڪڏهن به ناهي وساريو. هو هميشه سندن مثال ڏئي، انهن جي چڱائين کي ياد ڪندو رهندو آهي. خاص ڪري سردار ڄاموٽ محمد علي شاهه، پير سائين الهيار شاهه، محترم محمد زمان طالب المولا، محترم سائين جي ايم سيد جهڙيون هستيون ڪيس سدائين ياد هونديون آهن.

يار محمد شاهه پنهنجي ذاتي زندگيءَ ۾ ملڻو جلڻو رهيو آهي. هڪ پيرو جنهن سان دوستي رکيائين ته پلي ورهيه گذري وڃن، پر اهو يار نه وسرندس. ڪڏهن نه ڪڏهن ڪيس ڳولي وڃي ملندو نه مليو ته سلام موڪليندس. پر ياد ڪندو رهندو، سندس مٿياري ۾ مک دوست

جيڪي اَج بہ سائين گڏ آهن، اَج بہ جي يار محمد شاهہ متياري ۾ آهي تہ سندس بنگلي جي ڇت تي ڪچهريون ٿين ٿيون. انهن ڪچهرين ۾ صحافت، سياست، فلم، ڊرامي ۽ هر موضوع تي ڳالهہ ٻولهہ هلندي رهندي آهي. ذاتي دوستن ۾ غلام نبي مغل (جي اين مغل)، حاجي نواز سمون، اسراراحمد مغل، قاضي صيف الدين، قاضي مشتاق، سيد عالم شاهہ، پير بهار الدين سهرندي. سيد گل حسن شاهہ، اظهر سمون ۽ ٻيا بہ ڪيترا ئي دوست آهن ۽ سندس ننڍپڻ جو يارِ غار سيد نعيم شاهہ باقيل پوٽو آهي.

### سماجي زندگي

يار محمد شاهہ طبعيت ۾ ڏاڍو رحم دل انسان آهي. هن کي ٻي جو ڏک تڪليف تي ماٺ ڪري ويهڻ اچي ئي ڪونہ.

هو اندر ۾ هر وقت پيدا ٿيندڙ خواهشن، تصورن، خوابن کي حقيقي شڪل ۾ ڏسڻ لاءِ جاکوڙ ڪندو رهندو آهي. ۽ ڪوشش ڪندو آهي تہ سندس انهيءَ عمل مان ڪنہ ڪو رزلٽ نڪري. هن سان جڏهن سندس زندگيءَ تي ڪچهري ڪبي تہ هو چوندو آهي: هيءَ زندگي هڪڙو پل آهي. انسان ماءُ جي پيٽان معصوم ۽ ٻي ڏوهي جنم وٺي ٿو. اهڙي نموني مرڻ کان پوءِ بہ قبر ۾ ساڳئي نموني دفن ٿئي ٿو، جهڙو ماءُ جي پيٽان جائو هو، هر ماڻهو جمڻ ۽ مرڻ وقت نہ اڇو آهي نہ ڪارو آهي، نہ شهنشاهہ آهي، نہ غلام آهي نہ سيد آهي نہ ميمڻ يا خاصخيلي آهي. پوءِ ڇو هو پنهنجي زندگيءَ جي سمورن خوبصورت لمحن کي نفرتن جي ور چاڙهي ٿو، ڇو هو خوني ۽ درندو ٿئي ٿو، ڇو هو ياءُ جو دشمن ٿئي ٿو. ڇو هو پنهنجي خوبصورت زندگي پنهنجين آنائن جي وَرِ چاڙهي گذاري ٿو. ڇا هن کي انهن نفرتن اڪيلائين آنائن ڪوڙي خيالي زندگيءَ مان مزو اچي ٿو؟ هرگز نہ. مان سمجهان ٿو تہ انسان پنهنجو پاڻ تي ظلم ڪري ٿو، رب جي ڏنل نعمتن مان ڪوبہ فائدو وٺي نٿو سگهي. انسان ذات پنهنجي انهي بدصورت زندگي مان تڏهن ڇوٽڪارو وٺي سگهي ٿي، جڏهن هوءَ پنهنجو پاڻ کي ان ذاتي زندگيءَ جي عذابن کان آجو ڪري گڏيل سوچ ۽ گڏيل عمل ڪري سيني کي هڪجهڙو

سمجهي، سيني جي گڏيل فائدن ۽ نقصانن لاءِ سوچي گڏجي ڪو حل ڳولي تڏهن ئي انسان الله سائين جي نعمتن مان فائدو وٺي سگهي ٿو، رب طرفان ڏنل زندگيءَ کي هن دنيا ۾ جنت بڻائي سگهي ٿو، تڏهن ئي ڪيس "اشرف المخلوقات" جي لقب جو حقدار چئي سگهجي ٿو."

يار محمد شاهه انهن خيالن کي عملي جامون پهرائڻ لاءِ پنهنجي زندگيءَ جي شروعات پنهنجي گهر، خاندان، پاڙي ۽ پوءِ شهر کان ڪئي. هن متيارين جي سَمجهو، هڏ ڏوکي، پڙهيل ڳڙهيل دوستن کي گڏ ڪيو، انهن جي سماجي تنظيم ناهي، جنهن جو نالو شاهه ڪلچرل سوسائٽي رکيو، جنهن پليٽ فارم تان هن علائقي جي ماڻهن جي گڏيل مفادن لاءِ جدوجهد ڪئي. هن علائقي جي محب وطن انسان دوست ماڻهن سان ملي هڪڙي قوت ناهي. پنهنجي تر جي سياسي سماجي اثر رسوخ رکندڙ ماڻهن جي مدد ۽ رهنمائي هيٺ ڪيترا چڱا ڪم ڪيا، جن ۾ متياري تعلقي ۽ متياري سب ڊويزن ۾ ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين لاءِ ڪاليج متياري پوليٽيڪنيڪل ڪاليج. هاءِ اسڪول کان وٺي پرائمري تعليم تائين، تعليم کي بهتر بنائڻ جون ڪوششون ڪرڻ، صحت، صفائي لاءِ وقت به وقت جدوجهد ڪندو رهڻ. انهيءَ جو اهو نتيجو آهي، جو اَڄ به متياري شهر جي ماڻهن ۾ گڏجي ڪم ڪرڻ جو جذبو آهي، اڄ به هو گڏجي پنهنجي علائقي لاءِ ڪم ڪن پيا. ان جو چٽو مثال متياري ايڪشن ڪميٽي، عوامي اتحاد، خاصخيلي تنظيم ۽ ٻيون به اهڙيون سماجي تنظيمون ۽ گروپ پنهنجي وس وت آهر اَڄ به گڏجي ڪم ڪندا رهن ٿا. ان ۾ يار محمد شاهه سان جن تر جي بزرگن هٿ ونڊايو ۽ مدد ڪئي، انهن ۾ سردار جاموٽ ذوالفقار علي شاهه، جاموٽ شفقت علي شاهه، جاموٽ امير علي شاهه، جناب پير نور شاهه هاشمي، شهاب الدين شاهه، سهيل اڪبر شاهه ۽ ٻيا به ڪيترا محب وطن انسان دوست ماڻهون گڏ رهيا آهن ۽ اَڄ به مدد ڪندا رهيا آهن. انهن سماجي ڪمن سان گڏوگڏ يار محمد شاهه هن معاشري مان ننڍ وڏائي جو فرق مٽائڻ معاشري جي غلط ريتن رسمن کي ختم ڪري اهڙو معاشرو ناهڻ جنهن ۾ هر ماڻهو آزاديءَ سان ساهه کڻي سگهي، سيني لاءِ سوچي سگهي. گڏجي به وکون کڻي هڪ ٻئي جي مدد ڪري

سگهي. ان لاءِ هن 1986ع ۾ بيسڪ ڊيموڪريسي جي لوڪل اليڪشن ۾ پنهنجي ٽيم جي انهن ماڻهن کي بيهاريو، جيڪي صدين کان غلام رهيا هئا. جن جي وڏن ڪڏهن تصور به ڪونه ڪيو هو ته ڪو سندن جو اولاد هنن سيدن پيرن جي سامهون اليڪشن ۾ بيهي سگهندو، پر يار محمد شاهه اهو ڪري ڏيکاريو، انهن مسڪين ماڻهن ۾ همٿ پيدا ڪئي سچ ۽ حق لاءِ انهن کي اُٿاري بيهاريو، جنهن جو اَڄ اهو نتيجو آهي جو انهن مسڪين ماڻهن پنهنجن پيرن تي بيهڻ سکيو، پنهنجي اولاد کي پڙهايو، سٺي روزگار سان لڳايو.

## *سياسي زندگيءَ*

يار محمد شاهه سياسي طرح ڪڏهن به ڪنهن پارٽي سان نه رهيو آهي، پر لاڳاپا سڀني سياسي اڳواڻن سان رهيا اٿس، جهڙوڪ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو، محترم جي ايم سيد، مخدوم طالب المولا، رسول بخش پليجو، پير صاحب پاڳارو صاحب، سردار ذوالفقار علي جاموٽ صاحب ۽ هر اهو سياسي اڳواڻ ۽ ڪارڪن جيڪو چرپر ۾ آهي، اهو ضرور يار محمد شاهه جو سڃاڻو ۽ دوست رهيو آهي.

سنڌ يونيورسٽي ۾ پڙهڻ دوران اسٽوڊنٽس ايڪشن ڪميٽيءَ ۾ حصو ورتو، سڄو وقت سرگرم رهيو.

هن جي هميشه اها خواهش ۽ ڪوشش رهي آهي ته هن علائقي ۾ جيڪي ڪم ٿي سگهن ٿا، ٿي پون ۽ هن علائقي جي ڪا شخصيت سياسي طرح اڳيان اچي ته، ان کي ضرور ۽ وڏيءَ دل سان سهڪار ڪجي. اهو ٿي ايم پي اي، ايم اين اي، وزير، گورنر ۽ صدر ٿئي. هن جو خيال آهي ته سردار جاموٽ ذوالفقار علي شاهه ۾ اهي سڀ صلاحيتون آهن، جيڪي هڪڙي سياسي اڳواڻ ۾ هئڻ گهرجن، جاموٽ صاحب وٽ اهي سڀ لاڳاپا وسيلا ۽ تعلقات به آهن، جيڪي هڪڙي سٺي سياستدان ۾ هئڻ گهرجن.

جاموٽ صاحب هر دور ۾ هن علائقي لاءِ سوچيو آهي، مدد ڪئي آهي ۽ هر موقعي مان پنهنجي علائقي جي لاءِ فائدو ورتو آهي، جاموٽ صاحب هن علائقي جي اقتصادي حالت تبديل ڪرڻ، هن علائقي جي

پڙهيل لکيل ماڻهن جي روئين ۾ تبديلي آڻڻ ۽ هر ماڻهوءَ کي روزگار ڏيڻ لاءِ ڪوششون ڪيون آهن. انهيءَ ڪري پاڻ "متياري شگر مل" لڳائي آهي علائقي اندر پڪن رستن جو چار وڇايو آهي. اهي سيئي ڪم هن ڪيا آهن. انهن سڀن ۽ يار محمد شاهه جي چاموٽ صاحب لاءِ ذاتي لڳاءَ جي ڪري ڪيس يقين آهي ته جي هي يا سندس اولاد کي سياسي طرح اڳيان اچڻ جو موقعو مليو ته هن علائقي جي قسمت ڪلي پوندي. انهيءَ ڪري سدائين يار محمد شاهه، چاموٽ صاحب جو فين آهي.

## استيج ڊراما

يار محمد شاهه متيارين ۾ ڪجهه ڏاڍا ڀلا استيج ڊراما پڻ ڪيا. جن ۾: "نڄيءَ جو ناهه"، "اَڄ ته خبر پوي"، "واهه! سائين واهه"، "ڏڪايل دليون"، " شادي تعدي"، "آذان" ۽ "آهه" جهڙا بهترين ڊراما ڪا. هن استيج ڊرامن وسيلي هڪ ته متياري ۽ آس پاس جي عوام کي گهر ويٺي مفت انٽرٽينمينٽ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ ساڳئي وقت پنهنجن ڪردارن، ادائگي، جملن ۽ ڪهاڻين وسيلي عوام کي شعور ڏئي ڪين سندن مسئلن کي سمجهڻ جي سگهه ڏني. ان سان گڏ علائقي جي غلط ريتن رسمن کي استيج تي سولي ۽ آسان نموني پيش ڪري عوام کي سجاڳ ڪيو ته جيسين انهن ڪوڙين ريتن رسمن مان جند نه ڇڏائيندا تيستائين پنهنجي قسمت تبديل ڪري نه سگهندا.

ساڳئي وقت ظالم ۽ مظلوم ڪردارن وسيلي علائقي جي مسئلن کي عوام اڳيان آندو ۽ انهن مسئلن کي گڏجي حل ڪرڻ جا آسان رستا ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي.

ان دؤر جي ڏنل سجاڳي اَڄ به متياري جي ماڻهن ۾ آهي. اَڄ به "سخي آرٽ ڪائونسل" جي پليٽ فارم تان وقت به وقت استيج ڊراما ٿيندا رهن ٿا. استيج ڊرامن جي اسڪول مان ڪيترا فنڪار تيار ٿيا. جن مان پاڻ يار محمد شاهه ۽ قاضي صيف الدين سنا فنڪار ٿي ايريا جن ٽي وي ۽ فلم ۾ اداڪاري وسيلي سنڌ توڙي پاڪستان ۾ پنهنجو نالو روشن ڪرايو آهي.

متياري فن جي دنيا اهڙي تہ مشهور ٿي جو هر ٽي وي اداڪار ۽ فلم اداڪار جا لاڳا متيارين سان آهن، هر سال ڪيترن ٽي وي ڊرامن جي شوٽنگ متيارين ۾ ٿيندي آهي.

### ٽي وي ڊراما

يار محمد شاهہ اسٽيج ڊرامن جي ڪاميابيءَ کان پوءِ پنهنجي شوق ۽ صلاحيتن وسيلي ڪراچي ٽي وي تي پهتو. اَڄ سندس نالو پاڪستان جي سٺن اداڪارن ۾ ليکيو وڃي ٿو، هن ٽي وي ڪراچي تان سنڌي اردو ڊرامن ۾ تمام سٺا ڪردار ادا ڪيا آهن، جنهن ۾ سنڌي ڊراما سيريل "دل جي دنيا"، "شڪست کان پوءِ"، "جنگل" ۾ چوٿي سائين جو ڪردارر، "برزخ" ۾ ٽرانسپورٽر جو ڪردار، "ڪاروان" ۾ ظالم صوبيدار جو ڪردار، "انتها" ۾ منا خان جو ڪردار، "لبيڪ" ۾ راجا ڏاهر جو ڪردار، "انڪاري" ۾ سياستدان جو ڪردار، "سمجهوتہ" ۾ شفيع محمد شاهہ جي مقابلي جو ڪردار ادا ڪيو آهي. "جاتل اڻ جاتل" ڊرامي ۾ ٽي وي ڊراما ايوارڊ کٽي چڪو آهي.

ان کان سواءِ پنهنجو لکيل "ڇهڇٽو"، "رس چس"، مزاحيا خاڪن جي پروگرامن وسيلي، هو سڄيَ سنڌ ۾ مشهوري ماڻي چڪو آهي، ڪل يوڳ ۾ ڪمپيئر طور آيو. ڪراچي ٽي وي تي ڪامياب خاڪن جو پروگرام "قلم نمبر" جي نالي سان ڏنو آهي." قلم نمبر" ۾ هن عام، ماڻهن جي زندگيءَ جي عام مسئلن کي کڻي اهو سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ ننڍا وڏا جهڳڙا، ٻارن تان وڏن جو وڙهڻ، ننڍي وڏي چوري ڪرڻ، تون ڇا، تون ڇا تان وڙهي پوڻ وقت ڪهڙو قانوني ڏوهہ ڪجي ٿو، ان ڏوهہ تي ڪهڙو قانون لاڳو ٿئي ٿو، ان جي سزا ڪيتري آهي. ان کي قانوني طرح ڪيئن منهن ڏيڻ گهرجي.

ڪيس ڪراچي ٽي وي تي پهچائڻ ۽ رهنمائي ڪرڻ ۾ منظور قريشيءَ جو هٿ هيو ۽ ٽي وي رائٽر ٽيڻ ۾ عبدالڪريم بلوچ جو، محمد بخش سميجو، بيدل مسرور، فيض ٻگهيو، اقبال انصاري، اقبال سعيد انصاري، هارون رند سنا دوست ۽ مددگار ٿيس. انهن سان گڏ محمود صديقي، زاهد معصومي، مشتاق جسڪاٹي، اقبال لطيف، پير

معظم سنا دوست هم خيال ۽ سدائين گڏ رهيا. يار محمد شاهه انهن دوستن ڪري ڪراچي ۾ پهرين اشرف اسڪوائر ۾ فليٽ ورتو، هاڻ شانتي نگر ۾ بنگلو ونئي هيڊ ڪواٽر ناهي ويٺو آهي. هن وقت سندس ناهيل ڊرامون "ڪفن پوش" مارڪيٽ ۾ پيل آهي.

يار محمد شاهه جو خواب آهي: "سنڌ جي ڪاڇي، لاڙ، اتر، ٿر، وچولي ٿر ۽ ڪوهستان جي لاجواب نظارن، تاريخي ماڳن، علائقن جي ادب، فن ۽ ڪلچر کي فلمائي دنيا کي ڏيکاريان ته ڏسو سنڌ جو ڪلچر ـ سنڌ جي ٻولي، سنڌ جي تهذيب ۽ تمدن ڪيترو شاهوڪار آهي، سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڪيترو فن ادب ۽ تخليق سمايل آهي.

يار محمد شاهه ٽي وي اداڪاريءَ وسيلي سنڌ ۾ هلندڙ غلط روين ۽ چڱن ڳالهين جي نشان دهي ڪئي آهي، هن پنهنجي اندر ۾ لڪل جذبن، خواهشن، خوابن ۽ تصورن کي حقيقي روپ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

يار محمد شاهه ۽ سندس ڪراچي جي سنگت جي ايڪي، محنت ۽ صلاحيتن ڪري اڄ سنڌي ڪلچر پاڪستان جي دل ۽ مرڪز آهي، جڏهن اردو ۽ سنڌي ڊرامي ۾ سنڌي ڪلچر پيش ڪجي ٿو ته اهو پوري پاڪستان ۾ ۽ سڄي دنيا اندر به پنهنجو ڌاڪو ڄمائي ٿو ونئي. جيئن دنيا جو ورلڊ ايوارڊ "دنگيءَ منجهه درياهه" ڊرامي کي مليو.

ان سان گڏ سنڌي فنڪار هيرو ڪان ونئي ولڻن لاءِ سنڌي توڙي اردو ڊرامن جو روح آهن، جنهن ڊرامي ۾ سنڌي فنڪار آهن ته هو سڄي ملڪ ۾ مشهور ٿيو وڃي ۽ ڪامياب بزنس ٿو ڪري.

يار محمد شاهه جي شانتي نگر هيڊ ڪواٽر تي راتن جون راتيون فن، موسيقي، ڊرامن ۽ فلمن جي موضوعن تي ڪچهريون ٿين ٿيون، ڪهاڻيون، ڊائلاگ لکجن ٿا، فلمون ۽ ڊراما پرجن ٿا. ائين ڪٿي چئجي ته يار محمد شاهه ڪراچي ۾ ڪراچي ٽي وي جو مرڪز ناهيو ويٺو آهي.

**فلم**

يار محمد شاهه اسٽيج ٽي وي سان گڏ سنڌي ڪلچر ٻولي تهذيب

۽ تمدن کي بہ فلم ۾ تصويرن ۾ ڪردارن ۾ اداڪاريءَ وسيلي اجاگر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، پاڻ "علي گوهر"، محب شيدي"، "مسٽر شڪار پوري" ۾ اردو فلم "مهلت" ناهي آهي، ان کان سواءِ اردو فلم "وچن"، "سپ کي باپ"، "عقابون ڪا نشيمن" ۾ سنا ڪردار ڪري پنهنجي فن جو مظاهرو ڪيو آهي، ان سان گڏ "سهڻا سائين"، "محبت شيدي"، "علي گوهر" ۾ پرو چانڊيو" ۾ مکيہ ڪردار ادا ڪيا آهن. سندس اردو طوڙي سنڌي فلم جي اداڪاري ۾ حقيقي رنگ ڏسڻ ۾ اچي ٿا. سندس چوڻ آهي: "جيسين ڪنهن ڪردار ۾ حقيقي زندگي جو رنگ نٿو ڀرجي تيسين، ايڪٽنگ ۾ نہ تہ ڪو مزو ٿو اچي ۽ نہ ئي ڏسندڙ متاثرن ٿين ٿا.

يار محمد شاهہ فلمي اداڪاري ۾ راج ڪپور جي والد پرٿوي راج جي ادائگي ۽ استاد دليپ ڪمار کان متاثر آهي، هي انهن کي پنهنجي فني دنيا جو استاد ٿو سمجهي پاڻ هميشہ چوندو آهي تہ آئون استاد دليپ ڪمار ۽ پرٿوي راج جي اسڪول جو شاگرد آهيان.

فلمي دنيا ۾ پنهنجي چاچي جاموٽ حاجي فضل علي شاهہ، حسين علي شاهہ فاضلاڻي جن جي صحبت ۾ هئڻ ڪري ڪائن ڏاڍو متاثر آهي، يار محمد شاهہ جو چوڻ آهي تہ هي ٻئي بزرگ منهنجي فني دنيا ۾ رهنمائي نہ ڪن ها تہ شايد آئون ايترو اڳيان ڪونہ اچي سگهان ها. سندن پيار پنهنجائپ ۽ شفقت ايتري هئي، جو هنن آخر ۾ پنهنجو لکن جو سامان جيڪو فلم ناهڻ لاءِ هنن وٽ هر وقت موجود هوندو هو، اهو ڪيس مفت ۾ ڏئي ويا.

سائين يار محمد شاهہ جو ٻيو دوست شاهہ اسد آهي، جو ننڍو آدم ٽيم جو ساٿي بہ آهي، يار محمد شاهہ فلم ناهي يا شاهہ اسد فلم ناهي پر هوندا ٻئي گڏ.

سنڌي فلمن جا ٿئي سادات فلم ساز سنڌي فلمي دنيا جا بادشاهہ رهيا آهن. سائين يار محمد شاهہ کي هميشہ اها شڪايت آهي تہ سنڌ جي سرمائيڪارن، سياستدانن پنهنجي ڪلچر، ٻولي، تاريخ، تهذيب لاءِ ڪجهہ ناهي ڪيو، جي سرمائيڪار پنهنجي ڪلچر لاءِ ڊرامن ۽ فلم ۾ سرمايو لڳائي، دنيا اڳيان آڻين تہ ڪين تمام گهڻو نفعو بہ ٿي

سگهي ٿو. ان سان گڏ پنهنجي ملڪ ۽ قوم جي خدمت بہ ڪري سگهن ٿا.

اهڙي نموني سنڌي سياستدان جلسن لاءِ لکين روپيا خرچ ڪن ٿا. جنهن جو اثر فقط هڪ ڏينهن رهي ٿو، پر ساڳئي ڳالهہ ساڳئي پروگرام نظريو، سنڌي ڪلچر جي معرفت ڊرامن ۽ فلمن وسيلي آڻين تہ ان جو اثر نہ رڳو سنڌ پر دنيا تي ٿي سگهي ٿو. ڪابہ پارٽي جي رڳو لفظن کي چڱي ڪردارن وسيلي پنهنجي نظريي جي پرچار ڪن تہ ڪيڏو نہ فائدو سنڌن پارٽي ۽ قوم کي ٿيندو، ان جو تصور ئي نٿو ڪري سگهجي. جن بہ ملڪن ۽ قومن پنهنجي ڪلچر ٻولي ۽ تهذيب جو سهارو ورتو آهي، اهي اڳيان وڌي ويا. جن قومن پنهنجو ڪلچر ٻولي تهذيب وساري ڇڏي آهي، اهي قومون ميسار جي ويون آهن. انهيءَ ڪري ڪيس جنون جي حد تائين عشق آهي تہ آئون پنهنجي ڪلچر، تاريخي ماڳن ۽ تهذيب تمدن کي ڊرامن ۽ فلمن وسيلي انشاالله آڻي ڏيکاريندس. سرمائيدارن کي ڏيکاريندس تہ پئسا ڪيئن ٿا ڪمائجن، سياستدانن کي ڏيکاريندس تہ پنهنجي قوم جو نظريو بهتر طريقي سان ڪيئن ٿو پيش ڪري سگهجي.

يار محمد شاهہ پنهنجي ان جنون کي لاهور کڻي ويو، جتي هن کي بهترين دوست ميان فيروز خالد مليو، جيڪو اردو پنجابي فلمن ۽ فلمي دنيا جو بادشاهہ آهي. جنهن جڏهن يار محمد شاهہ کي ويجهي کان، سندس شوق ۽ جذبو ڏٺو تہ هن کي پنهنجي دوستي جي ڀاڪرن ۾ اهڙو تہ سوگهو ڪيو آهي، جو يار محمد شاهہ بہ پيرا پاڪستان فلم انڊسٽري جو چيئرمين رهيو آهي، هن وقت بہ فلم ساز انڊسٽري جو چئرمين آهي. يار محمد شاهہ موقعي جو ڀرپور فائدو ورتو پاڪستان ايران دوستي جي بنياد تي ايران جو سرڪاري دورو ڪيو، ايران جي حڪومت جو مهمان ٿي رهيو.

يار محمد شاهہ ايران ۾ بہ ايران فلم انڊسٽري ۽ پاڪستان فلم انڊسٽري جي الحاق ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي، پاڪستان ۾ ايران جي ڪلچر تي گڏيل فلمون ناهڻ جي ڪوشش ڪئي جيڪي ڳالهيون هلن پيون. يار محمد شاهہ جو خيال آهي تہ جي ايران ۽ پاڪستان گڏجي

فلمون ناهين تہ فلمي دنيا ۾ انقلاب اچي سگهي ٿو. پاڪستان کي ايران جهڙي مارڪيٽ ملي سگهي ٿي، ايران جهڙو خوبصورت ملڪ فلمائڻ لاءِ ملي سگهي ٿو. ايران ۾ فلم بابت نئين نڪور ڪروڙن جي ٽيڪنالاجي ملي سگهي ٿي.

يار محمد شاهہ پاڪستان جي فلم انڊسٽري جي چئرمين جي حيثيت سان ڪوشش ۾ آهي تہ سنڌي فلم کي وري اڳ جيان زندهہ ڪجي اقتصادي طرح فائديمند ڪجي، سنڌي فلم کي دبئي ايران ۽ پاڪستان ۾ فيسٽوول ڪري ڏيکارجي ان جي نئين مارڪيٽ ناهجي.

سندن هاڻ پروگرام آهي، جنهن ۾ سنڌي فلمن جا ميلا ۽ فنڪارن جون آمن مارچون ڪرائڻ آهن، هن وقت هن "مهراڻ ٽاڪيز" جي نالي سنڌي فلمن جي پروگرام کي 13 قسطن ۾ رڪارڊ ڪرائي ڇڏيو آهي، اهو پروگرام عنقريب ڪراچي ٽي وي تان پيش ٿيندو.

**ادب**

يار محمد شاهہ اداڪار، فلم ساز ۽ آبادگار سان گڏ هڪ سٺو ليکڪ بہ آهي. هن ٽي وي ڊرامن "ڇهچهٽو" ، "رس ڇس" ، "سن تو سهي" ، "ڪل يوڳ" ، "قلم نمبر" ، "سچ گيا بچ" جا خاڪا لکيا ۽ ٽي وي تي پيش ڪيا آهن. "محبت شيدي" ، "علي گوهر" فلمن جون ڪهاڻيون بہ پاڻ لکيون آهن..

انهن کان سواءِ اخباري ڪالم بہ لکيا آهن، جن ۾ روزانہ "آفتاب" ۾، "واهہ سائين واهہ" ، روزانہ "برسات" ۾ "چيڪ پوسٽ" ، ساڳئي "برسات" اخبار ۾ "فلم ٽي وي خبرنامون" ، ماهوار رسالي "ناٽڪ" ۾ ٽي وي فلم ڪالم، ماهوار "سهڻي" رسالي ۾ "ٽي وي او ٽي وي" ڪالم. يار محمد شاهہ کي اهو اعزاز پڻ آهي تہ هن پنهنجي محسن پنهنجي استاد دنيا جي هن دؤر جي عظيم اداڪار استاد دليپ ڪمار جو انٽرويو ڪيو. يار محمد شاهہ ڪالمن سان گڏ نواز سمي سان گڏجي مٿيارين مان شارٽ اسٽوري ڪتاب ڇپائي پڌرا ڪيا جيئن "پڇي جند ڇڏاءِ" .

سندس هي ڪتاب اوهان جي هٿن ۾ آهي، اهو ڪتاب "ڪاوش" ۾

"گلڻ جا گفتا" جي نالي هيٺ ڇپيو، هي ڪالم سڄي سنڌ ۾ ڏاڍا پسند ڪيا ويا.

"گلڻ جي گفتن" جيڪا مشهوري ورتي ان جو خاص سبب اهو هو تہ يار محمد شاهہ هنن ڪالمن ۾ ملڪ قوم ۽ علائقي جي مسئلن کي حقيقي طرح اهڙي صاف سنري انداز سان پيش ڪيو آهي، جو هر پڙهندڙ اها سڄي ڳالهہ سمجهي ٿي وبو تہ هن وقت ڪهڙو مسئلو آهي، ليڪ ڇا ٿو چوڻ چاهي اهي ڳالهيون، جيڪي عام زندگيءَ ۾ نئيون چئي سگهجن، اهو يار محمد شاهہ "گلڻ جا گفتا" معرفت عوام تائين پهچايا يار محمد شاهہ گلڻ جي گفتن ۾ سياستدانن، ڪامورن، حڪمرانن ۽ زندگي جي هر شعبي جي ان ماڻهوءَ کي سچ چيو، جيڪو جيڪر هونءَ عام طرح چئي نہ سگهجي ها.

يار محمد شاهہ مون کي چيو: "عالم شاهہ! ڪتاب ڀيو ڇپجي توهان ڪجهہ لکي ڏيو ڇاڪاڻ جو توهان منهنجي زندگي جي هر پهلو کان واقف آيو."

يار محمد شاهہ جو حڪم اکين تي پر مون لاءِ اهو مشهور آهي، رسول بخش پليجو صاحب چواٿي: "عالم شاهہ کي ڏهہ ميل پنڌ ڪرڻ لاءِ چئبو تہ هو خوشيءَ سان ڪري ويندو. پر جي ڪٿي ڪڏهن بہ پيج لکڻ لاءِ چئبو تہ ڪونہ ڪو بهانو ڪري پڄي ويندو. عالم شاهہ لکڻ ۽ پڙهڻ جي خلاف آهي، باقي بي هر قرباني ڏيڻ لاءِ تيار آهي."

يار محمد شاهہ کي جواب نہ ڏنم پر منهنجي زمين آسمان ڏکي ويو. خير دل ٻڌي پنهنجو پاڻ تي اصل جهڙوڪر جبر ڪري هي لکيو تہ اُٿم پر پوءِ بہ آئون سمجهان ٿو تہ يار محمد جي زندگيءَ تي لکڻ لاءِ وقت ۽ لکڻ جو سربلو ڏانءُ گهرجي. سندس شخصيت، خاندان، سياست، فن، ادب، فلم ۽ ڊرامن تي الڳ الڳ ڪتاب لکڻ جي گنجائش موجود آهي، باقي هڪڙي مضمون ۾ سندس سيني پاسن تي لکڻ منهنجي وس جي ڳالهہ ناهي، پر پوءِ بہ مون پنهنجي دل جي حضور سان سندس هر شعبي تي لکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، ان اميد سان تہ پڙهندڙ ۽ يار محمد شاهہ ۽ سندس خاندان ۽ سندس دوست ناراض نہ ٿيندا.

حيدرآباد
23.05.2001

# گهڻ رخو ماڻهو

شمشير الحيدري

متيارين وارو يار محمد شاهه ڪو هڪڙو ماڻهو ڪونهي. " ڪئين ڪتاب" جيان، هو "ڪئين ماڻهو" آهي. ڪالي ديويءَ وانگر ڪيس ڪي گهڻا متا، گهڻا هٿ ۽ گهڻا پير نہ آهن، پر تڏهن بہ هو گهڻيون ڳالهيون سوچي ٿو، گهڻن ڪمن ۾ هٿ وجهي ٿو ۽ گهڻن پاسن ڏانهن پنڌ ڪري ٿو. پر گلڻ خان جا يار اها ڳالهہ شايد سمجهي نہ سگهن، سو ڪين ائين سمجهڻ ڪپي تہ هي شخص بنيادي طرح گوشت جو ٻوڙ آهي. پوءِ ڪڏهن هو تماتا گوشت، پٽاٽا گوشت، پالڪ گوشت يا دال گوشت آهي، تہ ڪڏهن وري فراءِ گوشت ، پڳيلو يا ڪڙهائي گوشت. جيئن هر ڪنهن ملاوت جو مزو مختلف ٿئي ٿو، تيئن هن يار جا رنگ بہ ڌارون ڌار آهن.

بنيادي طرح هو زميندار تہ آهي ئي،جو تہ اها سندس اباڻي ڪرت آهي. تنهن سان گڏ هن وڪالت جو اهڙو پيشو اختيار ڪيو آهي، جيڪو سندس اولاد اباڻو پيشو سمجهي اختيار نہ ڪندو. اها ڳالهہ هينئر ئي ڏسجي پئي. پر هن باذوق ۽ پرشوق شخص جيڪي خفا پنهنجي ذات جي پاسي پيدا ڪيا آهن، سي سندس اندر جو اظهار ڪن ٿا. سندس اندر هڪڙي " پرزم" جيان آهي، جنهن ۾ شيشن جا محدود رنگ ۽ ٽُڪرا، ٿوري اٿل پٿل سان انيڪ چٽ پيش ڪن ٿا.

يار محمد شاهه جون صلاحيتون ڪئين پاسن تي پڌريون آهن. هو صداڪار ۽ اداڪار بہ آهي تہ هدايتڪار ۽ سرمائيڪار بہ آهي.

هو اسٽيج، ريڊيو، ٽي وي ۽ فلمن جو ليکڪ بہ آهي، اخبارن جو ڪالم نويس بہ. مڙني ميدانن ۾ هن پاڻ موکيو آهي. تنهن سان گڏ هو هڪ سماج سڌارڪ جي حيثيت سان بہ نہ رڳو پنهنجين لکڻين وسيلي، پر عملي طرح بہ تعليم، صحت توڙي قانون جي ميدان ۾ پنهنجين خواهشن، جذبن ۽ اصولن جي پڌرائي ڪئي آهي.

چوندا آهن تہ " متيارين جو موت، وبندي جي ويرم" . پر مون کي

اها چوٽي اچ تائين سمجهہ ۾ ناهي آئي. البت اهو سو هميشهہ ٻڌندا پيا اچون تہ غير مسلم مٺياريءَ ۾ مسلمان ٺيڻ لاءِ ويندا آهن. اهو شهر ملن مولوين،عالمن ۽ پيرن جو تاريخي شهر آهي. پر سنڌ جي ٻن سادات گهراڻي جي نامور فرزندن، ايس.گل ۽ حسين علي فاضلاڻي، هن شر جو تاريخي ڪردار ئي تبديل ڪري ڇڏيو. ٻني مرحوم شخصيتون، مٺياريءَ جي سخت گير مذهبي مزاج جي ابتڙ وجي فلمي دنيا ۾ نڪتيون. فاضلاڻي صاحب سنڌي فلمن جو بانيڪار بڻيو، ۽ ايس. گل صاحب اداڪاريءَ سان گڏ موسيقيءَ ۾ بہ نالو ڪڍرايو. يار محمد شاهہ انهن ٻنهي بزرگن جو اُياريل ۽ آياريل، روايتن سان بغاوت جو تسلسل آهي. اها بغاوت جي چوچڙي، هو هاڻ خاندان ۽ شهر جي هر معاملي ۾ دکائيندو وتي. ان لاءِ جيڪا همٿ ۽ جيڪو حوصلو کپي، تنهنجو اندازو اسان نٿا لڳائي سگهون.

آءٌ پنهنجي هن باهمت ۽ باصلاحيت يار جي ڪتاب، " گلڻ جا گفتا" تي ڳالهائڻ بجاءِ، ڪيس ان ڳالهہ تي داد ڏيڻ پسند ڪريان ٿو، جو هو مٺياري شهر ۾ جنم وٺي، اتي جي سادات گهرانن وارين ڪٽر روايتن جي گهري ۾ رهندي، پنهنجيءَ" ذوق ذريءَ" جي پرورش ڪري رهيو آهي. هن وقت بہ وٽس ٽي ويِ ۽ فلم لاءِ ڪافي رٿون آهن، جن لاءِ هو پاڻ پتوڙي رهيو آهي.

ان منظر ۾ اها ڳالهہ ڪرڻ تمام ضروري آهي تہ پاڻ بہ پيرا پاڪستان فلم پروڊيوسر ايسوسيئيشن جو چيئرمن چونڊيو ويو آهي، ۽ اجا بہ وڌيرڪ اهم ڳالهہ اها آهي تہ انهيءَ حيثيت ۾ هن سرڪار کان سئنيمائن لاءِ هر ٽڪيٽ تي ٽئڪس جي وصوليءَ واري نظام بدران، روزاني " مقرر ٽئڪس" وارو سرشتو منظور ڪرائي ورتو آهي، جنهن موجب سڄيءَ سنڌ ۾ وري سئنيما کان ٽئڪس جي وصولي معاف آهي. اهو ڪارنامو عام طرح فلمي صنعت لاءِ ۽ خاص طرح سنڌي فلمن جي واڌاري لاءِ تاريخي آهي. هن پنجاب ۾ سنڌي ٻوليءَ ۽ فلمي صنعت لاءِ جيڪو ڪم ڪيو آهي، سو خاص جس لهڻي.

دعا آهي تہ رب پاڪ هن يار کي ڪامياب ڪري.

# يار محمد شاهہ: هر فن مولا

**جي. اين مغل**

سيد يار محمد شاهہ منهنجو ڳوٺائي، دوست، ڀاءُ ۽ ساٿي آهي. ڏاڍو پيارو آهي، خبر نہ آهي ڪڏهانڪر هڪ ٻئي سان پيار جو رشتو آهي. دلچسپ ڳالهہ اها آهي تہ وقت گذرڻ سان اهو رشتو وڌيڪ پڪو ٿيندو وڃي، جيڪڏهن ڪو ايڏو ويجهو هجي تہ ان بابت ۽ ان جي لکڻين بابت پنهنجا ويچار ونڊڻ ڪيڏو نہ مشڪل آهي؟

آئون هونءَ بہ ٻن ڳالهين کان وئون ويندو آهيان. هڪڙو تقرير ڪرڻ ۽ ٻيو ڪنهن جي ڪتاب بابت "ٻہ اکر" يا "مهاڳ" وغيرهہ لکي هماليا جي چوٽي سر ڪرڻ! انهن ٻنهي ڳالهين جي ڪري هيستائين منهنجا ڪيترا مهربان ۽ دوست مون کان ناراض ٿي چڪا آهن. انهن ٻنهي ڳالهين بابت منهنجي پنهنجي راءِ آهي. تقرير کان هڪ تہ ان ڪري پري ڀڄندو آهيان جو مون ڪي تقرير ڪرڻ ايندي ئي ڪانهي. ڪي تقرير جا ماهر ٿيندا آهن تہ ڪي تحرير جا ڄاڻو هوندا آهن. پر منهنجو تعلق ان قسم جي ماڻهن سان آهي جيڪي تڦ بر توڙي تحرير جي هنر کان ڪورا آهن. تقرير کان آئون ٻيو ان ڪري بہ پري ڀڄندو آهيان جو منهنجي خيال ۾ اسان وٽ ماشاءَالله مقررن جي ڪا کوٽ نہ آهي. سنڌ ۾ اهوانگ ڪافي مقدار ۾ اڳيئي موجود آهي. آئون.تہ هڪ عام صحافي آهيان. منهنجو ڪهڙو ڪم تقرير سان؟ ڪيڏانهن الهڏنو ڪيڏانهن تندوالهيار؟ جيڪڏهن مون جهڙا عام قسم جا صحافي بہ مقرر ٿي ويا تہ اسانجي معاشري ۾ هر فرد جي هٿ ۾ مقرر هئڻ جي تختي هوندي!

چوندا آهن تہ زوريءَ اڳيان زور هلندو ئي نہ آهي. جيڪڏهن تقرير ڪرڻ لاءِ ڪا وزندار حجت ٿيندي آهي تہ هڪ، اڌ جملو ڳالهائي "شهيدن" ۾ نالو ڳڻائي وٺبو آهي، پر ڪنهن ڪتاب جي لاءِ "ٻہ اکر" يا مهاڳ لکڻ تہ انتهائي مشڪل مرحلو آهي. سچي ڳالهہ اها آهي تہ آئون پنهنجو پاڻ کي اجان ان لائق ڪونہ ٿو سمجهان، "مهاڳ" ۽ "ٻہ

اکر" تہ فقط کنهن اسکالر عالم ۽ فاضل کي ئي لکڻ جڳائي، جيکڏهن سنگت طرفان کو اهڙو زور پوي منهنجي خيال ۾ اها واقعي ڏاڍائي آهي. تازو ان سلسلي ۾ آئون پنهنجي هڪ ويجهي يار کي رسائي وينو آهيان. هن بہ هڪ ڪتاب لکيو ۽ هو مون کي ان جو مسودو ڏيئي حڪم ڪيائين تہ آئون ان جو مهاڳ لکان هن جي تہ اها مهرباني ۽ هن مون سان اهو وڏو وڙ ڪيو. جو مونکي ان لائق سمجهيو. پر جڏهن مون پنهنجي اندر ۾ ليئو پاتو تہ محسوس ڪيو تہ "هنوز دلي دور است!" اهوئي سبب آهي جو آئون پنهنجي ان دوست جي ان حڪم جي بجا نہ ڪري سگهيس ۽ هو اڄ ڏينهن تائين مون کان رنل آهي.

آئون اڳيئي هڪ يار رسائي وينو هوس سو هاڻ وري هڪبئي يار، سو بہ سيد يار محمد شاهہ کي رسائڻ جي مون ۾ همت نہ هئي. شاهہ صاحب ڪجهہ ڏينهن اڳ مون وٽ آيو مون سمجهيو تہ مزاج پرسي ڪرڻ آيو آهي، پر مجموعي واري ڪتاب "گلڻ جا گفتا" جو مسودو منهنجي حوالي ڪري حڪم ڪيائين تہ ان جا "بہ اکر" لکبا، نہ چاهيندي بہ مون ڪنڌ سان هاڪار ڪئي. منهنجا هٿ منهنجو ساٿ نہ ڏئي رهيا آهن. ان هوندي بہ آئون حڪم جي بجا آوري ڪرڻ تي مجبور آهيان.

سيد يار محمد شاهہ هرفن مولا آهي، هو ڇا، ڇا نہ آهي؟ هو گهڻو ڪجهہ آهي. پر پيو ڪجهہ هئڻ کان اڳ هو سيد آهي. سنڌ ۾ سيد ڄمندي ڄام هوندا آهن. منهن رکڻيءَ کان مٿيءَ تائين عزتون هنن جو طواف ڪنديون آهن. ان ڳالهہ سان اختلاف نہ ڪري سگهبو تہ يار محمد شاهہ اڄ جيڪي ڪجهہ آهي تنهن ۾ هن جي سيد هئڻ واري حقيقت جو شايد ايترو هٿ نہ هجي. پر هن جي زندگيءَ جو گهرائيءَ سان جائزو ونبو تہ ان نتيجي تہ پهچبو تہ هو اڄ جيڪي ڪجهہ آهي تنهن ۾ هن جي اڻٿڪ محنت جو وڏو هٿ آهي. سيد هئڻ سان گڏ هو زميندار آهي. بعد ۾ وڪيل ٿيو، ڪجهہ وقت وڪالت ڪيائين. ان کانپوءِ فنڪار ٿيو، هو جتي ٿي وي جو فنڪار آهي، اتي فلم جو بہ فنڪار آهي. هاڻ صحافي آهي، اخبارن ۾ ڪيئي ڪالم لکيا اٿس ۽

هاڻ انهن ڪالمن جو ڪتاب شايع ڪرائي ليکڪن جي صف ۾ به پنهنجي جڳهه ٺاهي رهيو آهي.

يارمحمد شاهه وٽ طنز ۽ مزاح جو وڏو هنر آهي، هو ان فن جو مظاهرو هن کان اڳ ٽي وي جي ”ڇهڇٽو“ سيريز ۾ به ڪري چڪو هو. بعد ۾ اهڙا مزاحيا ۽ طنزيا ٽي وي سيريز لکيائين به، روزانه ”ڪاوش“ ۾ ”گلڻ جا گفتا“ واري عنوان تحت يارمحمد شاهه جيڪي ڪالم لکيا تن ۾ هن طنز ۽ مزاح واري پنهنجي ان فن ذريعي جتي معاشري جا اگرا ۽ بدبودار پاسا وائکا ڪيا اتي هن سنڌ سان پنهنجن توڙي پراون طرفان ٿيندڙ ويلن جي به نشاندهي ڪئي. اها ڳالهه تسليم ڪرڻي پوندو ته انهن ڪالمن ۾ يار محمد شاهه سنڌ سان ٿيندڙ انهن زيادتين جو ذڪر ڪندي ۽ رک رکاءَ بدران چٽو رويو اختيار ڪيو آهي. ساڳئي وقت انهن زيادتين سبب ڪيس جيڪا تڪليف پهتي آهي تنهن کي به هو لڪائي نه سگهيو آهي.

ان سلسلي ۾ سندس ڪالمن مان مختلف ٽڪرا پيش ڪري سگهجن ٿا:

> تر ۾ وجي ڏسو ته رستو ڪارونجهر تان سڌو پنجاب وڃڻ لاءِ ڪيٽل اسپيڊ ۾ تيار ٿي رهيو آهي. پرواري ملڪ سان ڏيتي ليتي به ان رستي ٿيندي. بينظير وارو ڪيٽي بندر ۽ ڪوسٽل ايريا وارو رستو، جيڪو ايران ۽ بين رياستن ذريعي اسان جي معدنيات ۽ وٽج واپار کي وڌائي ها، اهو هاڻ ماضي ۾ دفن ٿي ويو. بحرحال قصا وڏا آهن، توکي سمجهه ۾ تڏهن ايندا، جڏهن سنڌ جي سموري زراعت پاڻيءَ جي اٺاٺ وگهي ختم ٿي ويندي ۽ معدنيات جو دور شروع ٿيندو. سنڌي زميندار ۽ سنڌي هارين جا بوتا ٺاهي عجائب گهرن ۾ رکيا ويندا. نمائش ۾ اصلوڪي سنڌ جا هنر ۽ هنرمند ماضي جا آثار ڪري ٽڪيٽ تي ڏيکاريا ويندا.

**گلڻ جا آخري گفتا**

> ”گلڻ خان گهوبيون هٽي هٽي سنڌ جو پاڻي ويو هاڻ اليڪشن ۾ وري شهري حڪومتون ٺهڻ ڪري شهر هميشه لاءِ وڃائيندا سين ڀهراڙين ۾ ضلع ٺٽو، بدين، حيدرآباد، ميرپور خاص، سانگهڙ، نواب شاهه، خيرپور، نوشهرو، جيڪب آباد، شڪارپور، لاڙڪاڻو ۽ دادوءَ ۾ به

سنڌي عورتن جي سيٽن لاءِ اسان وٽ عورتون ناهن، باقي سيني ضلعن ۾ ڪٽندا اهي جيڪي شهري حڪومتون ناهڻ وارن سان ناهه ڪندا، ناهه اهي ڪندا، جيڪي ناهه سان نهيل هوندا، ڪمال ته اهو آهي، ملڪ هڪڙو جاسوسي ادارا چار. ۾ چارئي ادارا هدايتون وٺن وري ٻاهرين ادارن ڪان جن جو مقصد هن علائقي جي معدنيات تي قبضو ڪرڻ آهي. سنڌ جو دشمن فوجي، پنجابي، مهاجر، قوم پرست ۽ ڪامورو هرگز نه آهي، سنڌ جو دشمن، 300 ميل سامونڊي پٽي، جيڪا ڪراچي ڪان بدين تائين سڄي دنيا جي واپار جو رستو آ،

گلڻ جي بولتي بند ٿي وئي

وفاق جي سياست ڪندڙن ۾ هاڻ ٻيا ٻه قوم پرست تيار ٿي ويا آهن، جن جو صرف اهو شرط آهي ته هاڻ سنڌ ۾ رهندڙ سڀ سنڌي آهن، اهو چئو ته جهيڙيو ڇڏيون لڪين سنڌين جو خون بخش ڪريون نوڪريون، صنعتون، ادارا حڪومت سڀ ڪجهه اوهان کي ڏيون. الله حياتي ڏي جنرل پرويز مشرف کي جيڪو روز پيو سمجهائين ته سمجهو ڳالهه کي سمجهو کيل ختم ٿيڻ وارو آهي. صرف اهو چئو ته سنڌ ۾ رهڻ وارا سڀ سنڌي آهن

گلڻ جي بولتي بند ٿي وئي

"چريا جڏهن سڀ سنڌي ٿي ويندا، نوان سنڌي پنهنجي هر شي جا وارث ٿي ويندا، تڏهن اهي نياڻيون ڳنديءَ تي رت مان هند ۽ سنڌ جو نقشو چٽي چرين جي اسپتال ۾ ۽ جيلن ۾، نوجوان پٽڪن تي پراڻي سنڌ جو نقشو ناهي "جيئي سنڌ" جا نعرا پيا هڻندا ۽ اسان جا وارث اصل ڌٽين کي اهو تماشو ڏيکاريندي ڏند ڪڍي چوندا ته "سريي هين هماري بچي هوئي پراني پاگل سنڌي. بڙي ناياب نسل هي کهين تو هم انهين چڙيا گهر والون کو ديدين."

گلڻ جي بولتي بند ٿي وئي

"گلڻ خان آخر ڪيڏانهن هلون. وڏيري جو ڪو فيصلو آهي چا؟" بيزار ٿي چائين: "اج ڪلهه سنڌ جا وڏيرا پاڻ پنڻ جهڙا ٿي ويا آهن. فصل تباهه، ڍلن ۽ ٽيڪسن لاهه ڪڍي ڇڏيا اٿن. هي پاسي پاڻيءَ ٻه فصل سڪائي ڇڏيا اٿن. شهرن ۾ قانون لاڳو ڪندڙن ۽ ڳوٺن ۾ پوليس چٽو ڪري ڇڏيو اٿن. مون سان ٻه ڪو اهڙو مامرو آهي. وارو ڪر واهر ڪر نه ته آئون مسڪين مارجي ويندس." چڙندي چيم: "گلڻ خان جيسين حقيقت نه ٻڌائيندين، تيسين مان چا ڪري سگهندس؟" "اڙي بابا اندرون سنڌ جي ماڻهن وٽ تعليم آهي ڪونه،

چوڪيدار اهي، هر شهر جي داخلا ۽ ٻاهر نڪرڻ جي رستن تي هوٽلون انهن جون شهرن ۾ گڏس ۾ ٽرانسپورٽ تي انهن جو قبضو، ڪابل قنڌار قبضو ڪري ويو

**ويري گڊ آمريڪا**

درويش وري اڏائيندو هليو، سڄي سنڌ گهمايائين، شهرن ۾ ڏسان پيو ته "ڪاونٽي" جا بورڊ لڳل آهن. الطاف ڪائونٽي عامر ڪائونٽي، چوڌري ڪائونٽي، آرائين ڪائونٽي، چنيوٽ ڪائونٽي، دهلي مرچنٽ ڪائونٽي، سردار زوردار ڪائونٽي، هيبت خان ڪائونٽي، سيني وڏن شهرن ۾ ڪائونٽي جا بورڊ لڳل هئا. صرف سانگهڙ ضلعي ۾ پاڳارو ڪائونٽي اردوءَ ۾ لکيل هو. باقي سڄي سنڌ ۾ سرحد، پنجاب، بلوچستان جي نالي وارن همراهن جون ۽ هندوستان جي نالي وارن همراهن جون ڪائونٽيون نهيون پيون آهن، ڀهراڙين ۾ ڪارخانن ۾ مزدور پٺاڻ، خيرپور سانگهڙ، ميرپور ۾ اسان جا پنجابي ڀائر زمينن ۽ ڪارخانن جا مالڪ. جيڪب آباد، شڪارپور تائين بلوچ ۽ پنجابي ڀائر ڪارخانا ۽ زمينون سنڀاليون ويٺا آهن. باقي چوڪيدار ۽ مزدور ٻيلي جو ڪاٺ وڍڻ وارا، سڀ مسلمان پٺاڻ ڀائر آهن، پر سنڌي ڪٿي ڪونه مليا. ڪنهن جي ڪارخانن ۾ ٽرانسپورٽ ۽ ڪمند لاهڻ وارا پٺاڻ ڀائر، ڪنهن ناهڻ وارا پنجابي ڀائر، ڪٿي به ڪو سنڌي يا سنڌي ڳالهائيندي ڏسڻ ۾ نه آيو. درويش چيو ته هاڻ تون جاڻ تنهنجي قسمت، قلندر جا ڏٺي به پنجابي پٺاڻ ڀائر ڏنم، اوچتو ڏٺم ته پوليس وارن ڪي مٽي ۾ سگَ ۽ وات مان وڏا ڏند نڪتل. چيائون: "باقي اڪيلو تون سنڌي بچيو آهين، توکي کائينداسين، اسين تنهنجو خون پيئنداسين، اسين ارغونن، ترخانن، افغانن، مهاجرن، پٺاڻن، بلوچن، گجراتين جن کي به تو لڏائڻ جي ڳالهه ڪئي يا ڪوشش ڪئي هئي، اسين انهن جو بدلو وٺنداسين. انگريزن جو بدلو وٺنداسين.

**گفتا ۽ خواب**

*حيدرآباد*
*تاريخ: 26-9-2001*

# يار محمد شاهہ: هڪ بيقرار روح

**ناز سهتو**

سنڌ جي عام ماڻهن وٽ پلي يار محمد شاهہ جي سڃاڻپ ڇهچٽي واري مزاحيا اداڪار جي ڇو نہ هجي، پر جيڪي يار محمد شاهہ کي سڃاڻن ٿا، انهن کي سڌ آهي تہ هن شخص اندر هڪ بيقرار روح موجود آهي، جيڪو سنڌ جي ٿهڪن سان گڏ مرڪي ٿو ۽ سنڌ جي لڙڪن تي اوسارا ڪري روئي ٿو. عام طور تي اسان وارو اداڪار هر وقت ۽ چوويهہ ئي ڪلاڪ اداڪار رهي ٿو، ان جو سماجي ڦيرگهير سان ڪو واسطو ئي نہ هوندو آهي، پر يار محمد شاهہ کي سنڌ جي زراعت، پاڻي، صحت، تعليم قدرتي وسيلن ۽ آرٽ سان بہ اهڙو ئي لڳاءُ آهي، جهڙو اداڪاريءَ سان. هن جي صلاحيتن جو هڪ نمونو اهو آهي تہ هو لاهور جهڙي ڪوفي نما شهر ۾ اڪيلي سر وڃي، گجرن، جٽن ۽ راڻن جي وچ مان نڪري، پاڪستان فلم پروڊيوسرس ايسوسيئيشن جو لڳاتار بہ ٽرم چيئرمن چونڊجي اچي ٿو، سنڌي فلمون پيل ٿهنديون نہ ئي هجن، پر يار محمد شاهہ هر فورم تي سنڌي فلمن جو ڪيس ضرور اٿاري ٿو. زندگي جي مڙني روپن جي ڪرختگيءَ کي هن جيئن محسوس ڪيو آهي، بلڪل تيئن ئي هن گلڻ خان جي گفتن ۾ بيان بہ ڪيو آهي. يار محمد شاهہ جي موضوعن ۾ گاري ۽ گنب کان وٺي گلوبلائيزيشن جا موضوع شامل آهن. هو پلي ڪو نامر ڪنيو دانشور نہ سڏجي پر زندگي جي مجموعي احساس کي ڪيترن ئي دانشورن کان بهتر نموني سمجهي ٿو.

يار محمد شاهہ جي شخصيت ۾ موجود ان Diversity هن کي انيڪ رنگ جي ماڻهن سان ملايو آهي، هو کوهہ جي ڏيڏر وانگر صرف پنهنجي دنيا کي ئي مڪمل دنيا سمجهڻ وارو ناهي. هو پڙهڻ کان پوءِ پرجهڻ ۽ ڪڙهڻ ۾ يقين رکندڙن مان آهي. هو زندگي کي پنهنجي مخصوص عينڪ سان ڏسڻ جو قائل ناهي. زندگي جي مڙني رنگن ۽ هوائن جي احساس ۽ ڇهاءَ کي محسس ڪرڻ واري صلاحيت جي موجودگي يار محمد شاهہ کي نہ رڳو اداڪارن ۾ پر زندگي جي ٻين شعبن ۾ بہ منفرد بنائي رکيو آهي.

# واهہ يارل واهہ

**منظور قريشي**

يار محمد شاهہ يارن جو يار، پلوڙ ايڪٽر، اسڪرپٽ رائٽر، فلمساز، پيشڪار، زميندار، وڪيل ۽ ٻيو بہ گھڻو گھڻو ڪجھہ، ۽ هاڻي هڪ وڏيڪ ڪتاب جو ليکڪ بہ.

مون سندس انهن شروعاتي ڏينهن ۾ ائين ۽ اهڙو ٻنهہ نہ سوچيو يا سمجھيو هو تہ ڪو ايندڙ وقتن ۾ هي اهڙي ڀرپور شڪل ماٺيندو ۽ هڪ گهاٽي وڻ جيان سنڌي ۽ اردو ڊرامن، ادب جي ميدانن ۾ پراڻيءَ سنڌوءَ جيان پالوت ڪندو، صحافت جي عرش تي ستارن جيان چمڪي پوندو.

وقت وڏو بادشاهہ آهي، ڏينهن ڪي رات ۾ سميٽي ٿو ۽ وري رات جي ئي ڪک مان هڪ نڪور ڏينهن کي ڇٽي چوڏس ۾ سوجھرا ڦهلائي ٿو ڇڏي.

اڄ اسان جو دوست يارمحمد شاهہ جيڪو ڪلهہ رڳو مٽيارن ۾ ننڍڙا ننڍڙا دلچسپ اسٽيج ناٽڪ لکي پيش ڪندو هو سو هاڻي پاڻ ڊراما ۽ فلم پروڊيوسر ٿو چڪو آهي، پر هن اتي بہ بس ناهي ڪئي اڄ هو پاڪستان فلم پروڊيوسرس ايسوسيئيشن جو چيئرمين پڻ آهي.

مون کي اهو چوندي فخر محسوس ٿو ٿئي تہ هو منهنجو دوست آهي ۽ اسان گھڻو گھڻو ڪم گڏجي ڪري چڪا آهيون. جنهن مان هت "ڇهچٽي" جو حوالو ڏيڻ ضروري ٿو سمجھان ۽ اهم بہ، ڇاڪاڻ جو "ڇهچٽو" سنڌي ٽي وي پروگرامن ۾ اهو واحد پروگرام آهي، جيڪو تمام گھڻو مقبول ٿيو ۽ هڪ ڪان وڏيڪ ٻيرا هليو ۽ پسند ڪيو ويو.

۽ هت مان اهو ٻڌائيندو هلان تہ "ڇهچٽي" جي ٽيم جو خاص انگ يار محمد شاهہ ئي هو ۽ اهو بہ ٻڌائيندو هلان تہ هي يار جنهن "ڇهچٽي" جي اڳٽين خاڪن جا بنيادي خيال ڏنا ۽ هن ڪڏهن بہ نالي جي بک محسوس نہ ڪرائي جھڙوڪر سراسر فن جي خوشبودار مٽيءَ جو چاڻو هجي ۽ هرحال ۾ فن کي چنڊ ستارن جھڙو اوج ڏيارڻ

جي تمنا ۾ هردم تيار هجي.

فن اداڪاريءَ سان گڏ هو بنيادن ڪان هڪ ليکڪ پڻ رهيو آهي، پوءِ اهو ڊرامو هجي يا فلم، خاڪا هجن يا ڪالم ۽ ڪهاڻي.

هونئن ته هن جا اڳ به ڪجهه ڪتاب پڌرا ٿي چڪا آهن. پر هي ڪتاب سندس مڪمل روپ ۾ سوچ جو چٽو اظهار آهي. هن ۾ هن ڏاڍي عجيب ٽيڪنيڪ ڪان ڪم ورتو آهي، جنهن ۾ هو ٻڌائيندڙ به پاڻ آهي ته ٻڌندڙ به، پر ڳالهيون ٿنهنجون ۽ منهنجون، مسئلا سڄي سنڌ جا، پاڻيءَ جا ۽ زمين جي ڪاتن جا مونجهارا، پوليس ۽ وڏيرن جا قصا. پر اهو سڀ هن ڪنهن خشڪ ميجالي واري دانشور جي هٿ، اڪ يا انداز ۾ ناهن لکيا، هن هنن ڪالمن ۾ پنهنجو اصلوڪو ڏانءُ ڀرپور طريقي سان پيش ڪرڻ جي سهڻي ڪوشش ڪئي آهي.

مون کي سندس هن ڪتاب "گلڻ جا گفتا" جي ڇپجڻ تي به اوڏي ئي سرهائي محسوس ٿي رهي آهي جيڏي سندس پهرئين ڪتاب "پيچي جند ڇڏاءِ" وقت ٿي هئي.

۽ مان اڃا به وڌيڪ مختلف موضوعن تي سندس ڪتابن جو منتظر آهيان.

اميد ته هو ان ئي چاهه ۽ جذبي سان ايڪٽنگ سان گڏ لکت جي آسمان ۾ به چنڊ ستارا فتح ڪندو.

*28/9/2001*

ڪراچي

# ريورس شاٽ

**نواز علي سمون**

سائين يار محمد شاهہ سان منهنجي ملاقات 33 سال اڳي 1968ع ۾ اسان جي هوٽل تي ٿي. جتي سائين يار محمد شاهہ روزانو رڪارڊ پليئر تي لتا جا گانا ٻڌڻ لاءِ ايندو هو. انهي دوران سائين اسٽيج ڊرامون ”نڳيءَ جو ناهہ“ اسٽيج ڪرڻ جو اعلان ڪيو. ۽ مون کي بہ هوٽل تان لاهي ڊرامي ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ چيو. مون ڪڏهن سوچيو بہ نہ هو تہ ڪو آئون ڊرامي ۾ ڪم ڪندس، مگر سائين جو حڪم اکين تي سمجهي ريهرسل ڪرڻ لاءِ ٻين فنڪارن سان بيهجي ويس. ڊرامي جي ريهرسل شاهي بازار ۾ هڪ ماڙي تي ٿيندي هئي ۽ ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ گورنمنٽ هاءِ اسڪول ۾ ڊرامون اسٽيج ٿيو. هن ڊرامي ۾ سائين يار محمد شاهہ، جيڪو ڪردار ڪيو، اهو تي ڪلاڪ جاري رهيو، سڄي ڊرامي جو بار سندس ڪلهن تي هو، سندس اداڪاري ماڻهن کي ڪلاڪن ڪلاڪن کيرو ڪري ڇڏيو. هن ڊرامي جي ٻين ڪردارن ۾ آئون، قاضي سيف الدين، اسرار احمد مغل، غلام حسين ميمڻ شامل هئا. مون سميت ٻين فنڪارن بہ بهترين فن جو مظاهرو ڪيو. هيءُ ڊرامون مفت شهرين کي ڏيکاريو ويو. هن ڊرامي لاءِ ڪوچ ۽ ڪرسيون هتان جي وڏن ماڻهن وٽان ڪٺي آياسون ۽ ڪين انهن ئي ڪوچن ۽ ڪرسين تي ويهاري عزت سان ڊرامون ڏيکاريوسون. هن ڊرامي کي لکيو بہ سائين يار محمد شاهہ هو ۽ ڊائريڪشن بہ پاڻ ڏني ۽ جيڪو خرچ آيو، اهو بہ خود برداشت ڪيو. هي ون ايڪٽ ڊرامون رات جو 9 وڳي شروع ٿيو ۽ فجر جو 4 وڳي ختم ٿيو. هن ڊرامي کي هتان جي ماڻهن ڏاڍو پسند ڪيو ۽ همت افزائي ڪئي. پوءِ اهو سلسلو جاري رهيو. ان کان پوءِ ”دڪايل دليون“ ، ”شادي تعدي“ ، ”اذان ۽ آهہ“ ، ”واهہ سائين واهہ“ جهڙا شاهڪار ڊراما اسٽيج ڪيا ويا. هنن ڊرامن ۾ ٻين فنڪارن سان گڏ منهنجو بہ هر ڊرامي ۾ ڪردار هوندو هو.

انهيءَ دور ۾ سائين يار محمد شاهه کي ٽنڊي آدم ۾ پنهنجي اباڻي زمين سنڀالڻ لاءِ ملي. پوءِ روزانو ٻني کي آباد ڪرڻ لاءِ سائين جو پنڌ ٽنڊي آدم رهيو. سخت ڪوشش ۽ محنت کان پوءِ زمينداري ۾ به سائين ڪامياب ٿي ويو. انهيءَ سفر دوران هتي سنڌي ادبي سنگت جو سلسلو به هلندڙ هو. جنهن ۾ ڪڏهن شاعري ته ڪڏهن ڪهاڻي لکڻي پوندي هئي، 1974ع ۾ سائين يار محمد شاهه چيو ته نيوز پيپر ايجنسي هتي خالي آهي ۽ ٽوڪي اخبارون وڪڻيون آهن ۽ اسٽال لڳائڻو آهي. بس ان تي اخبارون کپائڻيون آهن. مون به انڪار ڪونه ڪيو ۽ اخبارن جي ڌنڌي ۾ لڳي ويس. اخبارن سان وابستگي جي ڪري سائين چيو ته هاڻ ٽوڪي اخبارن ۾ خبرون به ڏيڻيون آهن. نه رڳو ايجنسي مگر نمائندگي به ڪرڻي آهي. مون کي پاڻ تي ڀروسو نه هو ته ڪو آئون نمائندگي ڪري سگهندس، ڇو جو منهنجي تعليم ئي پنج درجا پرائمري هئي. مگر سائين جي سنگت ۾ ۽ سائين جي محنت هٿي وچي هنڌ ڪيو. صحافت جي دنيا ۾ تعلقه هالا جي صحافين جي صدارت جو عهدو 10 سال مون وٽ رهيو. انهيءَ سفر دوران شاهه ڪلچرل سوسائٽي طرفان ڪتابن ڇپائڻ جو سلسلو شروع ٿيو. پهريون ڪتاب "ڀڄي جند ڇڏاءِ" ڇپايو سون. جنهن ۾ اڌ منهنجون ۽ اڌ سائين يار محمد شاهه جون ڪهاڻيون ڇپيون. ان کان پوءِ ٻيو ڪتاب "قاتل ڪير" جي نالي سان ٽي. وي. لاءِ لکيل اسڪرپٽ وانگر ڇپيو. هيءُ ڪتاب سائين يار محمد شاهه لکيو ۽ نئين اسٽائيل سان مارڪيٽ ۾ آيو. ان کان پوءِ اداري طرفان منهنجي ڪهاڻين جا ڪتاب ڇپايا، جن ۾ "ڀاڪر جي ڀيڙ"، "سياڻي ڇا ٿيندو"، "ٻنهي کي مزو"، "واهه جوان واهه" جي نالن سان ڇپيا. اهو سلسلو اڃا جاري هو ته سائين طرفان هڪ نئون اسٽيج ڊرامو ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو. انهيءَ ڊرامي جو ڪم مڪمل ٿيڻ وارو هو ته سنڌي مهاجر جهيڙا شروع ٿي ويا. جنهن ڪري ڊرامون اسٽيج نه ٿي سگهيو، جيڪڏهن اهو ڊرامون اڄ به اسٽيج ٿئي ته ڪيترا چهرا عوام اڳيان اگهاڙا ٿي پوندا. خير اهو سلسلو اڃا هلندڙ هو ته شهر ۾ سماجي ڪمن لاءِ سائين جي طرفان "مٽياري ويلفيئر آرگنائيزيشن" نالي شهرين جي ڀلائي جا ڪم شروع ڪري

چڏيا. متياري ويلفيئر جي طرفان. ڊگري ڪاليج تعلقہ لاءِ ڪوششون ۽ سئي گئس، اسپتال، ٽائون ڪميٽي جي مالي پوزيشن بهتر بنائڻ لاءِ شهر جي ترقياتي ڪمن لاءِ ۽ ماڻهن جي ڀلائي جا ڪم شروع ٿي ويا. سخت محنت ڪان پوءِ ڪيترا ڪم ٿيا. جيڪي تاريخ جو حصو آهن.

ان ڪان سواءِ اجرڪ جي ڪاريگرن جا مسئلا حل ڪرائڻ لاءِ سائين جي طرفان ڪاريگرن جو هڪ جرگو گهرايو، جنهن ۾ هڪ نئون قانون ۽ قاعدو جوڙيو ويو ۽ سڀني کي ان جو پابند ڪيو ويو. جنهن ڪان پوءِ سڀئي ان قاعدي تي متفق ٿي ويا. جنهن ڪان پوءِ پوري سنڌ ۾ اهو قانون نافذ ڪيو ويو. جيڪو 30 سالن ڪان رائج آهي. پنهنجا مسئلا پاڻ حل ڪرڻ وارو عمل هر هنڌ هلندڙ آهي. ان ڪان پوءِ بيڙي ٻڌڻ وارن ڪاريگرن کي بہ متفق طور هڪ قانون سيڪاريو ويو، جيڪي اڄ بہ ان قاعدي مطابق پنهنجا مسئلا حل ڪن ٿا. ان ڪان علاوهہ ڪيترا مسئلا ايندا هئا، جن کي سائين فيصلا ڪري حل ڪندو هو. جنهن ڪري سوين ماڻهن کي فائدو رسيو. ڪيترن بي روزگارن کي روزگار سان لڳائڻ، ڪيترن پڙهيل چوڪرن کي نوڪريون وٺي ڏيڻ ۽ شهرين جي ڀلائي جا ڪم ڪرڻ سبب پوري شهر ۾ سائين يار محمد شاهہ جي عزت آهي. هر هنڌ متياري ويلفيئر ۽ شاهہ ڪلچرل سوسائٽي جي ڪارڪردگي جا چرچا عام ٿيڻ لڳا. ان ڪان پوءِ ڪيترا مرحلا آيا، جن جي اڳواٽي سائين کي ڪرڻي پوندي هئي، جن ۾ جلسا جلوس سياسي گڏجاڻيون، تقريرون، مطلب تہ هر شعبي ۾ سائين اڳيان اڳيان رهيو. انهيءَ سفر دوران، فني سفر بہ جاري رهيو، ريڊيو حيدرآباد تي وڃڻ. ڪراچي هوٽل ۾ ريڊيو جي فنڪارن سان روح رهاڻ ڪرڻ. فلمون ناهڻ، اسٽوريون ٻڌڻ، ٻڌائڻ جو سلسلو جاري رهيو. عبدالڪريم بلوچ، سيد صالح محمد شاهہ، مرحوم عبدالحق ابڙو، مرحوم ابو الاول، رشيد خمار روزانو ايندا هئا ۽ ميلو مچندو هو.

انهيءَ دؤر ۾ سائين لا ڪاليج مان وڪالت جو امتحان پاس ڪيو ۽ وڪالت شروع ڪري ڏني. ڪيترا ڪيس وڙهيو مگر وڪالت تي فن حاوي رهيو ۽ سائين وڪالت ڪان وڌيڪ فن کي ٽائيم ڏيڻ لڳو. "دنيا ديواني"، "ڇهڇٽو" ۽ اسٽيج پروگرامن ۾ وڌيڪ ڪم ڪرڻ لڳو.

ان سفر دوران سائين جي "محبت" شروع ٿي ويئي. محبت ۾ وچن ۽ وعدا به ٿيندا رهندا آهن. ڪجهه عرصي ۾ سائين جي مائٽن تائين به سائين جي محبت جو قصو پهچي ويو ۽ مائٽن طرفان مخالفت شروع ٿي ويئي. هڪ طرف مائٽن جو زور ته شادي ٻئي هنڌان ڪري ۽ ٻئي طرف سائين جو زور ته شادي ڪبي ته ان سان ڪبي، جنهن سان محبت ۾ وعدا ڪيا اٿم. مائٽن طرفان چيو ويو ته جي شادي پنهنجي مرضي سان ڪندو ته پوءِ گهر ۾ داخلا بند. مائٽن جي سخت رويي کان پوءِ، نيٺ غور ويچار شروع ٿي ويو. هڪ طرف مائٽ جن سڄي عمر ڪارايو پيارايو، پاليو وڏو ڪيو ۽ ٻئي طرف محبت. نيٺ گهڻي غور ويچار کان پوءِ سائين فيصلو ڪيو ته چا به ٿي پوي مگر شادي ڪبي ته ان سان جنهن سان محبت ڪئي اٿم. سائين جي سخت فيصلي کان پوءِ دير ئي ڪانه ٿي، ٽنڊي آدم ۾ سائين جي جاءِ ڪي سينگاريو ويو ۽ سائين جي شادي وڏي ڌام ڌوم سان حيدرآباد مان ڪري آياسون. هن شادي ۾ مائٽن کان سواءِ، سيني دل وارن دوستن شرڪت ڪئي، جن ۾، آئون نعيم شاهه، حسين رضا شاهه، علي انور شاهه، غلام حسين ميمڻ ۽ ٻيا دوست شامل هئا. لائون لهڻ کان پوءِ گهوٽ ۽ ڪنوار ٽنڊي آدم روانا ٿيا ۽ اسين آياسون پنهنجي گهر. ٻئي ڏينهن سائين جي والد محترم سائين مهدي شاهه مون ڪي گهرائي، سڀ حقيقت پڇي. جيڪو سچ هو سُو سائين کي ٻڌايم. سائين ڏاڍو ناراض ٿيو، مگر ٿورو ٿورو خوش به ٿيو.

سائين جي ٽنڊي آدم رهڻ ڪري هاڻي روزانو اخبارون وڪڻي ٽنڊي آدم روانگي جو سلسلو شروع ٿي ويو. ٽنڊي آدم ۾ به سائين وٽ فلم ڊائريڪٽر شاهه اسد، محمد بخش چانگ، امداد راهي، عبدالحڪيم ڪوسو، ڏاڏا سائين، مرحوم سهتو خان، مشتاق جسڪاڻي ۽ ٻيا ڪيترا دوست ايندا هئا ۽ ڪچهريون جاري رهنديون هيون. فلمن جون اسٽوريون، گيت، غزل، موسيقي ٻڌڻ ٻڌائڻ جو سلسلو هلندي، هڪ سال گذري ويو ته سائين جن کي هڪ ياڳن پري نياڻي ڄائي، مگر مائٽن جي ڪاوڙ ڪانه لٿي، ٻئي سال سائين کي الله سائين پٽڙو عطا ڪيو ته سائين پٽ کي کڻي مائٽن وٽ پهچي ويو. مائٽ ته پوءِ به مائٽ

آهن. سائين سان پرچاءُ ٿي ويو. ماءُ پيءُ پائر پينرون سڀ راضي ٿي ويا. جنهن کان پوءِ سائين فيملي وٺي، واپس مٽياري مائٽن سان گڏ رهڻ لڳو. مٽياري پهچڻ کانپوءِ وري سائين سان روزانو واربون ڪچهريون شروع ٿي ويون، روزانو شام جو 7 وڳي کان رات جو 10 تائين ڪچهري ۾ ڪهاڻيون فلم لاءِ اسٽوريون، ٽي. وي. پلي، مزاحيه پروگرام لکڻ ۽ پڙهڻ جو هلندڙ سلسلو برقرار رهيو. هن ٽن ڪلاڪن جي گڏجاڻي ۾ ڪڏهن ڪڏهن سائين عالم شاهه، غلام نبي مغل، اظهر حسين سمون، قاضي سيف الدين، اسرار احمد مغل، قاضي فضل الله، فدا حسين شاهه، علي انور شاهه ۽ ٻيا ڪيترا دوست ايندا آهن، ته سياست اخباري خبرون، ملڪي حالات تي تبصرا، حال احوال، ڏکن سکن جا داستان به هن ڪچهري جو حصو هوندا آهن، انهن ڪچهرين دوران سال به اسان لاءِ مهينا هوندا آهن. ٻن سالن جي عرصي ۾ سائين کي ٻه ڀار ٻيا به ٿيا. هڪ پٽڙو ۽ نياڻي. سائين هن وقت ڇهن ٻارن جو پيءُ آهي. 1983ع واري بلدياتي اليڪشن ۾ سائين طرفان شهر جي 12 ٽڪن تي 12 اميدوار بيهاريا ويا. پوري شهر ۾ اليڪشن جو سلسلو شروع ٿي ويو. شهر جي وڏن ماڻهن سياسي ڏڙن ۾ ڦٽ ڦوٽ پئجي وئي،، منٿ ميڙ ڳالهيون، ٻولهيون گهڻي ڪوشش جي باوجود ڪوبه فيصلو نه ٿيو، اليڪشن ۾ گهڻي ڪجهه ٿيو مگر اڄ ڏينهن تائين، سائين يار محمد شاهه کي ياد ڪندا آهن. سائين هتان جي سياستدانن سان اهڙو ته بااخلاق ۽ باهمت ٿي مقابلو ڪيو، جو اڄ به ان جا اثر موجود آهن، هتان جا اليڪشن وڙهڻ وارا ڌڙا هر ڏکئي وقت ۾ سائين سان صلاح مشورو ڪرڻ لاءِ ايندا رهندا آهن، ان کان سواءِ گورنمنٽ جي طرفان ملندڙ مراعتون استعمال ڪرڻ لاءِ، سائين يار محمد شاهه سان صلاح مشورو ڪرڻ لاءِ هليا ايندا آهن.

سائين يار محمد شاهه جو خيال آهي ته ماڻهن کي سچ سمجهائڻ لاءِ سياستدان هجڻ ضروري ناهي. ماڻهن کي سمجهائڻ لاءِ قلم جهڙي ڪا ٻي طاقت ناهي. ان ڪري سائين جو اڪثر ڪري اخبارن ۽ رسالن ۾ فيچر، ڪالم، خبرون، ٽي. وي لاءِ ڊراما لکڻ، فلم لاءِ اسٽوريون لکڻ، اسٽيج لاءِ ڊراما لکڻ، ڪهاڻين جا ڪتاب ۽ شاعري ڏانهن وڌيڪ

توجهہ رهيو آهي.

انهيءَ عرصي دوران سائين يار محمد شاهہ سائين حاجي فضل علي شاهہ جاموٽ ”ايس گل“ جي فلم سهڻا سائين ۽ اردو فلم ”وچن“ ۾ ڪم ڪيو. سائين جي اداڪاري شوق ۽ ڄاڻ کي سمجهندي سائين حاجي فضل علي شاهہ سائين کي ڊائريڪشن جي بہ استادي ڏيئي ڇڏي. سائين حاجي فضل علي شاهہ سائين جو چاچو آهي. استادي ملڻ کان پوءِ سائين پنهنجي فلم ”ڇهچٽو“ نالي جي اسٽوري، گانا لکي، پنهنجي ڊائريڪشن ۾ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي ميلي ۾ شوٽنگ شروع ڪري ڏني. هن فلم ۾ لطيف منو، فيض علي شاهہ، ۽ ٻين فنڪارن جي شوٽنگ ڪئي. تقريبن 2000 بہ هزار فوٽ فلم شوٽ ٿي، ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ شاهہ اسد جي طرفان رنگين فلم ”پرو چانڊيو“ نالي جو اعلان ڪيو ۽ سائين کي بہ پرو جي پاءَ ”علي گوهر“ جو ڪردار ڏنو.

شاهہ اسد جي رنگين فلم جي اعلان کان پوءِ سائين ڇهچٽو، جيڪا بليڪ اينڊ وائيٽ هئي، تنهن کي وڏيڪ ڌيان نہ ڏنو، پرو ۾ علي گوهر جو ڪردار ڪرڻ کان پوءِ سائين يڪدم فلم ”علي گوهر“ نالي جو اَعلان ڪيو، فلم جي ڪهاڻي، گانا لکڻ کان پوءِ، مرحوم محمود صديقي ۽ سائين گڏجي فلم جي شوٽنگ شروع ڪئي. فلم ٺهڻ تائين ڪيئي مرحلا آيا، مگر سائين يار محمد شاهہ جي شوق ۽ محنت فلم کي پايئہ تڪميل تائين پهچايو.

فلم ”علي گوهر“ هر لحاظ کان بهترين فلم نهي، هر هنڌ همت افزائي ٿي، فلم کي اڄ بہ مقابلي ۾ لاهي سگهجي ٿو. انهيءَ سفر دوران سائينءَ طرفان مختلف شهرن حيدرآباد، هالا، ڀٽ شاهہ، ۽ ٽنڊو آدم ۾ فلمي ميلا منعقد ڪرايا، فنڪارن کي گولڊ ميڊل ڏنا. اسٽيج پروگرام ڪيا، فلم ۽ ٽي. وِي. جي فنڪارن جون شوٽنگون ڪرائڻ، سنڌ جي مختلف شهرن ۾ فنڪارن سان رابطو رکڻ وارو عمل جاري رهيو. انهيءَ دوران سائين نئين فلم ”محب شيدي“ نالي جو اعلان ڪيو. انهيءَ فلم ۾ سنڌ جي ڪيترن نون فنڪارن کي موقعو ڏنو ويو ۽ گلاب چانڊيو کي بہ موقعو ڏنو، جيڪو اڄڪي ٽي. وِي.، ۾ ننڍا رول

# ستين سوکڙي

اسرار احمد مغل

ننڍپڻ ۾ هڪ راند کيڏا هئاسين، جنهنجو نالو هوندو هو ”ڦر ڦر سونٽو، ڏبلي ٿي چٽڪي.“ ان راند ۾ ڪو ٻه ٻار ڪاپڇي پوندو (آئوٽ ٿيندو) هو ته اُن وقت سونٽي ڦيرائڻ وارو ٻار پهرين ٻار جي ڪاپڇڻ تي چوندو هو ته ”پهرين ٽڪي ڪير پيري ٻئي ٻه ڏيندو ”الله“ ۽ وري ٻيو ٻار ڪاپڇندو هو ته وري چوندو هو ته ”ٻي ٽڪي ڪير پيري ٽئي ٻه ڏيندو ”الله“ . انهي وانگر آئون ٻه الله تعاليٰ ۾ وڏي اُميد رکي دعا ڪندس ”انين ٻه ڏيندو الله“ ڇاڪاڻ ته هيستائين اسان ”شاهه ڪلچرل سوسائٽي متياري“ طرفان پڙهندڙن جي هٿن ۾ وقت ٻه وقت ڇهه ڪتاب شايع ڪرائي پهچائي چڪا آهيون۽ هي ستين سوکڙي آهي، جيڪو اوهان پڙهي رهيا آهيو. پڙهندڙن کي روز روشن خبر هوندي ته ”شاهه ڪلچرل سوسائٽي“ اسان جو پراڻو ادارو آهي، جنهنجي وسيلي اسان ڪڏهن ڪتاب ڇپائي، ڪڏهن اسٽيج ڊراما ڪري سنڌ جي مسئلن کي اُپٽار ڪيو آهي، ڪڏهن اسٽيج شو، گولڊ ميڊل ورهائي فنڪارن جي همت افزائي ڪئي آهي ته اُن سان گڏ سنڌ جي مختلف شهرن جي عوام کي تفريح ٻه مهيا ڪئي آهي. شروعات ۾ اسان جي ابتدا متياري شهر ۾ کيل اسٽيج ڊرامو ”نڱيءَ جو ناهه“ سان ٿئي اُن کان پوءِ ٻيو اسٽيج ڊرامون ”ڏکايل دليون“ ڪيو ۽ عوام جي بيحد همت افزائي ڪانپوءِ اسان جي دل وڌي ۽ پوءِ ”واهه سائين واهه“ اسٽيج ڊرامون ڪيو، جنهن جي ڌوم ۽ واڪاڻ اخباري وسيلي ساري سنڌ ۾ ساراهي وئي، اتر ۽ لاڙ جي مختلف شهرن کان دعوتون ۽ ڊماندون ٿيڻ لڳيون ته اهيو سماجي، سياسي مسئلن کي بي نقاب ڪرڻ وارو ڊرامون اسان جي شهر ۾ ضرور اسٽيج تي ڏيکاريو وڃي. اُن کان پوءِ اسان وري ٻه متياري شهر جي اسٽيج تي ”شادي تعدي“ ، ”اذان ۽ آهه“ پيش ڪيا، اُن کان پوءِ ٽندي آدم جي دوستن جي اسرار تي اُتي هڪ اسٽيج ڊرامو ”اڄ ته خبر پوي“ پيش ڪيو ۽ انين ساڳئي ٽندي

آدم شهر ۾ "ڇهڇٽو شو" اسٽيج ميوزڪل پروگرام منعقد ڪيا، اُن ڪان پوءِ ساڳي شهر ۾ ٽي. وي. جي پروڊسرن ۽ اسٽيج فنڪارن جي همت افزائي طور تي "لطيف گولڊ ميڊل" ڏنا ويا، ۽ ڪجهه وقت ترسي تندي آدم ۾ شاهه اسد صاحب سان گڏجي تي ڏينهن شاندار "سنڌي فلمن جو ميلو" منعقد ڪيو. اهڙي طرح هالن جي شهر ۾ "ڇهڇٽو شو" پيش ڪيو، حيدرآباد نياز اسٽيڊيم جي گرل اسٽيج هال ۾ هڪ دفعو "ڇهڇٽو شو" پيش ڪيوسين ۽ ٻي دفعي اردو سنڌي گڏيل ميوزڪل شو "جنگل ڪي نام ايم شام" پڻ ڪاميابي سان ڪيا ويا. جيئن ته اوهان کي ياد هوندو ته "شاهه ڪلچرل سوسائٽي" طرفان ڪتابي صورت ۾ ڪهاڻين جو مجموعو "پڇي جند ڇڏاءَ" شايع ڪيو هو، جنهن جا ليکڪ هئا "يار محمد شاهه" ۽ "نواز علي سمون"، اُن ڪانپوءِ ٻيو نمبر ڪتاب ٽي وي لاءِ لکيل اسڪرپٽ طرز تي لکيل ڊرامو "قاتل ڪير؟" يار محمد شاهه جو لکيل هو، ٽيون نمبر سلسلي جو ڪتاب ڪهاڻين جو مجموعو "پاڪر جي پيڙ" جيڪو نواز علي سمي جي چرڪائيندڙ لکت هئي، چوٿون نمبر ڪتاب به ڪهاڻين جو مجموعو هو "سياڻي ڇا ٿيندو؟" اهو به نواز علي سمون جي بيباڪ قلم جي ڪاوش هئي. پنجون نمبر ڪتاب ڪهاڻين جو مجموعو "ٻنهي کي مزو" جيڪو پڻ نواز علي سمي جي بيباڪ لکت جو اهڃاڻ هو. ڇهون نمبر ڪتاب پڻ ڪهاڻين جو مجموعو هو "واهه جوان واهه" نواز علي جي نشتر قلم جو ڪمال هو. جيڪو ڪتاب جون 1991ع ۾ 10 ذوالحج تي عيد جي مبارڪ ڏينهن پڙهندڙن جي مبارڪ هٿن ۾ پهچايوسين. 10 سال اڳ شايع ڪيل ڪتاب "واهه جوان واهه" ۾ پڙهندڙن سان ٻه ٽي ٻول" واري صفحي ۾ مون توهان پڙهندڙن سان وعدو ڪيو هو ته "توهان پنهنجي خيالن ۽ راين کان واقف ڪندا ته اوهان جي ڪار آمد تبصرن جي رهنمائي جي روشني ۾ اسان توهانکي بهتر لکت پيش ڪنداسين. مگر حالتن جي، مجبورين ڪري 10 سالن کان پوءِ "دير آيد مگر درست آيد" وانگر توهان سان هن لکت وسيلي ملاقات ڪري رهيا آهيون. هن دفعي اخباري ڪالمن واري دلچسپ مسئلن جي اُپٽار پريل پيغامن پري پيشڪش سائين حاجن (يار محمد شاهه کي سندس خاندان

۾ حاجن جي ڪوڏاٽي ناليِ سان سڏيو ويندو آهي) جي پُر معنيٰ خيز ۽ قومي ويچارن جي لڪت "گلڻ جا گفتا" جي نالي سان سنڌي قومي مسئلن ۽ ويچارن ڪي ڪتابي صورت ۾ آڻي توهان پيارن پڙهندڙن جي اڳيان "انصاف نظر"لاءِ رکيو اٿئون.

يار محمد شاھ سنڌ جي عوام جي دلين ۾ ايرندڙ اُڌمن، منجهيل مسئلن ۽ ناانصافين کي گلڻ جي واتان پيش ڪري ٿو، جيڪو ڪردار سڌو ساڌو، احساس دل، وات ڦاٽو ۽ بيباڪ شخص جو سنبل آهي، اُن جي وسيلي اڄ ڪلھ جي دور ۾ ملڪ، صوبي ۽ عوام جي نازڪ منجهيل مسئلن کي عوامي لهجي ۾ سنئي انداز ۽ ڪجھ مزاحيہ طرز سان اهڙو تہ پيش ٿو ڪري جو پڙهندڙ ائين ٿو سمجهي تہ اها ڳالھ اسان جي دل وٺان ڪري رهيو آهي.

آخر ۾ آئون امام عالي مقام علي ڪرم الله وجھ جي هن قول سان اجازت وٺندس.....

"قصا، پهاڪا ۽ مثال عقلمندن ۽ عبرت حاصل ڪرڻ وارن لاءِ بيان ڪيا وڃن ٿا، نادانن کي اُن مان ڪوبہ فائدو حاصل نٿو ٿئي."

# GOD GIFTED ماٿھون

## اظھر حسين سمون

اظھر سمون منھنجي واقفيت ۾، سندس چوڻ مطابق ڏيڍ سال کان آهي.پر سندس خاندان سان منھنجي ڏاڏي پڙ ڏاڏي کان رشتيداري آهي.سندس چاچو مرحوم " سائين احمد سونارو" ڏاڍو اعليٰ انسان هو،۽ اسڪول ۾ منھنجو خاص استاد پڻ، جيڪو هر گھڙي اڄ به مون سان گڏ آهي ۽ مان سندس رهنمائي محسوس ڪندو رهان ٿو. خدا کيس جنت نصيب ڪري.اظھر سندس ڀائٽيو آهي. جنھن جي موسيقار هئڻ بابت نوازسمون، ماما لالو، ادا امير علي شاهه ۽ منھنجا پٽ مونکي ٻڌائيندا ۽ ساڻس ملاقات ڪرڻ لاءِ اتساهيندا رهندا هئا. آخر ڏيڍ سال اڳ ملاقات ٿي. هڪ ئي وقت هو ڪيترن ئي شعبن سان لاڳاپيل آهي: حافظ قرآن، سند يافته عالم، حڪيم" شاعر، ڪلاسيڪل راڳ جو ماهر، موسيقار ۽ جنن ڪڍڻ وارو. ۽ انسپيڪٽر اينٽي ڪرپشن پوليس ۽ ريپ ڪراچي سان سلهاڙيل.سنو دوست، سنو ڀيءُ، سنو ڀاءُ، سنو شهري. هن وقت هو پنھنجو گھڻو ٽئو وقت جنن ڪڍڻ واري ڪم ۾ ڪتب آڻي رهيو آهي. ۽ غريب مريضن تي في سبيل‌الله توجهه ڏئي رهيو آهي، ۽ سون ماڻھن کي شفا ڏئي رهيو آهي.

پر مان ان ڏينھن کيس پنھنجو حصو سمجھندس، جنھن ڏينھن هو بحيثيت موسيقار ۽ شاعر جي منھنجي اداري سان ائين لاڳاپجندو جيئن هو جنن واري ڪم سان لاڳاپيل آهي. هن ڪتاب ۾ سندس شرڪت مون لاءِ تمام رشتن ۾ سندس سچائي ۽ ساٿ سبب آهي. پر هن لاءِ آئون صرف اهو چوندس ته عشق جي منزل اجان به اڳتي، اجان به اڳتي اجان به اڳتي.

*سيد يارمحمد شاهه*

زنده قومن جي عناصر ترڪيبي ۾ فن ۽ فنڪار کي بنيادي حيثيت حاصل آهي. جيڪا قوم جيتري قدر مھذب هوندي، ان قوم جو فن ۽ فنڪار اوترا اعليٰ درجي جا هوندا. جيئن ڪائنات جي هر شي زندگي جو هر واقعو فنڪار تي اثرانداز ٿئي ٿو، بلڪل ائين فنڪار ڪائنات جي هر شي ۽ زندگي تي اثر انداز ٿئي ٿو ۽ اهي اثرات ۽ احساسات

ڪڏهن تحرير جي صورت ۾ ڪڏهن اداڪاري ۽ صداڪاري جي صورت ۾ تہ ڪڏهن شاعري، موسيقي ۽ مصوري جو روپ وٺي ظاهر ٿيندا آهن. جنهنڪي اسان ڪلا چئون ٿا. يا ٻين لفظن ۾ اُن کي فنونِ لطيفہ چئجي ٿو. فنون لطيفہ دراصل روح کي تسڪين پهچائيندڙ هر قسم جي فن جي مجموعي جو نالو آهي. فنون لطيفہ جو هر هڪ فن ايترو تہ وسيع، محيط ۽ مشڪل هوندو آهي، جو هڪ ماڻهو پنهنجي پوري زندگيءَ جي محنت ۽ رياضت کان پوءِ ڪنهن بہ هڪ فن ۾ مهارت حاصل ڪري وجي تہ اها هنجي وڏي ڪاميابي ليکبي. پر جيڪڏهن هڪ ماڻهو فنونِ لطيفہ کي ڪيترن قسمن جي فنن مٿان هڪ وقت ۾ هڪ جيتري مهارَت رکندو هجي تہ منهنج خيال ۾ اُن ۾ ان ماڻهو جي محنتِ جو گهٽ ۽ الله تعاليٰ جي مهرباني جو دخل وڌيڪ هجي ٿو. ٻين لفظن ۾ اهو ماڻهو "God gifted" هجي ٿو. اهڙن قسمن جي هستين منجهانِ هن وقت منهنجي نظر ۾ سرفهرست سيد يار محمد شاهہ صاحب جن آهن، جيڪي هڪ وقت ۾ هڪ ڪامياب اداڪار، صداڪار، شاعر، اديب، صحافي، موسيقار، ڊراما ڊائريڪٽر، فلم ڊائريڪٽر ۽ هڪ بهترين مقرر پڻ آهن ٿي سگهي ٿو تہ اجا بہ هڪ بہ اهڙا شعبا لڪڻ کان رهجي ويا هجن يا وري منهنجي نظر کان اجا پوشيدهہ هجن. اِهي سڀ فن جيڪي فنونِ لطيفہ جون شاخون آهن ۽ ڪَلا جي دائري ۾ اچن ٿا، انهن سڀني ۾ سائين يار محمد شاهہ مهارت بلڪ اعليٰ درجي جي مهارت رکن ٿا، توهان سوچيندا هوندا تہ اهڙي وڏي ڳالهہ آئون ڪهڙي بنياد تي ڪري ويو آهيان تہ اُن سلسلي ۾ آئون گذارش ڪندو هلان تہ يار محمد شاهہ سان ذاتي طور منهنجي دوستي جي عمر اجا ايتري وڏي نہ ٿي آهي. صرف ڏيڍ سال پهرين جي ڳالهہ آهي تہ محترم نواز علي سمون صاحب جيڪو منهنجو ۽ سائين يار محمد شاهہ جو مشترڪ دوست آهي، ان هڪ ڏينهن سائين يار محمد شاهہ سان ملاقات ڪرائي، ان کان اڳ آئون سائين يار محمد شاهہ جن کي هڪ هڪ ڳوناٺي سيد ۽ ٽي وي آرٽسٽ جي حيثيت ۾ سڃاڻندو هوس، ان ملاقات جو هڪ سبب اهو هو تہ آئون بہ ذاتي طور تي فنونِ لطيفہ جي هڪ اڌ فن سان وابستہ آهيان ۽ ٻيو تہ آئون ۽ يار

محمد شاهہ سائين هڪ ئي شهر (متياري) جا رهاڪو آهيون. جڏهن اسان جي ملاقات ٿي ۽ حال احوال ڏنا سون ورتا سون تہ خبر پئي تہ يار محمد شاهہ سائين جي گهر سان اسان جي گهر جي ڪافي پراڻي ڪير شراڪت آهي، جيڪا مون کي خبر نہ هئي، اُها سون ٿي سهاڳو ثابت ٿي ۽ جڏهن ڏانءُ ۽ ذات جي موضوع تي سائين جا خيالات، مشاهدات ۽ تجربات ٻڌم تہ يقين ڪريو جيڪو تصور سائين يار محمد شاهہ جو سائڻ ملڻ مهل ڪٿي ويو هئس اُن ڪان مون کي ڪيترو اونچو ڏسڻ ۾ آيا ۽ آهستي آهستي جڏهن وڌيڪ ملاقاتون ٿيون ۽ سندن ڪَلا جي متعلق معلومات حاصل ٿي تہ ائين محسوس ٿيم تہ جڻ يار محمد شاهہ ڪَلا جي هڪ گهري ۽ اونهي کاڻ هجي ۽ ڪاڻ بہ اها جو هر دفعي کوٽڻ سان نت نوان خزانا پنهنجي اندران ٻاهر ڪيندي هجي. بطور صحافي ۽ اديب سندن لکڻيون نظر مان گذرنديون آهن تہ جڻ محسوس ٿيندو آهي تہ پاڻ جاوائي لکڻ لاءِ آهن وري جڏهن ڪين فلم يا ٽي. وي. اسڪرين تي ڏسجي ٿو تہ ائين لڳندو آهي تہ هينئر جيڪڏهن يار محمد شاهہ اسڪرين تان هليو وڃي تہ جڻ سڄو منظر نامو پڪايڪ ڦڪو ۽ بي رنگ ٿي پوندو. سندن شاعري ۽ موسيقي بابت قارئين کي شايد ايتري خبر نہ هجي، ڇو تہ اهي سندن جوهر اڃا منظر عام تي نہ اچي سگهيا آهن، شايد ان ۾ بہ ڪا مصلحت آهي.

پر حقيقت ۾ يار محمد شاهہ سائين جيترا وڏا ليکڪ اداڪار ۽ ڊائريڪٽر آهن، اوترو ئي مهارت ڪين شاعري ۽ موسيقي ۾ حاصل آهي، دوستي جي اِن انتهائي مختصر عرصي ۾ جيڪي ڪجهہ مون ڏٺو ۽ پرکيو آهي، اُن ۾ پاڻ مون کي ڪَلا جي عظمتن ۽ بلندين تي نظر آيا آهن. جو اهوئي سبب آهي، جو هن وقت هڪ ڪامياب ڊائريڪٽر ۽ فلم ساز جي حيثيت سان دنيا آڏو پاڻ مڃرائي چڪا آهن ۽ پاڪستان فلم پروڊيوسرس ايسوسيئيشن جا مرڪزي چيئرمين آهن، سندن انتخاب بطور چيئرمين هن کان هڪ دفعو اڳ بہ ٿي چڪو آهي. سچ پڇو تہ مون ذاتي فني لحاظ کان ڪافي ڪجهہ يار محمد شاهہ سائين کان سکيو ۽ حاصل ڪيو آهي. باوجود اُن جي تہ منهنجي ۽ سائين يار محمد جي عمر ۾ ڪافي تفاوت آهي، اسان جي دوستي عزت ۽ احترام

جو رشتو تيزي سان پنهنجون ارتقائي منزلون طئي ڪندي روان ۽ دوان آهي. ذاتي طور تي يار محمد شاهه جن اسان جي علائقي جي هر دلعزيز شخصيت آهن. سياسي ميدان ۾ ڪافي ڪم ڪيل اٿن ۽ حيرت جي ڳالهه آهي ته ڪنهن به پارٽي سان ڪڏهن به وابسته نه رهيا آهن. پاڻ دوستن جا دوست، خوش اخلاق ۽ همدرد قسم جا انسان آهن. سندن ذاتي دوستن ۾ مون کان علاوهه سيد عالم شاهه، غلام نبي مغل، اسرار مغل، نواز علي سمون، سيف الدين قاضي، فضل الله قاضي شامل آهن. جن سان سندن اوطاق واري ڇت تي يا وري سياري ۾ اندر ڪمري ۾ ڪافي رهاڻيون ٿينديون آهن.

فني سفر جي لحاظ کان ادب ۽ صحافت ۾ سندن ڪاوشن جي فهرست ڏگهي آهي، زير نظر ڪتاب " گلڻ جا گفتا" به ان سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي، هو نئن ته سندن ذريعو معاش زمينداري آهي، پر سندن ڪلا جي باري ۾ ڪين ايترو سنجيدو ڏسي اکثر اسان ويجهن دوستن کي به اهو گمان ٿيندو آهي ته سندن ذريعو معاش ڪو شايد هن فن تي ئي آهي، جو اکثر ڏٺو ويو آهي ته جڏهن ڪنهن تخليقي ڪم جي موڊ ۾ هوندا آهن ته اُن ڪم کي پنهنجو ٽارگيٽ بنائي ڇڏيندا آهن ۽ دنيا جهان کان ڇڻ ته بيخبر ٿي پنهنجي ڪم کي پايئه تڪميل تائين پهچائڻ جا جتن ڪندا آهن، ڇو ته پاڻ سمجهن ٿا ته ڪلا دراصل فرد ۽ زندگيءَ تي هڪ شاهد جي حيثيت رکي ٿي ۽ ڪلاڪار ڪلا جو سهارو وٺي ماحول جي بي اعتدالين ۽ ناهموارين تي احتساب جي نظر وجهي ٿو.

تخليق ڪار لاءِ لازم آهي ته نه صرف ماحول تي گهري نظر رکندو هجي، پر اُن کان هڪ قدم اڳتي پنهنجي تخليق کي ميدان ۾ لاهڻ جي طريقي کان به چڱي ريت واقف هجي، اهي سڀ ڳالهيون سائين يار محمد شاهه ۾ چڱي طرح نظر اچن ٿيون ۽ اهڙي ئي قسم جا ماڻهون ڪامياب ۽ تاريخ جو حصو بڻجندا رهيا آهن، ڇو ته هو پنهنجي ذات ۾ اڪيلا نه هوندا آهن، پر پنهنجي اندر هڪ قسم جو ادارو هوندا آهن ۽ اها ڳالهه ته اسان سڀ سمجهون ٿا ته تاريخ جي سرچ لائيٽ تمام تيز ۽ بي رحم آهي ۽ ان جي شعاعن جي روشني ۾ هر شخص ۽ اداري جا صحيح خدوخال سامهو اچي ويندا آهن ۽ انهن خدوخال جي لطافت ۽ ڪثافت جي ذميداري ڪلاڪار جي ڪلا تي هوندي آهي. ڇو ته ڪلا ئي سندن ذاتي، صفائي ظاهري ۽ باطني ڪردار جو عڪس هوندي آهي، بهرحال سيني صورتن ۾ آئون يار محمد شاهه سائين کي هڪ ڪامياب انسان تصور ڪريان ٿو، ان کان اڳتي يار محمد شاهه ڇا آهي، اهو الله تعاليٰ کي يا وري سائين يار محمد شاهه کي خبر هوندي.

# ٿورا ئُتو آهيان هنن استادن جو

### سيد يار محمد شاهہ

الله سائين هر انسان کي ٻئي انسان لاءِ استاد بڻايو آهي. آئون ٻوونجاهہ سالن جي زندگيءَ ۾ جيڪي ڪجهہ بڻيو آهيان، اهوالله سائينءَ مونکي انهن استادن هٿان بڻايو آهي. جن جي هٿن ۾ مان مرڻ تائين هوندس. امان ٿڃ کان مئٽرڪ تائين جيڪي سور مون لاءِ سٺا، اسڪول ۾ جن استادن مونکي گهڙيو، دوستن مونکي دنيا ۾ جيئڻ جا سڀ رنگ سيکاريا، منهنجا فنڪار ساٿي جن مونکي فن سيکاريو، منهنجا هاري جن مونکي زمينداري ڪرڻ سيکاري، منهنجي برادريءَ جا سرنديءَ وارا جن مونکي پنهنجن ڪلهن تائين رسڻ جو گس ڏيکاريو، منهنجا سياسي ساٿي جن مونکي يونيورسٽي جي سياست، شهر ۽ سنڌ جي سياست سيکاري، اهي دانشور ۽ صحافي جن مونکي ڪالمسٽ، رپورٽر، افسانہ نگار ۽ ڊرامہ نگار بڻجڻ واري گس ۾ راهنمائي ڪئي۽ گهٽو ڪجهہ سيکاريو، فلم انڊسٽري جي چيئرمن شپ تائين ٻہ دفعا ڪاميابيءَ سان پهچائڻ وارو فلم ساز ۽ صنعتڪار، ٽيوي ايوارڊ ڏيارڻ وارا رائيٽر، پروڊيوسر، پسند ڪرڻ وارا ڏيهي ۽ پر ڏيهي پرستار، ان منزل تي پهچائڻ وارن ڪن دوستن ۽ دوستيءَ جي چادر اوڍي دشمنيءَ جا ڪرتب ڏيکاريندڙن، ( الله جي حڪم سان گهڙي، اڳتي وڌائي هن منزل تي پهچايو) انهن سڀني جا نالا ياد نہ رکڻ جو گناهہ بہ مون ٻين اڻڳڻين گناهن وانگر ڪيو آهي. پر اڄ هن وقت جيڪي ياد اچن ٿا.انهن مان ڪن ٻالڪ پڻ کان هن وقت ۽ هن وهيءَ تائين سات نڀايو ۽ پنهنجو ٻاجهرو هٿ ڪنهن گهاٽي چانوري وانگرمٿان رکيو آهي، ڪن 54 سال مونتي محنت ڪئي، ڪن 30 سال، ڪن ٿي مهينا، ڪن ٿي ڏينهن، ڪن ٿي منٽ ۽ ڪن تہ سيڪنڊ پر هر ڪنهن پنهنجي وت ۽ وقت آهر مون کي زندگيءَ جا پنا پڙهايا......

بحر حال جيڪي سار جي ڦرهيءَ تي اچا جاڳن ٿا تن جا عڪس حاضر هي آهن: ( جن کي ارهائي ٿئي انهن کان اڳوات معافيءَ جو طلبگار آهيان) امان جيجي مرحيات، وڏي ڀيڻ آپا، بابا سائين حاجي غلام مهدي شاهه، ڀاءُ تندو نور مصطفيٰ شاهه ( صاحب شريعت) ٽيون نمبر ڀاءُ ڊاڪٽر غلام شبير شاهه عرف ڊاڪٽر نديم شاهه، چاچو مرحوم حاجي پريل شاهه، ڏاڏي (بابا جي پڦي) ڪمدار مصري ميمڻ، سارنگ ٿهيم، علي بخش ٿهيم، شبير ٿهيم، علي گل ماڇي، قربان ابڙو، گل پتي ۽ ماما لالو سڀي زندگي اسانجي سڄي نسل کي 40سالن کان پاليندا اچن. ماما لالو مونکي الله سائين 12 سالن جي عمر کان بنا لوڀ ۽ لالچ، صرف وفا ڪرڻ ۽ خدمت ڪرڻ لاءِ ڏني ڇڏيو آهي. جڏهن ته گل پتي ڊاڪٽر نديم کي ڪڇ تي نپائڻ کان پوءِ، اسان ٽنهي ڀائرن جي گهرن، ٻارن، زمين ۽ بنگلي کي سنڀاليندو اچي. سڀ پئسا تندن ٻارن تي خرچ ڪرڻ، اڄ به هو خاندان جا اٽڪل پندرهن ٻار نپائي رهيو آهي. منهنجي گهر واري جنهن صبر ۽ ساٿ آهي جو مان اڄ فن، زمين ۽ زماني کي چڱيءَ پر منهن ڏئي رهيو آهيان. سڀ جوابداريون لاهي چڪي آهي، هڪ ڌيءُ ۽ ٻن پٽن: غلام مصطفيٰ شاهه ۽ عمار ياسر جي شاديءَ جا فرض به لاهي چڪي آهي ۽ هاڻي اسان هني مون تي وڃڻ جي تياري ڪري رهيا آهيون. جنهن ۾ اسان سان گڏ اسان جي نياڻي رفعين جنهن جي جمڻ سان اسان جي خاندان جو انقلابي ترقيءَ جو دور شروع ٿيو. نياڻين ۽ ڀائرن جا فرض لٿا، سرنديءَ وارا جيڪي اڄ به ٻين کي غلام ۽ پرجا سمجهن ٿا تن جي ڪلهن برابر ٿي پيا آهيون. منهنجا ڀيٽيوا جيڪي منهنجون سگهاريون ٻانهون ۽ اصل سگهه آهن، جن تي مونکي ناز آهي. سيد علي اڪبر شاهه، حاجي نديم شاهه، مراد شاهه، ميرمحمد شاهه ۽ منهنجو نياٽوشاهه محمد شاهه جنهن مان پڻ مونکي وڏيون اميدون آهن. اميد ته منهنجن ٻن پٽن سان گڏجي منهنجو اهوٽيون پٽ خانداني غلاميءَ جون زنجيرن کي ٽوڙي انساني عظمت جا هار ڳچيءَ ۾ پائيندو. مونکي خداوند عالم اهو نظريو عطا ڪيو آهي ته رنگ نسل مذهب کان آجو انسان انسانيت جو ڳاٽ اوچو ڪرڻ ۽ محبت جا سوجهرا پکيڙڻ لاءِ پيدا ڪيو آهي. انسان کيالله

سائينءَ وٽان ان عمل جي وڏي قيمت ملي چڪي آهي: الله سائينءَ سچي تخليق ۽ مخلوق ڪان انسان کي سجدو ڪرايو آهي.

سائين عالم شاهه ۽ نواز علي سمون زندگيءَ جا 30 سال مونتي محنت ڪئي پوءِ به اڄ مان سندن ٻاجهه جو طلب گار آهيان. اداڪار، سماجي ڪارڪن، زميندار، مائٽ ۽ دوست بڻائڻ ۾ نواز علي سمون منهنجي زندگيءَ ۾ مون لاءِ "جيڪ" جي حيثيت رکي ٿو، جنهن کي مونکان ڌار ڪبو ته، جي پوءِ مون وٽ اسپيئر ٽائر هوندو ته بيهي سگهندس، نه ته پٽ تي ڪري پيري پوندس. سائين عالم شاهه منهنجو ابو به آهي ته دوست، ياءُ ۽ منهنجو محسن به، سندس سڄو خاندان منهنجا عضوا ۽ استاد آهن. زندگي مشاهدن ۽ لاڳاپن سان ايتري ته ڳتيل آهي، جو هر ان انسان بابت جيڪو استاد جي حيثت ۾ منهنجي زندگيءَ جو حصو رهيا آهن، تن بابت ڪيئي ڪتاب به ناڪافي ٿيندا. ڊيگهه ڪان معافي گهرندي هت مان انهن استادن جا نالا ڳڻائيان ٿو جن منهنجي هن بوٽي کي سمجهه پريون اکيون ڏنيون ۽ اٿانگا گس اکرڻ جو ڏاوءُ ۽ حوصلو ڏنوءِ منهنجي مهانڊي کي نوان نڪور رنگ ڏنا. ڪن سالن ۾، ڪن ڏينهن ۾، ڪن لمحن ۾، منٽن ۾، سيڪنڊن ۾.

سائين جي.اي. سيد، علڻ خان ٽيپو، سائين امداد شاهه، مرحوم چاچا نهال شاهه جنهن ڊئريڪٽر نظير غلام مصطفيٰ مرحوم کان پهرين نوڪري ڏياري. حاجي امجد علي شاهه، سردار چاموٽ، ذوالفقار علي شاهه، سندس پيءُ منهنجو آئيڊل هو، مرحوم محمد علي شاهه ان ڪري مون چاموٽ ذوالفقار علي شاهه جيڪو اسان جو پڳدار آهي ۽ سچي خاندان جو اهو چاموٽ آهي ۽ ٻيا اسين سڀ متياري جا موسيٰ سادات آهيون، اخبارن سيني کي هميشه چاموٽ چاموٽ لکيو. ان ڪري اڄڪلهه ضلعي حيدرآباد ۾ سيدن ۾ چاموٽ سڏائڻ جو فيشن آهي. مخدوم طالب المولا، مخدوم رفيق الزمان، مخدوم خليق الزمان، مخدوم مرحوم شفيق الزمان، پير صاحب پاڳارو، چاچا شاهنوار جوڻيجو، مخدوم اعجاز مرحوم، پير مظهر الحق جهنڊي وارو، رسول بخش پليجو، طارق اشرف، غلام نبي مغل، اڪبر پنگوار ايس. ايس. پي. ذوالفقار علي شاهه ايس. ايس. پي.،

محمود صديقي، منظور مراد، صلاح الدين تنيو، منظور قريشي، محمد بخش سميجو، بيدل مسرور، قربان چنه، سميع بلوچ، اقبال انصاري، اقبال سعيد انصاري، اقبال لطيف، فيض ٻگهيو، ذوالفقار نقوي، هارون رند، علي بابا، رحمان ميمڻ، ابو بلاول مرحوم، (ٿيج شريڪ ياءُ هو)، نادر بلوچ، چاچا عطاءُ الله انصاري، جي. اين. مغل، محصن ۽ اصلاح ڪندڙ آگر ڪان وني هن منزل تائين پهچڻ ۾ وڏي استاد جي حيثيت رکي ٿو.) سندس سوٽ اسرار مغل اسڪول ڪان اڄ تائين محسن دوست ۽ استاد جي حيثيت رکي ٿو. محمد نعيم شاهه اسڪول ڪان يونيورسٽي تائين پهچائڻ شادي ڪرائڻ تائين زندگيٰ جي قيمتي لمحن جو ساٿي ۽ استاد رهيو. فيروز الدين ۽ سائين حسيني شهاب الدين شاهه وڏي ڀاءُ جي حيثيت ۾ نڀايو آهي.

قاضي سيف الدين، قاضي مشتاق، قاضي آفتاب، غلام حسين ميمڻ ڀرپور ساٿ ڏنو. زاهد معصومي ۽ مشتاق جسڪاڻي سان زندگيءَ جا خوبصورت ۽ قيمتي لمحا گذاريم سموريون تخليقون به اهي ۽ ٽيون نواز علي سمون گڏجي گهڙيندا پاس ڪندا لکندا ۽ ناهڻ ۾ ساٿ ڏيندا هئا. ٽنڊو آدم مان محمد بخش چانگ جي سموري ٽيم خصوصن امداد راهي، گلفام، فيض علي شاهه، ۽ مرحوم سهتو خان ورياهه ۽ مرحوم عبدالله خان ورياهه ٽنڊو آدم ۾ وڏيرڪي ۽ ادبي سنگت جي سڪيا ڏني.

عبدالحڪيم ڪوسو جيڪو منهنجو آئيڊيل شخص ڪامياب اداڪار ۽ وڪيل زميندار ۽ وزير اعليٰ جي صلاحڪار ۽ ڪامياب سنڌي سماجي ورڪر ۽ هڏ ڏوڪي سنڌي، هر پروجيڪٽ ۾ ساٿ ڏيندڙ. فيض علي شاهه بهترين فنڪار ساٿي، دين محمد شيخ، شاهه اسد جنهن منهنجو ساٿ فلمي سفر ۾ ڀرپور دوست پوءِ مددگار ۽ پوءِ هدايتڪار جي حيثيت ۾ ڏنو. رشيد خمار اداڪار هر پروڊڪشن جي اهم ضرورت، اداڪار يوسف خان جنهن لاهور ۾ منهنجا پير پختا ڪيا ۽ مرشد مرشد چئي مان ڏنو. ميان خالد فيروز جنهن لاهور ۾ وي آءِ پي شخصيت بنائڻ ۾ پنهنجي ڀرپور پيار ساٿ سان نڀايو. سائين پير

معظم جيڪو هر گهڙي هڪ محسن دوست ۽ فنڪار جي حيثيت ۾ اڄ به گڏ آهي. مرحوم ممتاز مرزا، جيڪو منهنجي دل سان عزت ۽ همٿ افزائي ڪندو هو. مرحوم ڪامريڊ هدايت الله جيڪو اڄ به مون لاءِ دعاڳو آهي، سندس وفا تي مون کي ناز آهي. شفيق حيدر موسوي 30 سالن کان ياري نڀائيندو اچي، ۽ پير سائين مظهر الحق جهنڊي وارو سندس پيارو فرزند سائين پير امداد شاهه راشدي ۽ منهنجو جگري دوست پير معظم ڀائرن سميت مونکي پنهنجي اولاد ۽ ڀاءُ وانگر ڀائيندو آهي، اڄ ڪلهه جيڪي سبق سيکارين ۽ سات ڏيندا پياچن، انهن ۾ انعام عباسي جنهن آگر وني وري ڪتابي دنيا ۾ آندو آهي، نئون نياپو جو چيف ايڊيٽر ۽ هيءُ ڪتاب ڇپڻ ۽ ٻين ڪتابن ڇپڻ لاءِ همٿايو آهي. ساڳي وقت منهنجي پٽن جي استاد سائين محمد جنهن کي الله تمام گهڻيون صلاحيتون ڏنيون آهن. منهنجي پٽن سان گڏ مون کي ۽ منهنجي حساب ڪتاب کي هڪ گهر جي سربراه جي حيثيت ۾ سنڀاليندو اچي خدا ڪيس سلامت رکي. آخر ۾ مرشدائي گادي سخي هاشم شاهه جو سائين پير نور شاهه وڏو پيار ڏيندڙ آهي. ۽ اهي سڀ جيڪي اڄ استاد ۽ خدمت گذار آهن، سلامت هجن.

سيد يار محمد شاهہ

## جا ايندڙ ڪتاب

1 - چاچا شاهہ نواز جا فيصلا

2 -ساروٽيون سوَ ساهہ ۾
(آتم ڪهاڻي)

3 -سنڌ جي ثقافت ۽ زراعت جو زوال

4 -مولا جو مئخانو
(سفر نامو)

5 - سنڌي اسٽيج ڊراما

لاهور: لا - هور
لاهور جا ڏينهن ۽ راتيون

6 -ٽي وي او ٽي وي
ڪراچي ٽي وي جي
انسائيڊ اسٽوري

# نئون نياپو اڪيڊمي جا پنج نوان ڪتاب

## منهنجي زندگيءَ ۾ آيل:

” عورتون ۽ مرد“

خشونت سنگهه ترجمو: رفيه ملاح

قيمت: =/70رپيا

## هن پارمان هن پار تون

ڪهاڻيون، شاعري، مضمون، تقرير ۽ آتم ڪهاڻي

ڪرشن ڪتوائي قيمت: 50 رپيا

## سنڌ ارغون دور ۾:

۽ ارغون حڪمران ۽ هزارين سنڌين جو رت

اڪرام ساگر عباسي قيمت: 50 رپيا

## شاهه عبداللطيف ڀٽائي:

## فن، فڪر ۽ شخصيت

## جديد مطالعو

ادا قاضي قيمت: 30 رپيا

1913ع جو نوبل انعام يافته ڪتاب

## گيتانجلي: رابندر ناٿ ٽئگور

سنڌيڪار: ڊاڪٽر گل قيمت: 50 رپيا

## نئون نياپو اڪيڊمي جا جلد ايندڙ ڪتاب

### نيربون اکيون سرمئي خواب
ناول
پرويز ابڙو

### ميٽا مورفسس
ناوليٽ
فرانز ڪافڪا
سنڌيڪار: ڊاڪٽر گل

### درد جي تلاش
ڪهاڻيون
موهن ڪلپنا

### سمنڊ اڪيلو آهي
شاعري
امر اقبال

### نظارو نور جو
نعتيه شاعري
نذير جوڻيجو

## نئون نئپايو جا مارڪيٽ ۾ موجود ڪتاب

**ورثو: تهذيب جي بڻ بنياد جي ڳولا**
مائيڪل ووڊ ترجمو: اسلم خواجا
قيمت: 200 رپيا صفحا: 272

**اتهاس جا آواز: شاهڪار انٽرويو: خط، تقريرون ۽ ڪهاڻيون**
سنڌيڪار ۽ سهيڙيندڙ: انعام شيخ قيمت: 150 رپيا

**تاريخ جي ڪٽهڙي ۾**
سنڌ جي غدارن جي ڪارن ڪرتن جو اڇو چٽو
اڪرام ساگر عباسي قيمت: 40 رپيا

**آخر فتح عوام جي ٿيندي**
مير مرتضيٰ ڀٽو سهيڙيندڙ: انعام عباسي قيمت: 60 رپيا

**سنڌوءَ جي سفر ڪهاڻي : لداخ کان ٺٽي بندر تائين**
رضا علي عابدي ترجمو: گل حسن ڪلمتي قيمت: 200 رپيا

**هڪ ڇوڪري هئي: 20 بهترين ڪهاڻيون، ناوليٽ ۽ ناول**
ڪرشن کٽواڻي قيمت: 100 رپيا

**دردِ هڪ پيار جو: ساهتيه اڪيڊمي ايوارڊ يافته مليالم ناول**
تڪشي شِوشنڪر پلئي ترجمو: سندري اتم چنداڻي قيمت: 100 رپيا

**وارڊ نمبر ڇهون: ڪهاڻيون**
انتون چيخون ترجمو: اسلم خواجا قيمت: 100 رپيا

**صديءَ جو سفر: ڪهاڻيون**
طارق قريشي قيمت: 45 رپيا

**سچ لهڻ کان پوءِ ..... ڪهاڻيون**
منظور ڪوهيار قيمت: 50 رپيا

**سخت ڇپري وارو ماڻهو: ڪهاڻيون**
ايشور چندر
قيمت: 30 رپيا

### سنڌي ڪتاب پاڻ پڙهو ۽ پنهنجن پيارن کي پڙهايو



## علي قاضي

ايڊيٽر: " ڪاوش" حيدرآباد

مان سمجهان ٿو ته هن مهل جيڪڏهن سنڌ جي ماڻهن جي مسئلن جو ڪاٿو لڳائبو ته اهي مسئلا ٽِري ڳهري وڃي، انهن ٽن ڪاتن تي بيهندا، يعنيٰ پوليس، آبپاشي ۽ روينيو ڪاتو ۽ جڏهن يار محمد شاهه گهڻي ڪان گهڻو انهن ڪاتن تي لکي ٿو ته ان جو مقصد اهوئي سمجهڻ گهرجي ته هو عوام جي بنيادي مسئلن تي فوڪس ڪري رهيو آهي. ڳالهه ٻيا لکندڙ به اها ئي ڪن ٿا، جيڪا ڳالهه يار محمد شاهه ڪري ٿو، پر فرق رڳو ايترو آهي ته ٻيا لکندڙ ڳالهه کي گهٽا ور وڪڙ ڏئي، پنهنجي ڳالهه کي دانشوراڻو "تڙڪو" ڏئي ماڻهن تائين پهچائن ٿا، پر هي ڪا دانشوري ڪرڻ ڪان سواءِ ساڳي ڳالهه سادي نموني سمجهائي ٿو، اهو ان ڪري به ٿي سگهي ٿو ته يار محمد شاهه اداڪار هجڻ باوجود ماڻهن سان ڪا "اداڪاري" نٿو ڪري.

## سيد عالم شاهه

يار محمد شاهه تي لکڻ لاءِ هڪ وڏو وقت گهربل آهي ۽ هڪ ڏاڍو سريلو لکت جو ڏاوءُ پڻ هجڻ کپي، ڇاڪاڻ جو هي شخص رڳو ٽي وي اداڪار ئي ناهي پر ان سان گڏو گڏ اٿڪت جذبن ۽ اقرارن جو ٻيو نالو آهي، هن جي دل پر درد جو پهاڙ هردم ٻرندو رهي ٿو.

## جي. اين مغل

سينئر صحافي

روزانه "ڪاوش" پر "گلڻ جا گفتا" واري عنوان تحت يارمحمد شاهه جيڪي ڪالم لکيا تن پر هن طنز ۽ مزاح واري پنهنجي ان فن ذريعي جتي معاشري جا اگرا ۽ بدبودار پاسا وائکا ڪيا آهن اتي هن سنڌ سان پنهنجن توڙي پراون طرفان ٿيندڙ ويلن جي به نشاندهي ڪئي آهي. اها ڳالهه تسليم ڪرڻي پوندي ته هن ڪالمن پر يار محمد شاهه سنڌ سان ٿيندڙ انهن زيادتين جو ذڪر ڪندي رک رکاءَ بدران چٽو موقف اختيار ڪيو آهي. ساڳئي وقت انهن زيادتين سبب ڪيس جيڪا تڪليف پهتي آهي تنهن کي به هو لڪائي نه سگهيو آهي.

## منظور قريشي

P.M PTV ڪراچي

مون سندس انهن شروعاتي ڏينهن پر ائين ۽ اهڙو ٻنهه نه سوچيو يا سمجهيو هو ته ڪو ايندڙ وقتن پر هي اهڙي پرپور شڪل ماڻيندو ۽ هڪ گهاٽي وڻ جيان سنڌي ۽ اردو ڊرامن ۽ ادب جي ميدانن پر پراٽي سنڌوءَ جيان پالوٽ ڪندوءِ صحافت جي عرش تي ستارن جيان چمڪي پوندو.

## نار سهتو

سينئر صحافي

سنڌ جي عام ماڻهن وٽ پلي يار محمد شاهه جي سڃاڻپ "ڇڇڙي" واري مزاحيا اداڪار جي هجي. پر يار محمد شاهه کي جيڪي سڃاڻن ٿا انهن کي سڌ آهي ته هن شخص اندر هڪ وڏو بيقرار روح موجود آهي. جيڪو سنڌ جي ٿهڪن سان گڏ مرڪي ٿو ۽ سنڌ جي لڙڪن تي اوسارا ڪري روئي ٿو. عام طور تي اسان وارو اداڪار هر وقت ۽ هر هنڌ ان ڪان انڪاري رهي ٿو

# پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اوندا سونڌا ٻارَ

ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻرندڙ، ڀُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياڃوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جيِ دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنيٰ e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاريِ تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعويٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ ڪان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي ڪُليل اڪرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ ڪان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَياز علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالههَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَّ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاٿي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر کڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نه رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اڻٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان به پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪِي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)